





Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# آزاديءَ جو صبح

(ڪهاڻيون)

## پرويز




ٿَوُن ٿيا پيو اڪيڊمي

سچل ڳوٺ، ڪراچي، سنڌ

ڊجيٽل ايڊيشن:

2017ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

## حق ۽ واسطا

**ڪتاب جو نالو:** آزاديءَ جو صبح
**موضوع :** ڪهاڻيون
**ڪهاڻيڪار :** پرويز
**تعداد:** هڪ هزار
**ڇاپو پهريون :** نومبر 2015ع
**ڪمپوزنگ:** تنوير بليدي

**ڇپائيندڙ:**
**نئون نياپو اڪيڊمي،**
C_4 سچل ڳوٺ، گلشن اقبال ٽائون، ڪراچي سنڌ
Ph # 021_32624153, 34690389
Cell # 0333_32115821

**Rs. 150/=**



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# انتساب

سنڌ ۾
قومي ۽ طبقاتي آزاديءَ
جي جدوجهد ۾
پهرين صف ۾ بيهي
لازوال ڪردار ادا ڪندڙ
۽ شاندار سوڀ جا بنياد رکندڙ
ڪامريڊ علي سائين (علي سوڍو) مرحوم،
ڪامريڊ جبل سنڌي (رسول بخش ڏيٿو) مرحوم،
ڪامريڊ ابو ملاح مرحوم ۽
ڪامريد سائين علي محمد ميرانخور مرحوم
جي نالي انتهائي عقيدت ۽ احترام سان
لفظن جي هيءَ پيٽا پيش ڪيان ٿو.

**پرويز**



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **"آزاديءَ جو صبح"** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار **پرويز** جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي. انعام عباسي لکي ٿو:

"سنڌي ڪهاڻي اڄ جنهن اوج تي آهي، ان اوج ۾ ٻين اڳٽين ڪهاڻيڪارن سان ٻٽ ٻيٺل اسان جو پرويز پڻ آهي. جنهن لڳاتار ڪهاڻيون لکيون آهن ۽ بنا ڪنهن ساهيءَ جي، هو ڪهاڻين سان گڏوگڏ اڳتي وڌي رهيو آهي ۽ ائين سنڌي ڪهاڻيءَ جو ڪاتو ڪنهن نينهن نهوڙيل ڇوڪريءَ جي جهول وانگر رنگ برنگي گلن سان پرجندو ٿو وڃي ۽ اڄ جي ڪير سنڌي ڪهاڻيءَ جي ڇنڊ ڇاڻ ڪندو ته، ان ۾ ڪيس هر رنگ جون ڪهاڻيون ساهه کڻندي محسوس ٿينديون ...

هي ڪهاڻي ڪتاب : "آزاديءَ جو صبح" پڻ ان لهر جي هڪ لاڙ ئي ته آهي... پرويز هميشه حقيقت پسند لکت جو ساٿاري رهيو آهي ۽ ان سان گڏوگڏ هن ان ڳالهه جو پڻ خاص خيال رکيو آهي ته، پڙهندڙ کي ڇا ڏجي ۽ ڇو ڏجي... هن جا مڙوئي ڪتاب پنهنجي پنهنجي جاءِ تي وقت جي گهر آهن ڪوبه ڪتاب يا سندس لکڻي بنا ڪنهن ڪارج جي ناهي".

هي ڪتاب 2015ع ۾ **نئون نياپو اڪيڊمي، سچل ڳوٺ، ڪراچيءَ** پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون نئون نياپو اڪيڊمي جي سرواڻ انعام عباسيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# سٽاءُ

پبلشر جو نوٽ/ 7
ليکڪ پاران/ 8
آءُ پاڻ پرويز/ 10

# ڪهاڻيون

- آزاديءَ جي صبح جي ويجهو/ 13
- نازِلَ ۽ دادِلَ/ 27
- ڪجهه بہ ڪو نہ ٿيو/ 32
- پَوَن ۽ ڪرشما/ 36
- مرگهہ ترشنا/ 37
- حيوان جيتري گيريت/ 45
- منيءَ جي مني/ 47
- عشق انوک رنگ/ 57
- ڌرتي ماءُ/ 66
- چڪيا چاڪ چيهون ڪري./ 70
- ملهہ مهانگو سپرين/ 82



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# پبلشر جو نوٽ

سنڌي ڪهاڻي اڄ جنهن اوج تي آهي، ان اوج ۾ ٻين اڻڳڻين ڪهاڻيڪارن سان ٻڌ ٻيڻل اسان جو پرويز پڻ آهي. جنهن لڳاتار ڪهاڻيون لکيون آهن ۽ بنا ڪنهن ساهيءَ جي، هو ڪهاڻين سان گڏوگڏ اڳتي وڌي رهيو آهي ۽ ائين سنڌي ڪهاڻيءَ جو ڪاتو ڪنهن نينهن نهوڙيل ڇوڪريءَ جي جهول وانگر رنگ برنگي گلن سان پرجندو ٿو وڃي ۽ اڄ جي ڪير سنڌي ڪهاڻيءَ جي ڇنڊ ڇاڻ ڪندو ته، ان ۾ ڪيس هر رنگ جون ڪهاڻيون ساهه ڪڻندي محسوس ٿينديون...

هي ڪهاڻي ڪتاب : "آزاديءَ جو صبح" پڻ ان لهر جي هڪ لار ئي ته آهي...

پرويز هميشه حقيقت پسند لکت جو ساٿاري رهيو آهي ۽ ان سان گڏوگڏ هن ان ڳالهه جو پڻ خاص خيال رکيو آهي ته، پڙهندڙ کي ڇا ڏجي ۽ ڇو ڏجي...

هن جا مڙوئي ڪتاب پنهنجي پنهنجي جاءِ تي وقت جي گُهر آهن ڪوبه ڪتاب يا سندس لکڻي بنا ڪنهن ڪارج جي ناهي...

انڪري ئي نئون نياپو به سندس ڇاهڪن منجهان وڌي وقت کان لڳاتار آهي...

نئون نياپو اڳ به سندس چار ڪتاب پڌرا ڪري چڪو آهي ۽ هي ڪتاب به سندس سان ان ئي چاهه جو اولڙو سمجهيو وڃي...

۽ ايندڙ وقتن ۾ به نئون نياپو سندس ڪتاب پڌرا ڪندي سرهائي محسوس ڪندو...

ان آس پٽاندڙ هي ڪتاب پڌرو ڪجي ٿو ته اڳين مڙوئي ڪتابن جيان هي به اوهان جي من آڱر تي ڪنهن ڪبوتر جيان لهي سگهندو...

اوهان جو

**سنڌي انعام**

چيئرمين

نئون نياپو اڪيڊمي



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

پنهنجن ڪتابن جا مهاڳ

# ليکڪ پاران

1960ع، ستر ۽ اسي وارن ڏهاڪن ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ تي ڪيئن تجربا ڪيا ويا. وڏا وڏا ڪهاڻيڪار ميدان ۾ لٿل هئا. امر جليل، حميد سنڌي، غلام رباني، نجم عباسي، قمر شهباز، طارق اشرف، قادر جوڻيجو، عبدالحق عالماڻي، شوڪت حسين شورو، علي بابا، سراج، رسول بخش پليجو، جيجي زرينه، ماهتاب محبوب، خيرالنساءِ جعفري، نورالهديٰ شاهه سميت ٻيا به ڪيترائي ناميارا ڪهاڻيڪارَ سنڌي ڪهاڻيءَ کي ترقي وٺرائڻ جي ڪوشش ۾ لڳا پيا هوندا هئا. ائين ڪٿي چئجي ته اُهو دور، جن حالتن مان گذري رهيو هو انهن مطابق سنڌي ڪهاڻيءَ لاءِ تجرباتي دور هو. وڏن وڏن ڪهاڻيڪارن سان گڏ اسان جهڙا سيڪڙات ڪهاڻيڪار به پنهنجي وِتِ ۽ وَس آهر اُن ساٺ سان سلهاڙيل هئا.

اُن مهل ڪن ڪهاڻيڪارن حڪومتي ڏاڍ ۽ جبر جي عتاب کان بچڻ لاءِ پنهنجي ڪهاڻين ۾ مقصد جي ڳالهه کي گهمائي ڦيرائي، رومال ۾ ويڙهي تي پيش ڪيو. ڪن ڪهاڻيڪارن وري نون آيل مسلمانن جي فتوا جي عالمن جي ڪفر جي فتواحن کان بچڻ لاءِ حيلا تي هلايا ۽ ڪن ته وري سمورين ڏاڍائين جي پرواهه نه ڪندي سڌي ڳالهه سونتي جي تي ڪئي. ڪن ڪهاڻيڪارن ابتا جملا لکي سنڌي گرامر جي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ٻيڙي پٽي ٻوڙي، ڪن پٽي چيو ته ادب ۽ سياست به الڳ الڳ شيون آهن. تنهن ڪري سياست کي ادب ۾ گهلي اچڻ ضروري ڪونهي. ڪن چيو ته ادب براءِ زندگي هجڻ گهرجي ۽ جيئن ته سياست پڻ زندگيءَ جو هڪڙو اهم پهلو آهي تنهن ڪري سياسي معاملن کي پڻ مختلف ادبي صنفن جي ڍانچي ۾ سموئڻ گهرجي.

بهرحال، ڪهاڻيءَ جو سفر هلندو رهيو. سيڪڙات ڪهاڻيڪار پوڙها تي ويا ۽ پوڙهن ڪهاڻيڪارن مختلف سببن جي ڪري ڪهاڻي لکڻ تان ئي هٿ ڪٽي ڇڏيو. ڪي ته مرڳو هي جهان ئي ڇڏيا ويا. وري نون لکندڙ جون ڪيپون ظاهر ٿيڻ لڳيون آهن. هن وقت لکڻ تي ڪا گهڻي پابندي ڪانهي. تنهن ڪري لکندڙن کي پنهنجي ماڻهن ۽ ڌرتيءَ جي ڳالهه ڪرڻ جو موقعو مليو ٿو وڃي ۽ لکندڙ بي خوف ٿي محبت، نفرت، انتقام، ڏاڍ، جبر، بالادستي، والار، ڪرپشن، دهشت گردي، قبضه گيري، ڀته خوري، ٻه نمبري سياست، قوم پرستيءَ جي آڙ ۾ ڏنڊي بازي ۽ مذهب جي غلط استعمال سميت هر موضوع تي کليءَ دل سان لکي سگهي ٿو. ماحول ۾ موجود گدلائڻ، نشو ۽ جسم فروشيءَ کان وٺي زندگيءَ جي هر ننڍي وڏي پهلوءَ تي لکي سگهي ٿو. قوم ۽ ڌرتيءَ کي درپيش خطرن ۽ انديشن جي باري ۾ لکي سگهي ٿو. حڪومتي واڱڙپ، قانون جي لتاڙ ۽ وڏيرن جي پيدا ڪيل معاشري ۾ پستيءَ ۽ زواليءَ بابت به


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

لکي سگهي ٿو.

تنهن ڪري اڄ جي نئين ٿهيءَ جي ليکڪن کي ڪالهہ جهڙي مشڪل صورتحال سامهون ڪانهي. ماهوار، سلسليوار، هفتي وار، پندرهن روزه ۽ ٽماهي رسالا بہ جام نڪرن پيا. تنهن کان سواءِ تمام گهڻين روزانہ سنڌي اخبارن ۾ بہ هفتيوار مئگزين ۽ ادبي ايڊيشن بہ شايع ٿين پيا. سو ڪلهہ جي ڀيٽ ۾ اڄ اسان کي لکڻ ۽ پڙهڻ جا موقعا وڌيڪ آهن. اهڙي صورتحال ۾ ٿيڻ تہ ائين کپندو هو تہ رڳو اديبن ۽ شاعرن جي اڪيلي سر ئي ايتري ڳڻپ ۾ تعداد هجي ها، جو رڳو اسين اديب ۽ شاعر ئي سندرو ٻڌي اٿي پئون تہ ڪر ڪيترائي اسان جي قوم ۽ ڌرتيءَ جا مسئلا حل ڪري وجهون ها. پر هن بدقسمتيءَ کي، يا وڏيرڪي سازش کي ڇا چئجي، جو اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ تعليم بدران نشي، هٿيارن، ڪاپي ڪلچر، پتہ خوري ۽ بدڪرداريءَ جهڙيون وبائون پلجي رهيون آهن. جتان ٻار پڙهي انسان ٿي نڪرڻ بدران وحشي جانورن ۽ دهشتگرد ٿي پيا نڪرن. اهڙن وحشي جانورن کي ادب ۽ شاعريءَ جي، قوم ۽ ڌرتيءَ جي مسئلن کي سمجهڻ، پروڙڻ ۽ حل ڪرڻ جي ڪهڙي پرواهہ!؟

ان جي باوجود بہ، هينئر بہ پراڻن شاعرن، ڪهاڻيڪارن ۽ ليکڪن سان گڏ ڪافي نوان نالا بہ سامهون اچن پيا جن پنهنجي پنهنجي ميدان ۾ چڱا چوکا پير پريا آهن. نالن جي ڊگهي لسٽ آهي. پر رڳو ڪهاڻيءَ جي ميدان ۾ ج ـ ع منگهاڻي صاحب کان وٺي رسول ميمڻ، غفور ميمڻ، انور شيخ، انور ابڙو، منظور ڪوهيار، عبيد راشدي، حسيب ڪانهيو، سلام ٿهيم، شوڪت لوهار، اختر حفيظ تائين ۽ ٻيا ڪيترا دوست وقت جي گهرجن کي سامهون رکي مختلف موضوعن کي ڪهاڻيءَ جي تاڃي پيٽي ۾ سموئي پيش ڪن ٿا. جن سان موجوده سنڌي قوم ۽ سنڌ ڌرتيءَ کي درپيش مسئلن، خطرن، انديشن ۽ امڪانن جي پروڙ پوي ٿي.

آئون بہ اِن سلسلي ۾، پنهنجي جهڙي تهڙي حال سان اِن سفر جي ساٿين سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائي هلڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيو آهيان. اِهو سفر، جيڪو مون پنهنجي پهرين ڪهاڻي ”اونداهي رات“ ماهوار ”بادل“ حيدرآباد ۾ مارچ 1967ع واري پرچي ۾ شايع ٿيڻ سان شروع ڪيو هو سو اڃا جاري آهي. ان سفر دوران هيءُ منهنجو نائون ڪهاڻي ڪتاب شايع ٿيو آهي. ڪيئن آهي؟ ڪهڙو آهي؟ اُن راءِ جو اظهار ڪرڻ لاءِ اوهان پڙهندڙن کي منهنجي نماڻي گذارش آهي.

**پرويز**

سنڌ ميڊيڪل اسٽور
ميرپوربٺورو
سجاول ـ سنڌ
موبائيل: 0308_3065201
اپريل 2015ع



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

## پروفائيل

# آءُ پاڻ پرويز...... !

تڏهن، جڏهن ٽنڊوڄام واري موجوده زرعي يونيورسٽي اڃا يونيورسٽي ڪا نہ بڻي هئي ۽ اڃا سنڌ زرعي ڪاليج هو، آءُ اتي پڙهندو هوس (1963ع کان 1968ع). اوڻيهہ سئو چوهٺ، پنجهٺ وارو زمانو هو. اسين ڪاليج جا ڇوڪرا ويڪ اينڊ ملهائڻ لاءِ حيدرآباد وڃي فلم شو ڏسندا هئاسين ۽ واپسيءَ مهل ڪراچيءَ کان ميرپورخاص ويندڙ مهراڻ ايڪسپريس ۾ بنا ٽڪيٽ سفر ڪري ٽنڊوڄام ۾ ايندا هئاسين. ٽنڊوڄام ۾ رهندڙ ميمڻ برادريءَ جا بہ ٽي چيگرا ناهوڪڙا ڇوڪرا، اسان ڪاليجي ڇوڪرن سان اسٽيشن تي چيٽنگ ڪندا هئا ۽ هر ڪنهن کي چوندا هئا: ”توهان کي ”پرويز“ سلام ڏنا آهن“. هڪ ڀيري مون کي بہ ڦري آيا ۽ چيائون ”توهان کي پرويز سلام ڏنا آهن.“. پڇيو مانِ ”پرويز ڪهڙو؟“ چيائون ”پرويز کي ڪو نہ سڃاڻين؟ هُو تہ توکي گهڻو سڃاڻي....!“ ”پر پرويز آهي ڪٿي؟“ وري پڇيومان. چيائون تہ ”ڪُنري ۾.“ اهڙي طرح هو تہ ڀوڳ ڪندا، ڪلندا هليا ويا ۽ آءُ بہ هاسٽل ڏانهن وڃڻ لڳس. پر هلندي هلندي هڪ تجسس دل ۾ جنم وٺڻ لڳو. ”پرويز....!“ هڪ تہ نالو مون کي ڏاڍو وڻيو. ٻيو تہ اڻ ڏٺي شيءِ کي ڏسڻ جو تجسس، اشتياق ۽ خواهش ڳر موڙڻ لڳي. پر اوڏيءَ مهل پرويز کي ڪُنريءَ ۾ وڃي ڏسڻ منهنجي وس کان ٻاهر هو. ڪجھ ڏينهن پرويز منهنجي حواسن تي ڇانيل رهيو ۽ پوءِ.... پوءِ.... مون پنهنجو پاڻ لاءِ پنهنجو ادبي نالو پرويز طئي ڪري ڇڏيو. خالي پرويز.... نہ اڳيان ڪجھ ۽ نہ پٺيان ڪجھ.

ڪجھ سال پوءِ، منهنجو ڪنريءَ وڃڻ ٿيو. يار محمد خاصخيلي ۽ سندس سئوٽ جان محمد خاصخيلي منهنجا دوست هئا ۽ ڪنريءَ جي پاسي ۾ ڀرواڙيءَ ۾ سندن زرعي فارم تي رهندا هئا. آءُ هفتو کن سندن زرعي فارم تي رهيو پيو هوس. هڪ ڏينهن مون کي پيٽ ۾ سور ٿي پيو. جان محمد چيو تہ هلون ٿا ڊاڪٽر پرويز وٽ. پرويز جو نالو ٻڌي منهنجا ڪن کڙا ٿيا. پڇيومانس:

”اِهو ڊاڪٽر پرويز ڪير آهي؟“

”ٽنڊي ڄام جو ميمڻ آهي. ڀرپائين سندس والد ڊاڪٽر هو ۽ هاڻي پاڻ ڪلنڪ هلائيندو آهي“. جان محمد چيو ۽ آءُ ٽبيءَ ۾ پئجي ويس.

۽ جيڏي مهل اسان سندس ڪلنڪ ۾ گهڙياسين تہ مون کي انتهائي خوبصورت، گول مٽول ۽ هڪڙو ڳوري رنگ وارو واهہ جو ناهوڪڙو نوجوان سندس ڪرسيءَ تي ويٺل نظر آيو. اُن ڀرئين پل ۾ ئي منهنجي دل خوش ٿي ويئي پاڻ تي پنهنجو ادبي نالو پرويز رکڻ واري فيصلي تي.

ملياسين ۽ حالي احوالي ٿياسين. منهنجي پيٽ جي سور جو علاج بہ ٿيو. ”هُن پرويز.... ڊاڪٽر پرويزَ مون ڪهاڻيڪار پرويز جي فراخدليءَ سان خاطر توازہ ڪئي. جڏهن مون پاڻ پرويز بنجڻ جو



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

قصو ڪيس ٻڌايو تہ ڏاڍو محفوظ ٿيو. اُها اسان جي پهرين ۽ آخري ملاقات هئي، شايد 1979ع ۾.

ها، آءٌ ئي اُهو پرويز ڪهاڻيڪار آهيان، جنهن پاڻ تي پنهنجو ادبي نالو بہ پرايو چورائي رکيو آهي. نالو تہ برابر مون پرايو چورايو آهي، پر ادبي پورهيو مون پنهنجو پاڻ ڪيو آهي. اُن تي ڪنهن کي شڪ گمان نہ هئڻ گهرجي ۽ هينئر تائين منهنجي ڪاتي ۾ هيئيون پورهيو ۽ ثمر شامل تي چڪو آهي ۽ اجان سفر جاري آهي. جيستائين سرير ۾ سگهہ باقي آهي:

آءٌ علي محمد ميمڻ، 1945ع ۾ ڄايس ۽ ڪاليج جي تعليم دوران 1965 ۾ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيم ۽ اجا لکان پيو. 25 آڪٽوبر 2013ع تي هِن لکڻيءَ کان اڳ بہ سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر ۾ چار ڪهاڻيون لکيون اٿن. منهنجا اٺ ڪهاڻي ڪتاب ڇپيل آهن ۽ نائون هيءُ آهي.

1: سڄي تنهنجو سڏ (1978ع)
2:رت جا ڦڙا (1989ع)
3: وڇايل مُرڪ (2006)
4: ماڃرجي حُور (2007)
5: منهنجو پاڻي بند نہ ڪجانءِ (2007)
6: دل جي دري (2008)
7: ڳوڙهن جا ڪبوتر (2011)
8:اکين ۾ رهجي ويل عڪس

هڪ ناول- لُڙڪن آجا نيڻ (2006) پنهنجي آتم ڪٿا "پيهي جان پاڻ ۾..." پهريون حصو 2010ع ۾ شايع ٿيو آهي. آتم ڪٿا جي ٻئي حصي تي ڪم جاري آهي. 2 ناول پريس ۾ آهن، (مارچ 2015ع ۾ "اجا پنڌ ۾ آهيون" ۽ ٽياس تي تنگيل" شايع ٿي چڪا آهن) خاڪن، تاثرن، اپياس ۽ مضمونن تي مشتمل هڪ ڪتاب ڇپائي لاءِ تيار آهي. ان کان سواءِ 1: "پراڻو ڳوٺ نئون ڳوٺ" انگريزي مان ترجمو (2) "فلسطين، جدوجهد آزادي" انگريزي مان ترجمو (3) "پنڌ اڙانگاپٻ جا" انگريزيءَ مان ترجمو (4) "شاهراهہ دهلي" انگريزي مان ترجمو (5) "پيءُ جا ڏيءَ ڏي خط"، انگريزي مان ترجمو (6) "ڏونگر منجهہ ڏيئو"، اردوءَ مان ترجمو (7) "اسپارٽيڪس" اردوءَ مان ترجمو (8) "وڇوڙي جا وڍَ" اردو مان ترجمو شايع ٿيل آهن. گڏوگڏ:

(1) حفيظ خان جون ڪهاڻيون "ويندڙ رت جي شام" سرائيڪي ڪهاڻين جو ترجمو (2) "تمهاري شهر ۾" (ناول) جو سنڌيءَ مان اردوءَ ۾ ترجمو بہ شايع ٿي چڪا آهن. (1) هل تہ دهلي گهمون (سفرنامو) جو سنڌيءَ مان اردوءَ ۾ ترجمو (2) انقلابي پارٽي ۽ ڪارڪن (ليڪچر، رسول بخش پليجو) جو سنڌيءَ مان اردوءَ ۾ ترجمو بہ پريس ۾ ڇپائي هيٺ آهن.

ڪجهہ نظم (ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل) بہ منهنجي فائيل ۾ شامل آهن.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

1967ع کان وٺي هيستائين سنڌيءَ ۾ نڪرندڙ تقريبن هر هفتيوار، پندرهن روزه، ماهوار ۽ ماهي، ٽه ماهي رسالن، ڊائجسٽن ۽ اخبارن جي ادبي صفحن ۾ منهنجون ڪهاڻيون شايع ٿينديون رهنديون آهن.

روشني پبليڪشن، نيو فيلڊس پبليڪيشن، سچائي اشاعت گهر ۽ نئون نياپو اڪيڊمي، عظمت اڪيڊميءَ فڪشن طرفان منهنجا ڪتاب ڇپرايا ويا آهن. ماهوار امرتا، ماهوار اديب، ماهوار سوجهرو، هفتيوار سنڌو ڊائجسٽ، پندرهن روزه عبرت ميگزين ۽ ٽه ماهي سرهاڻ سميت مختلف رسالن ۾ انٽرويوز، سيلف انٽرويوز ۽ ڪارنرس شايع ٿي چڪا آهن.

۽ مون پرويز کي (1) سنڌي ادبي سنگت سنڌ پاران اسپارٽيڪس جي ترجمي تي بهترين مترجم جو ايوارڊ ڏنو ويو. (2) ماهوار سوجهرو پاران بهترين ڪهاڻيڪار جو ايوارڊ. (3) شاهه عنايت پريس ڪلب ميرپوربٺورو پاران ڪهاڻي سيڪشن جو ساحر پريمي لائف اچيومينٽ ايوارڊ. (4) انيس انصاري اڪيڊمي پاران ڪهاڻي ڪانفرنس ۾ بهترين ڪهاڻيڪار جو ايوارڊ. (5) سنڌي ادبي سنگت سنڌ پاران بهترين آتم ڪٿا (ناول) جو ايوارڊ. (6) پيٽائي آرٽس ڪائونسل سنڌ طرفان بهترين ڪهاڻيڪار جو ايوارڊ. (7) سنڌي ادبي سنگت سنڌ ڪهاڻي ڪتاب ”ڳوڙهن جا ڪبوتر“ تي بهترين ڪهاڻيڪار جو ايوارڊ ڏنو ويو آهي. پر انهن ايوارڊس کان وڏيڪ انهن قربدارن جي قرب ۽ محبت جو احسانمند آهيان، جن مختلف موقعن تي مون کي شاباش ڏيئي منهنجي همت افزائي ۽ حوصلہ افزائي ڪئي، جن ۾ محمد ابراهيم جويو، تاج بلوچ، رسول بخش پليجو، الطاف شيخ، اختر جانوري، انور بلوچ، نجم عباسي ۽ ٻيا شامل آهن.

آءُ پرويز، انهن قبردارن جو ٿورائتو آهيان جن مون تي مختلف وقتن تي آرٽيڪل لکيا ۽ انهن جو به، جن منهنجي ڪهاڻين تي تنقيد ڪئي. سندن ٿورا ٿورا نہ ڇٽبا.

(ماهوار سوجهرو جي ٿورن سان، ڪجهہ وڌايل ۽ تاريخن جي درستگي سان)

**پرويز**

25 آڪٽوبر 2013ع
0308_3065201



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# آزاديءَ جي صبحَ جي ويجهو..... !

”او نندڙپڻ جا ساٿيئڙا، .... اسين ياد آهيون يا وسري وياسين...! اسين ياد آهيون يا وسري وياسين....!...... (ماٺ)...... اسين..... ياد آهيون..... يا....!“ (سڏڪو) ۾ سڏڪي باقي لفظ ڳيهي ڇڏيا ۾ سهڻي، جيڪا فوزيه سومرو جي ڳايل ڪلام جا ورلاپ دل ئي دل ۾ آلاپي رهي هئي، تنهن کان، سڏڪي نڪرڻ کان اڳ ۾ صرف ”اسين ياد آهيون يا...“ جا لفظ ئي آواز جي صورت اختيار ڪري سگهيا هئا. تيستائين سندس ضبط جواب ڏيئي ويو ۽ هوءَ اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي.

سهڻي سندن گهرن کان ٿورڙو پريرو ڀنيءَ تي ويٺي رهي هئي. وهير جو ريج پڳل هو. ٻن ڏينهن کان وهير جاري هئي. فجر جون ٻانگون سوير پرو اچي چڪيون هُيون. پر سج نڪرڻ ۾ به اجا ڪجهه دير هئي. آسمان تي هلڪا هلڪا ڇانيل ڪڪر هوا تي ڏکڻ کان اتر طرف ڊوڙي رهيا هئا. ڏکڻ جي ڇيڳري هوا پنهنجي ٿڌاڻ سان بدن ۾ ڪتڪتايون ڪري رهي هئي. سانوڻ جي اچڻ جا آثار آهستي آهستي چٽا ٿيندا پئي ويا. لاڙ جي علائقي ۾ رونبو شروع ٿي چڪو هو. جون جو پهريون هفتو هلي رهيو هو. هن مهل جا ڏينهن سخت ڪاڙهي ۽ گرميءَ جي ور چڙهيو ٿي ويا. پر هِن موسم جون راتيون هوادار ۽ ٿڌيون اهڙيون، جو جيڪو جِت ڪريو سو تِتِ الله واهي! وچي ٿيا ست خير! صبح جو پٽيو پٽيو اٿارجي، ته به همراهه پيير ئي نه جهلي. پڇاڙڪي رات جي ننڊ جي ڳهر به اهڙي، جو ڇٽيون ڳالهيون! اجا مچرن جو مارو به شروع ڪو نه ٿيو هو.

سهڻي اڄ معمول کان اڳ ۾، اڪيلي گهران نڪري ڀنيءَ تي ويٺي رهي هئي. هُن احتجاجن صبح واري ڇانهه جو به انتظار ڪو نه ڪيو ۽ اڳي وانگر ٻين سان گڏجي وڃڻ لاءِ به ڪا نه ترسي. رات کان وٺي سندس ڇيهه ڇڄي پيا هئا. هُن سڄي رات روئندي روئندي گذاري هئي. هُوءَ اڄ ڏاڍي اداس هئي. سندس وياڪل من تي مٽن جو بوجهه محسوس ٿي رهيو هو. هُوءَ ٻنهي پاسان ٻارن ۾ موجود پاڻيءَ جي وچان پڪو ٻنو وٺي اڳيان وڌي رهي هئي. هوءَ لاڳيتو ڊِڪون ڏيئي روئندي پئي ويئي. هن جون هينئون اڌ اڌ ٿي رهيو هو. لڙڪ سندس سانورين مِٽِنِ کان لڙي رهيا هئا. هُن کي اڄ، رات کان وٺي، گلاب بيحد ياد اچي رهيو هو. هُن، انهن اوڇنگارن، سڏڪنءِ اُسِرِڳن جي وچان، پنهنجي وهلورجي ويندڙ جذبن کي بيهر آواز جي صورت ڏني:

”اڄ ڙي جانيئڙا، جدا ٿي ٿي ماري
ورڙي ساٿيئڙا، وڇوڙو ٿو ماري....“

وڏي ڊِڪَ ۽ پوءِ مسلسل سڏڪا، سندس وهلورجي ويندڙ جذبا وکرڻ لڳا.... لڙڪن جون سَرِيون ٿميون ئي ڪو نه ٿي....

”او نندڙپڻ جا ساٿيئڙا.... اسين ياد آهيون يا.....



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

وسري.... وياسين...!“

سهڻي ان ٻاري تائين پهچي ويئي هئي، جنهن ۾ اڄ کين وهير ڪرڻي هئي. هُن گوڏن تائين سٿڻ جا وَرَ مٿي ڪنيا. سندس گول گول، لسيون لسيون، گوڏن کان هيٺ ماسيريون ۽ ملوڪڙيون ٽنگون لياڪا پائڻ لڳيون. هُن پنهنجي پوتيءَ کي ورائي سريکو ڪري چيلهه سان ٻڌو ته جيئن ڪپڙا گِپ چڪ ۾ خراب نه ٿين.

هُوءَ جُتي لاهي ريج ٿيل ۽ گراڙا چِٽلَ ٻاري ۾ لهي پيئي ۽ هڪ ڪُنڊ کان بيهي وهير ڪرڻ ۾ جُنبي ويئي، پر..... پر گلاب جي ياد هڪ پل لاءِ به سندس پيڇو ڪو نه پئي ڇڏيو ۽ گڏوگڏ گهر ۾ راتوڪي ٿيل ڪانجاڻ به کيس پريشان ڪري رهي هئي.

سهڻي ويهن سالن جي پلوڙ زال هئي. رنگ، سو سانورو ضرور هوس، باقي ٻيون ڇتيون ڳالهيون، حسن بي مثال هوس. ٻن ڀائرن جي اڪيلي ۽ ٻنهي کان ننڍي ڀيڻ هئي. ماءُ پيءُ جي لاڏلي ۽ ڀائرن ۽ ڀاڄائين جي دادلي هئي. سڄو گهر کيس ڀائيندو هو. نپ ٻهراڙيءَ جو ماحول هو. تعليم ڇوڪرن لاءِ ئي اڻ لپ هئي ته ڇوڪريون وري ڪٿان پڙهنديون! جن جن ڳوٺن ۾ اسڪول هئا، تن ۾ وري ماستر غير حاضر هئا، جي ماستر هئا ته ٻار ڪو نه ٿي آيا. ڪٿي مائٽن جو توجهه ڪو نه هو ته ڪٿي سرڪار ماسترن کان منٿليون وٺي جاڙي واٽي اسڪول بند ڪرايو ويٺي هئي. مختلف جاين تي مختلف سبب هئا، پر نتيجو اِهو نڪتو آهي جو تعليم زيرو پوائنٽ تي ئي ديرو ڄمايو ويٺي آهي. سو سهڻي به پڙهي ڪا نه سگهي هئي. سندس ڀائر ۽ ڀاڄايون به اڻ پڙهيل هئا. سندس ماءُ ۽ پيءُ به اڻ پڙهيل هئا. زميندار جي زمين جي هڪڙي ڪنڊ تي هڪڙو ڪڪائون گهر اڏي اچي ويٺا هئا. پر، پر هڪڙي ڳالهه منجهن نرالي هئي، ساهيءَ ته، توڙي جو سڄو گهر اڻ پڙهيل هو پر تنهن هوندي به اهو گهر فضليت ڀريو هو. ساڃانونڊ هو. سندن ڪو به عمل، ڪا به گفتارَ ڪنهن جي رنج ۽ ڏنج جو سبب ڪا نه ٿي بڻي. کين اهڙي ڪا مائٽاڻي سُٽي پيٽ ۾پيل هئي، جو هو ڪڙو ٻولڻ ته سکيا ئي ڪو نه هئا. اصل پرائي ڪان پڳل. نه ڪنهن جي گلا نه غيبت، نه ڪنهن جي هنئيءَ ۾ ۽ نه ڪنهن جي ڪنئيءَ ۾!. بنهه پنهنجيءَ ۾ پورا، تنهن ڪري کين ڀائڻ وارا گهڻا هئا.

گلاب به سندن مِٽيءَ مان هو. پر هُو وٿائن ڏهه ٻارهن ڪلوميٽر پري هڪڙي ننڍي شهر جهڙي ڳوٺ ۾ رهندو هو ۽ سندن وچ ۾ اچڻ وڃڻ چنڊاٽي جمعاٽي، ڪنهن شادي مراديءَ تي يا ڪنهن جي موتي فوتيءَ تي ٿيندو هو. انهيءَ اچ وڃ دوران گلاب جي خوشبوءَ سان سهڻيءَ جو سراپا واسبو رهيو. آهستي آهستي، بنهه ٻليءَ پير ٻليءَ پير، گلاب جون نگاهون پنڌ ڪري سهڻيءَ جي سانوري ڇهري جي چوڏاريءَ پيون چڪر ڏينديون هيونءِ ڪيڏي ڪيڏي مهل، جيڏي مهل سهڻيءَ جي جوانيءَ جي مخمور نگاهن سان ٽڪراءُ ٿيندو هو، تيڏي مهل ماٺاري پاڻيءَ ۾ ڪريل ڪنڪر جيان مانڌاڻ مچي ويندو هو. موٺ ۾ سهڻيءَ جي اکين ۾وِچ وراڪا ڏيڻ لڳندي هئي ته سانورن چپڙن تي اڻ لکي مرڪ مهڪي پوندي



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

هئي.

هڪ ڀيري گلاب سهڻيءَ جن جي ڳوٺ پرسان موجود هڪڙي درگاهه تي لڳندڙ ساليانِي ميلي جي موقعي تي اچي وٽن مزمان ٿي ٽڪيو هو. سائي سومر (چنڊ واري مهيني جو پهريون سومر) جي رات ميلو لڳندو هو. سڄ لٿي کان وٺي سو مهڻيءَ تائين زيارتين لاءِ عام خيرات جي ماني جو بندوبست هوندو هو. پوءِ عالم سڳورا وعظ فرمائيندا هئا ۽ ان بعد مولودن جي محفل شروع ٿيندي هئي, جيڪا فجر جي اذان تائين جاري رهندي هئي. گلاب سڄ لٿي ڏاري هنن وٽ پهتو هو. پوءِ هُو سهڻيءَ جي ڀائرن سان گڏجي درگاهه تي ويو. لنگر ڀاڻي به اُتي کيائين. رات سڄي مولودن جي محفل ٻڌائين. صبح جو سوير اچي هنن جي گهر سهڙيو. واپس ڳوٺ ورڻ جي کيائين پر موڪل ڪا نه مليس. چيائونس: ”سڄي رات جو اوجاڳو آهي, سو هينئر سمهي ڪر ننڊ. ٻيهري ڪائي پوءِ شام جو شهر مان چڪر چاڙي ڏيئي اچجو گهر. رات جو ڪنداسين ڪچهري, صبح جو اول خير, جي وڃڻ جي اجائي تڪڙ هجي ته هليو وڃجانءِ. هونئن به پويان تنهنجا ڪهڙا سنها ٻچا آهن جيڪي توکي سارِيندا. توکي آهي ٻڌو سوجهڙو هُتي, تهڙو هِتي!“.

اهڙي طرح گلاب اُتي ٻي رات به رهي پيو. دل ۾ ته اڳي ئي راضي هو پر جيڪا ڀاهرئين ٻني نه نه پئي ڪيائين, تنهن تان به هٿ کڻي ويو ۽ ٽِڪي پيو. وچئين ٽاڻي, هڪ موقعي تي گلاب ۽ سهڻي ٻنهه نوبڪلائيءَ ۾ آمهون سامهون اچي ويا هئا. گهر جي گهٽيءَ کان ٿورڙو ٻاهر لڳل ڀاٽيءَ جي نلڪي مان سهڻيءَ پاڻي پئي ڀريو ۽ گلاب سهڻيءَ جي ڀاءُ سان گڏ ٻنيءَ تان چڪر هڻي, ڀيرَ ڏوڙ مٽيءَ ۾ ڀري اچي پهتو هو. سو کيس پير ڌوئڻا هئا. سهڻي هَٽَ, نلڪو هلائي گهڙو ڀري رهي هئي. ڀاڻس ته سٽ ڏيئي گهر اندر هليو ويو. پر گلاب اتي بيهي نلڪو واندو ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. ائين بيني بيني ڀاٽيءَ جو گهڙو ڀرجي ويو ۽ هارجڻ به لڳو. پر پوءِ به نلڪو لاڳيتو هليو پئي. گلاب هارجندڙ گهڙي کي ڏسڻ لڳو ۽ پوءِ وري سهڻيءَ ڏانهن نهاريائين. هن جا هٿ بي اختيار هلي رهيا هئا ۽ اکيون هڪ ٽِڪَ گلاب کي گهوري رهيون هيون. گلاب هن ڏانهن نهاريو ته نگاهون ٽڪرائجي ويون. نه رڳو ٽڪرائجي ويون, پر ٻڪجي ويون. رڳو نلڪي جي چَڪِڙ چَڪِڙ جي آواز مان خبر پئي پئي ته نلڪو هلي رهيو آهي. پر ٻيو ڪنهن کي ڪو هوش ڪو نه هو. هوڏانهن نلڪي جو پاڻي گهڙي مان پلٽي هارجي رهيو هو ته هيڏانهن وري نينهن اُڇلون ڏيئي, اوهيرا ڪري وسي رهيو هو. هو ٻئي هڪ ٻئي جي اکين ۾ وڃائجي ويا هئا. الاجي ڪيتري دير تائين.... نيٺ گلاب چيو:

”پاڻي هارجي پيو...“

”سا ته اکين ڏني ڳالهه آهي, گهڙو ڀربو ته پلٽندو ته ضرور!“ سهڻي مُرڪي پيئي ته ٻئي مرڪي پيا. آس پاس مرڪي پيئي. سڄي ڪائنات مرڪي پئي. ڪرينا ڪپور جي (هندوستاني فلمي اداڪاره) مرڪ ماند پئجي ويئي, آها, آها... ڇا ته مرڪ هئي سهڻيءَ جي. هُن جي سانورن ڇپن تي حيا ۽ حجاب ڀري



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

مُرڪ! هُن جي اکين ۾ پيار جا پريل سمونڊ!! هُن جي انگ انگ مان ڦٽي نڪرندڙ تڙيل ڏاڙهون جا گل!!!
۽ گلاب سندس اکين جي مئي جي مستيءَ ۾ گم ٿي ويو.
”مون کي پير ڏوٽا آهن“. گلاب مرڪندي چيو.
”ڪي ڪي ماڻهو ته ساري ڄمار ڪنهن جا پير ڌوئي پيئڻ لاءِ سڪندا رهجي ويندا آهن. پر تون هليا، نلڪو هلي پيو.“
”مون سمجهيو ڪو نه!“ گلاب نلڪي کي ويجهو ٿيندي چيو.
”انگريچي ته مون به ڪو نه ڳالهائي آهي، جو نٿو سمجهين!“
”سهڻي!“
”جي چُئانءِ“.
”تون ڪيڏي ملوڪ آهيئين، اِها ڪا ڪبر آهيني؟“
”هٽ هٽن کان پلا پيا آهين. آئون ڪيڙي باگ (باغ) جي موري آهيان؟ مون کي ڪير ٿو پڇي؟!“
”بروبر، اِجَ ته آهي. پر ڪڏهن ڪنهن شيءِ جو دنگ به ٿيو وڃي. مون جي نظر ۾ ته حُسن به تو وٽ پهچي دنگ جو ليڪو ڪڍي ڇڏيو آهي.“
”اِهو تون جي نظر جو دوکو آهي. نه ته ٻيو ڪير ته مون ڏانهن اک کڻي به ڪو نه نهاريندو آهي.“
سهڻي ڀهريائين مُرڪي ۽ پوءِ اهڙي ته ملوڪڙي کِل کليائين، جنهن گلاب جا وڻ وڄائي ڇڏيا. هُو رڳو سندس منهن ۾ نهاريندو رهيو.
”اِها ڳالهه تون جي به سچي. پر سچ پڇين ته آئون تون جي اجائي واڪاڻ جان (يا) ڪوڙي خوشامند ڪو نه پيو ڪريان. اِها تون ئي آهيئين، جنهن مون جي دل جي در کي ڏنل ڪڙو لاهي، نه رڳو اندر جهاتي پاتي آهي، پر مرڳو ديرو ڄمائي ويهي رهي آهين.“
”ڏسج!“
”نورَ پتاري جو سُونهن، چئين ته اجا مسيت ۾ به گهڙان!“
”بنهه اچ!“
”تون ڇاتي سمجهين! آئون ته دل جون سموريون سچايون پيو ساڻين سليان، اجا به جي توکي ڪو شڪ گمان هجي ته جيئن وسهين، تيئن توکي وسهايان.“
”ائي الا! ويچارا ماڙهو!“
”تون پلي ٺوڪون ڪر، پر هن گريب جي دل جي مڙيوئي پارت هجنين“ مُرڪون مُرڪي پيون. سهڻيءَ گهڙو ڪڇ تي کنيو ۽ گلاب پير ڌوئي چمپل پاتي ۽ پوءِ ٻئي هڪ ٻئي پٺيان گهر اندر داخل ٿيا.
اها رات اُتي رهي، گلاب ٻئي ڏينهن روانو ٿي ويو.
ٻيءَ رات جڏهن سهڻيءَ جو وڏو پاءُ ۽ پاجائينس اچي هنڌ پيڙا ٿيا. تڏهن جوٽس مڙسهينس جا ڪن ڪٽايا


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

تہ گلاب، جيڪو چنڊ‌ٻاٽي جمعاني پيو لاماراڏي، سو ڪوا ِڃ ئي ڪونهي. تو الاجي اِن ڳالهه جي ٻوڪا ڪئي آهي ڪہ نہ، پر آئون سمجهان تي تہ گهر جي ٻئي ڪنهن پہ پاتيءَ کي ڪا سڌ ئي ڪانهي. پر مون جي پهرئين ڏينهن کان وٺي متس نگاهہ آهي. هُو سهڻيءَ لاءِ مانڊو آهي ۽ پانجي چوري پہ منجهس راضي آهي. پر الله جو ڏينهن رکيو آهي، مون کي مري جباب ڏيٺو آهي تہ گلاب ڪڏهن پہ ڪا ترڙپائي ڪا نہ ڪئي آهي. چوڪرو فضيلت پريو آهي. اخلاق وارو آهي. باقي جو ڪير، ڪا شيءِ پسند ڪري تو تہ اُن ۾ ڪو ڏوهہ ڪونهي. ڏسٹو رڳوا ِهو آهي تہ هُو نمونو ڪيڙو تو هلي. پانجي سهڻيءَ ۾ پہ پان سيني جو پروسو آهي تہ ايڙي چيڳري ڪانهي، پر آءُ ڏسان پئي تہ هوءَ پہ راضي آهي. سوجي تون جي مرضي هجي تہ پوءِ ڪا ٽِويڙهہ ڪجي. وڏيڪ آنجي خوشي."

"جي اِڃَ آهي تہ پوءِ امان کان پوءِ گهر جي وڏي تون آهيئين. سو جي تون مناسب سمجهن تي تہ پلي ابا ۽ امان جي اڳيان سُر ڪڻ، وري پہ گهر جا وڏا تہ اُهي آهن نہ!".

"ها اِڃ تہ آهي. پر مون جي دل تي چوئي تہ ماسي پہ جباب ڪا نہ ڏيندي. سياڙي ڳالهائي ڏسانس."

اجا هي پانجيءَ ٻڏچوڙ ۾ هئا تہ ٽئين چوٿين ڏينهن گلاب جي ماءُ ۽ پيءُ ٽڪاءُ اچي ڪيو. ايندي ساڻ لِڪ تہ اها ڪياٺون تہ درگاهہ تي سلام پرڻ آيا آهيون. پر پوءِ جڏهن رات جي ماني ٽِڪيءَ کان وانڊا ٿي ڪچهريءَ ۾ ڪُليا تہ اچا ڪارا پڌرا ٿي پيا. چي: "اسين سهڻيءَ جو سڱ گهرڻ آيا آهيون پانجي گلاب لاءِ. پان پانجا پاڻ ۾ آهيون. چاٽو سچاٽو تا، بدو اسان وٽ ڪونهي. بدي جي ڪَپ آنکي پہ ڪونهي. اسان جي آهي گنڍي ڳچيءَ ۾. اسان تي وڙ ڪريو. يا چمار آنجو اهو ٿورو پيا ڳائيندااسين. پانجا حال هڪ ٻئي کي ساريا پيا آهن. وڏيون ڍاڙون هٽي ماڙهو پاڻ وڌو ڪو نہ ٿيندو آهي. اسين آنجا ايرا پائر آهيون. پر جهيڙو حال آهي، حال ساروُ ڪنڌ ڪيي پہ ڪو نہ ڪيائيندااسين. مڙس پاڙيئي جي مال (مهل) تي ڪبر پوندي آهي. ڪُدا ڪيندو تہ اسين پاڻ تي ويڻ ڪو نہ سهنداسين." گلاب جي پيءُ يڪساهيءَ ۾ سمورو حال احوال ڪري ڪٽي دنگ ڪيو. سيني گهر وارن خبرون ٻڌيون. پوءِ نويڪلائيءَ ۾ صلاح صولي ٿي ۽ پوءِ ڪير وهي وجي پت ۾ پيو.

"ابا مبارڪيون،"

"بابا آنکي پہ مبارڪيون".

***

اِن ڳالهہ کي پنج مهينا گذري ويا.

تازو 22 مئي 2012ع تي ڪراچيءَ ۾ هڪڙي سياسي پارٽيءَ طرفان، لياريءَ جي بلوچن ۽ سنڌين خلاف ٿيندڙ خونخوار سرڪاري آپريشن ۾ بي حساب شهيد ٿيندڙ بيگناهن سان يڪجهتيءَ جي اظهار طور، سنڌ کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ جي سازش ۽ ٺٽي ۾ ذوالفقار آباد ناهي ڌارين کي ورسائي


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

سنڌين کي اقليت ۾ آڻڻ جي سازش خلاف ۽ سنڌ جي ٻين ٻرندڙ مسئلن متعلق لياريءَ کان پريس ڪلب تائين هڪ پرامن جلوس ”محبت سنڌ ريلي“ ڪڍي ويئي هئي. ان ريليءَ ۾ ڪراچيءَ جي سنڌين ۽ بلوچن سان گڏ نئين ضلعي جا ڪارڪن بہ شريڪ ٿيا هئا. لکين ماڻهن جي اُن ”محبت سنڌ ريليءَ“ ۾ تمام وڏي تعداد ۾ سنڌياڻيون بہ شريڪ ٿيون هُيون. لکين ماڻهن سان گڏ، گلاب بہ اُن امن جي ڪاروان ۾ پنهنجي وطن سان حُب جي اظهار طور، سنڌ جي حقن تي لڳندڙ ڌاڙن جي خلاف احتجاج طور ۽ سنڌ جي حڪومتي وڏيرن طرفان سموري سنڌ جا وسيلا دهشتگردن جي حوالي ڪرڻ جي خلاف آواز بلند ڪرڻ خاطر، دهشتگردن خلاف نفرت جي اظهار طور شريڪ ٿيو هو. هُو نہ صرف شريڪ ٿيو هو پر وڏي چڙهي حصو ورتو هئائين. پارٽيءَ جو جهنڊو هٿ ۾ هوس ۽ هُن کي سنڌياڻين جي حفاظت ڪرڻ تي مامور جٿي ۾ شامل ڪيو ويو هو.

محبت سنڌ ريلي جيڏي مهل لي مارڪيٽ جي پان منڊي ۽ ڊينسوهال وٽان گهٽين مان اڳتي وڌڻ لڳي، اوڏي مهل دنيا جي بدنام زمانا دهشتگرد تنظيم، جنهن جي لاءِ ”تڪبير ميگزين ڪراچي“ پنهنجي هڪ مضمون ”ڪراچي بچايو، ايم ڪيو ايم تي پابندي لڳايو“ ۾ لکيو آهي تہ ”ايم ڪيو ايم پاڪستان جي واحد ٽيررسٽ جماعت آهي. جنهن ضياءَالحق جي دور ۾ پروش پائڻ کان پوءِ اڄ ڏينهن تائين 6374 پٺاڻ، 6753 سنڌي، 2713 بلوچ، 3763 اردو ڳالهائيندڙ 1908 پنجابي، ڪُل ملائي 21457 ماڻهن کي شهيد ڪري چڪي آهي. پاڪستان جي سيني جماعتن جي اڳواڻن، NGOs، مذهبي پيشواهن، اقليتي اڳواڻن، صحافي برادريءَ جي بيباڪ اڳواڻن ۽ ٻين مشهور شخصيتن کي ڳولي ڳولي مارڻ ۾ ملوث رهي آهي. لينڊ گريبنگ، ايڪسٽورشن، فريڪُئينٽ رائوٽس ۽ سنڌ ۾ جناح پور صوبو ٺاهڻ جي سازش ۾ وڏي چڙهي حصو وٺندي رهي آهي...“ جي دهشتگردن بند جاين جي مختلف ماڙن تان، ڇتين تان، اڳواٽ نهيل مورچن مان ۽ مسجدن مان هٿين خالي سنڌين ۽ سنڌياڻين تي پنهنجي جديد هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا ۽ وطن جي محبت جي جذبي سان سرشار سنڌي ۽ سنڌياڻيون بيدرديءَ سان روڊن تي ڪرندا رهيا ۽ ڪراچي پوليس، جيڪا بہ دهشتگردن جي مرضيءَ سان پرتي ٿيل هئي، سا خاموش تماشائي بني ڏسندي رهي. اوڏي مهل هڪ بهادر سنڌياڻي چوڌاريءَ گولين جي وسندڙ مينهن جي پرواهہ نہ ڪندي وڏي وجي هڪ پوليس آفيسر کي چيو تہ ”توهان اسان جي حفاظت ڪرڻ لاءِ مقرر ٿيل آهيو. اسان هٿين خالي ۽ پرامن ماڻهن تي گولين جي برسات پئي وسي ۽ توهان خاموش بيهي تماشو پيا ڏسو. گوليون هلائيندڙ دهشتگردن خلاف جوابي ڪارروائي ڇو نٿا ڪريو؟“ موٽ ۾ اُن انسانيت کان ڪريل ذهنيت رکندڙ پوليس اهلڪار وراڻيو تہ ”اسان کي گولي هلائڻ جو آرڊر ناهي.“ تڏهن ان بهادر نياڻيءَ ٻُجو ڏيئي اُن بي شرم پوليس اهلڪار کان سٽ ڏيئي رائيفل کسي ورتي ۽ بلڊنگ جي دريءَ مان گوليون هلائيندڙ دهشتگرد جو نشانو وٺڻ لڳي، تيستائين ٻي بلڊنگ جي ڇت تي مورچو ٺاهي ويٺل دهشتگرد، سنڌ جي نئين تاريخ لکندڙ بختاور، سنڌ امڙ تان سرگهور ڪندڙ



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

سدا حيات نياڻي ڀيڻ غزالہ بتول صديقيءَ تي گولين جو مينهن وسائي ڇڏيو ۽ شهيد ڀيڻ غزالہ بتول صديقي موقعي تي ئي دم ڏڻي حوالي ڪري امر ٿي ويئي. اوڏيءَ مهل ستار انڙ ۽ گلاب، جيڪي شهيد غزالہ صديقيءَ کان ٿورڙو ئي پريان هئا ۽ امن قافلي جي ڀينرن جي نگراني ڪري رهيا هئا، تن جو ڏٺو تہ ڀيڻ غزالہ گولين جي وسڪاري ۾ ٽپي پئي آهي، سي ڇلانگ ڏيئي، روڊ تي گيلاٽيون ۽ قلابازيون کائيندا وڃي ڀيڻ غزالہ مٿان ڍال بڻيا. پر تيستائين دشمن وار ڪري چڪو هو ۽ شهيد ڀيڻ جو ريتو رت ڏامر جي ڪاري رستي تي ريلا ڪري وهي رهيو هو. دهشتگردن جي گولين ستار انڙ ۽ گلاب کي بہ پرڻ بنائي ڇڏيو هو. پارٽيءَ جي ساٿين بنهي سخت زخمي ساٿين کي اسپتال پهچائڻ جو بندوبست ڪيو. پر دير ٿي چڪي هئي. ستار انڙ بہ ڀيڻ غزالہ جيان سنڌ تان سرگهور ڪري سرخرو ٿيو. سيني تي ڪاڏل سڏين گولين مان وهندڙ ڀيڻ غزالہ ۽ ستار انڙ سميت 12 ٻين شهيدن ۽ 50 کان وڌيڪ زخمين جي سرخ رت پنهنجي ڌرتي بچائڻ جي پراڻي روايت قائم رکندي دنيا کي ثابت ڪري ڏيکاريو تہ سنڌي اڄ بہ سنڌ ڌاڻهن ڪچندڙ ميري اک جو مقابلو ڪري سگهن ٿا. گلاب سخت زخمي هو. پر دهشتگردن جي قبضي ۾ ڪراچيءَ جي اسپتالن محبت سنڌ ريليءَ جي زخمين جو علاج ڪو نہ پئي ڪيو. تنهن ڪري ڪيس حيدرآباد شفٽ ڪيو ويو هو. جتي هو زير علاج هو ۽ چيو پئي ويو تہ گولين سان ڇچريل سندس ٽنگ کي ٺيڪ ٿيڻ ۾ چار پنج مهينا لڳي سگهن ٿا.

۽ گهر ۾ متل راتوڪي ڪانجاڻ جو سبب بہ گلاب ئي هو.

گلاب جي مڪمل علاج لاءِ ڏوڪڙن جي ضرورت هئي ۽ اهڙو نياپو سهڻيءَ جي مائٽن کي پهتو هو تہ: ”جي پنج پئسا هڪيا هڙ ۾ هجن، تہ حال هڪيو اسان جي ٺيڪ ڪريو. الله خير ڪري، ڳتيءَ ۾ آن سان پائي پائيءَ جو وهنوار چڪتو ڪينداسين. اسپتال ۽ دوائن جو خرچ تہ پارٽيءَ وارا ڀيا ڀرين، پر جيڪي بہ ماڙهو ساڻس گڏ رهيا پيا آهين، تن کي پہ تہ چانهہ پاڻي ۽ ماني ٽڪيءَ لاءِ پنج پئسہ کپن. اهو پہ الله جو شڪر جو ساهہ جي تند بچي پيئي. سو هاڻ جيئن ساهہ بتو آهي، تيئن ماهہ پہ ٿي پوندو. ڊاڪٽر چون ٿا تہ خطري جي ڳالهہ ڪانهي.“

جيئن ئي ڪالهہ شام جو اِهو نياپو پهتو هو تيئن مرڳو گهر ۾ ٻڙڪ مچي ويو هو. سهڻيءَ جو پيءُ، سندس ننڍو ڀاءُ ۽ ماٽس اِن ڳالهہ تان ڪروڌ ۾ اچي ويا هئا تہ گلاب اهڙن ڏڻن ۾ پيو ڇو آهي؟ جي هن جا اِهي اڦال (افعال) رهيا تہ پوءِ سُياڙي اسان جي سهڻيءَ کي ڪير سنڀاليندو؟ مرڳو....!

”اي آئون تہ ڇُٽان (ڇوان) تي تہ پُٽ جي پُونبي کان مُنهن جو پُونبو پلو شاديءَ کان پوءِ ويهي ڳُونهہَ ڦُلورجن. تنهن کان اِن ڪاساري مان هجر ئي جند ڇڏائي ڊاريو. صڦا ڪُتو جباب ڏيئي ڇڏيون، تہ اسان جو اڄ پہ آسرو نہ ڪن. نڪوئي سياڙي ڪن. اسان کان گلتي (غلطي) ٿي جو ها ڪري ويناسين. اسان کي مور اِها کبر ڪا نہ هئي تہ ڇورو هھڙن ڪنامن ۾ هٿ وجهندو پُوٽي.“ سهڻيءَ جي ماءُ اڄ ڀڙيون پيرو ڪروڌ ۾ اچي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳي هئي.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”پيٽيان ڪا ڳالهہ هجي تہ ڪٽي مچجي پہ. پلا پان گريبن جو چاتو وجي سياست ۾؟! اسين آهيون جو هتي اتي ۾ جهليا پيا آهيون هيءُ مڙس آهي سو نارا (نعرا) هڻندو پُوٽي. گولين جي وسڪاري ۾ ٽِپَ ڏيندو پُوٽي. گولي ڪنهن جو منهن ٿورو ئي ڪو رکندي آهي. هرويرو ماڙهو اچي وڃي ڪنهن ڏچي ۾. تنهن مان ڦاعدو ڪيڙو؟! وڏي ڳالهہ تہ اڳيان هجي ڪو مڙس ماڙهو جيڪو سامهون نڪري اچي سندرو ڏي. تہ اُن سان جنگ نهي پہ تي. پوءِ مڙس مڙس جو مٽ آهي. جيڪو ڪٽي. هي تہ بي ننگا، بي وڙا ۽ بي گيريتا دهشتگرد آهين. جيڪي گهرن مان لڪي تا گوليون هلائين. تن سان ڪيڙو مقابلو ڪبو!؟ هي پانجا همراهہ تہ بنهہ ڪي چريا آهن. جيڪي خالي هٿن سان انهن منافقن ڏانهن ويا هئا. انهن ڪدڙن سان اِجَ ٿورو ئي ڪو وڙهبو آهي! اُهي ڪي مڙس چئبا. جيڪي هٿين خالي ست قرآنين نياٽين تي گولين جا برسٽ تا هلائين. انهن ڪدڙن ۾ پڙون جو ايلاج (علاج) ئي ٿورو آهي. بس رڳو ڪراچي جي چوڌاريءَ گهيرو ڪري ويهي رهجي. هر قسم جي رسد بند ڪري ڇڏجي ۽ بس پوءِ پاٽيهي مڙس ۽ پاڙيئي جي ڪبر پُوندي. جي مڙس هوندا تہ گهرن مان نڪري اچي ميدان ڪندا. پلا جي ڪدڙا هوندا تہ تاڙ وجائي وجائي پلي مري وڃن. ڪدڙن تي هٿ ڪڻڻ مڙسن جو شان ناهي...!“ ساڳي طرح سهڻيءَ جي پيءُ بہ اڳوٽو لحاظ ڇڏي، اڄ، دهشتگردن طرفان سنڌ جي نياٽين تي لڪي لڪي گوليون هلائڻ واريءَ ڪائر تا تي چوهہ ڇنڊيندي بنهہ اگهاڙي وات ڳالهايو.

”ها ٻيو ابا نيڪ تہ چوئي تو. هِجرَ پيپلن پان ڪي ڪيڙيون موڙون ٻڌايون آهن. جو سياڙي ٻيا اچي اسان ڪي هار وجهندا. پان هجر پہ وِهِينيرَ ۾ آهيون ۽ سپاڙي پہ ڪمائيندا سين. تڏهن ڪيندا سين. اسان ڪي اتي جي ٻوري نڪو هِنن هجر پچائي آهي ۽ نہ ڪو وري سپاڙي ٻيا ڪي پچائيندا. تنهن ڪري پاڻ مسڪين ماڙهو وڻون پانجيءَ ڪرت ڪي. هيءُ تہ ڪٽي رب ڪو رحم ڪيو جو همراهہ بچي ويو. پر آئون سمجهان تو تہ هي رهندو ڪو نہ. مون ڪي اِن پارٽيءَ وارن جي ڪبر آهي. جيڪا ڳالهہ ڪيندا، تنهن تان هٽندا مور ڪو نہ. پوءِ پلي دنيا اٿلي پوئي. سو اسين گريب ماڙهو سپاڙي هن جي ڏچن ۾ ڦاسي وڃون ۽ ڪنهن آزار ۾ اچي وڃون. تنهن مان ڪيڙو ڦاعدو! تنهن ڪري صلاح ايڙي ڪريو. جو مرڳو جند ئي ڇُٽي پوئي. “ سهڻيءَ جي ننڍي ڀاءُ پنهنجي سمجهہ آهر ڳالهايو.

”پر چاچا، آئين (اوهين) گهر جا وڏا آهيو. هيڏانهن چاچي پہ گهر جي وڏي آهي. پانجي گهر جي هڪڙي ساک آهي. اِها ڳال پانجا دشمن پہ قبول ڪن ٿا. هاڻ جي اسين پانجي رضا خوشيءَ سان ڪيل سڱاوتي ٽوڙي ڪين جباب تا ڏيون تہ پوءِ اسان جو ڀرم ۽ اسان جي ساک تہ ڏوڙ ۾ ملي ويندي. پوءِ سپاڙي پان تي ٻيو ڪير اتبار ڪيندو. اِجَ تہ پاڻ ڳوٺن راڄن ۾ بچڙا ٿي رهنداسين. وڏي ڳالهہ تہ گلاب ڪنهن سان ڪا بچڙي ڪا نہ ڪئي آهي، ڪنهن جي ڪا چوري ڪا نہ ڪئي آهي. ڪنهن جو لوڙهو ڪو نہ لتاڙيو آهي. ڪنهن ننڍي وڏي سان ڪڙو ڪو نہ ٻوليو آهي. ڪنهن سان نڳي جان (يا) دوکو ڪو نہ ڪيو آهي، جو هُو اسان لاءِ ڪلاساريءَ جو سبب بنيو هجي. هُن تہ پاڻ مڙسي ڪري بهادريءَ جو ڪم



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ڪيو آهي. هُن تہ پاڻ نياڻين کي بچائيندي پانجو پاڻ تي گوليون سٺيون آهن. هن تہ پاڻ اسان جو ڪنڌ مٿي ڪيو آهي. سو آئون سمجهان ٿي تہ هن ايڙو ڪو وڏو ڏوهہ ڪو نہ ڪيو آهي. جو ڪيس ڏنل سگهہ ڦري ونجي. اسان کي پاڻ پانجي پجت سارُو سندس ٽيڪ ڪرڻ کپي. وري پہ آئين وڏا آهيو. جيڙو پہ فيصلو ڪريو. پر هڪڙي ڳال زاد رکجا تہ فيصلو ايڙو ڪجا، جو اسان جي گهر جي ساک ۽ ڀرم ساڳيا رهن." سهٽيءَ جي وڏي ڀاڄائيءَ پانجي راءِ ڏني. جنهن سيني جا چُپا (وات) بند ڪري ڇڏيا.

"ماما، آئون عمر ۾ ننڍي آهيان ۽ وڏن جي وچ ۾ ننڍن کي ڳالهائڻ تہ نہ کپي، پر هيءُ معاملو ئي ايڙو آهي، جنهن تي سيني کي ڳالائڻ کپي، پانجي گهر ۾ ڪڏهن پہ ايڙيون ڳاليون ڪو نہ ٿيون آهن، سو مون کي بي تہ ڪبر ڪانهي تہ ملڪ ۾ ڇا پيو وهي واپري، پر هجر ڪراچيءَ ۾ سنڌي ماڙهنءِ ماين جو جيڪو جلسو نِڪِتو (نڪتو) هو، تنهن جي جيڪو تيڪو ڳال پيو ڪري. چون ٿا تہ ڪي پناهہ گير وِلات مان ڏتڙجي هتي آيا هئا. سي هاڻ چُون ٿا تہ ملڪ اسان جو آهي. مائي، هيڙو ڪو ناحق ٿيو ٿيندو! ايڙن گُنِ نہ مجيندڙ ماڙهن کي جباب ڏيڻ لاءِ هتان جيڪي پانجا سنڌي وچي ڪراچيءَ ۾ گڏ ٿيا هئا، تن کي تہ پاڻ شاباس ڏيڻ کپي. انهن جي پٺي ٺپرڻ کپي ۽ اسين جو هتي وينا داپا ڏيون تہ گلاب هِجَ ڪو ڪيو، هُجَ ڪو ڪو نہ ڪيو. سو ڪٿي اسين گلط تہ ڪو نہ پيا ڪريون. آئون چُٺان تي تہ اِهو صحيح ڪونهي. وري پہ آنجي کُوشي!".

"ابا.....! ابا آئين گهر جا وڏا آهيو. الله ڪري تہ آنجي ڇان سدائين مٿانهيون (اسان مٿان) هجي. هن کان اڳ پہ جيڪو آن مناسب سمجهيو ۽ ڪيو آهي، ڪنهن پہ آنکي ورندي ڪا نہ ڏني آهي ۽ هاڻ پہ الله ڪيندو تہ اِج ئي ٿيندو. پر ابا، تِرَ جي گٽي سئو چوٽون ڪائي. جي تڪڙ ۾، جان ڪاوڙ ۾، جان اوٻلائيءَ ۾ (بي خبري) اسان کان ڪا گلط ڳالهہ ٿيو تي وچي تہ اسين ماڙهن جي اکيا پٺجي ويندا سين. هڪڙو پرڪو اکيا پيل ماڙهو سدائين لاءِ ڏاميچ (داغدار) ٿيو پوئي. سياڙي ٿيو ڪو اسان تي اتبار ڪيئن ڪندو؟ هر ڪو اج چوندو تہ هي همراهہ ڳالهہ جا ڪچا آهين. ڳالهہ تان ڦريو وڃن. اج اسان جي ڪواري ٿيندي. بي ڳال تہ، جيئن سويل منهنجي گهرواريءَ ڳال ڪئي، تہ آکر گلاب بچڙي ڪيڙي ڪئي آهي؟ سو جي ايمانداريءَ سان ڏسجي تو تہ واقعي گلاب ايڙي تہ ڪا پہ بچڙي ڪا نہ ڪئي آهي، جنهن جي ڪري ڪائنس مرڳو سندس مڱ کسي ونجي! هُجَ پہ گلاب ايڙو بي اڦالو ڪونهي، پر هِن ڀيري تہ مرڳو هُن اسان کي سونو پُولو پارايو آهي. هُج پہ پانجا وڏڙا پانجن دنگن، ننگنءِ سامِن تان سر گهوريندا رهيا آهن. سو گلاب پہ پانجي وڏڙن جي ريت نڀاهي آهي. هُن ڪا ڪچي ڪا نہ ڪئي آهي. هُو جنگ جي ميدان مان پٺ ڏيئي ڀڳو ڪونهي. هن کي ڀاڄ ۾ پٺيان ڏڪ لڳل ڪونهي. هن پانجي سيني تي ۽ بدن تي گوليون سٺيون آهن. هُن تہ پاڻ ايڙو ڪم ڪيو آهي، جيڪو اسان سيني کي اڳ ۾ ئي ڪرڻ کپندو هو. پر خير، هاڻ پہ اسان کي ايڙو قدم کٽي کپي، جنهن سان اسين پنهنجي ڏرتيءَ جي بچاءَ واري جنگ ۾ شامل ٿي سگهون، تہ اهڙي سني بي ڳالهہ ٿي نٿي سگهي. پر جي اسين اِجَ نٽا ڪري



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

سگهون تہ گهٽ ۾ گهٽ اسين ہين کي شاباش تہ ڏيون، جيڪي پانجي جان جوکي ۾ وجهي جنگ ۾ ڪاهي پيا آهن. پر جي اِڃَ پہ نٽا ڪري سگهون تہ پوءِ پہ ہين جا گس تہ بند نہ ڪريون. جيڪي ماڙهو سر جو سانگهو لاهي پانجي دنگن جي بچاءُ لاءِ وڙهن پيا، تن لاءِ ڏچا تہ پيدا نہ ڪريون. تنهن ڪري آئون تہ چُئان تو تہ اسان کي ايڙو ڪو پہ ڪم نہ ڪرڻ کپي، جنهن سان ماڙهن ۾ اسان لاءِ ڏڪار پيدا ٿئي.

سهڻي اسان کي ڪال پہ ڏيٺي هئي ۽ سياڙي پہ ڏيٺي آهي. ہي پہ ڪيڙي ڪبر تہ گلاب کان چڏائي وري جي ہئي ڪنهن کي ڏنيسين، سو اڄ ڪٺي ڪيڙو پہ ڏوتو پوتو هجي، پر جي سياڙي لنب لوڦر ٿي تو پوي، جان ڦورُو ڏاڙيل تو ٿئي، تہ پوءِ پان ڪجاڙو ڪينداسين؟ سو آئون تہ چُئان تو تہ سُپا، پرينهن جيڪي ڍڳيءَ جا پئسا ملٽا آهن، تن مان پنج ڏهہ هزار ڪٺي هجر ڏکيءَ مال ۾ گلاب جي ٽيڪ ڪريو. پوءِ پہ پئسو پئسو ٽيندو، ماڙهو ماڙهو ٽيندو. وڏي ڳالهہ تہ گلاب هاٽي ڪو ڏاريون ڪاريندو رهيو ڪونهي. هُو اسان جو نياٹو آهي. اسان جو ہچو آهي. هجر اسين سندس واهر نہ ڪينداسين تہ ہيا ڪير اچي مٿانهس نوٽ گهوريندا ڪيئن؟! ڪدا پنا (پناهہ) ڏي، پر جي هِجَرَ مون کي ڪا تڪليف تي ٿئي، تہ پہ آئين دل مٿي ڪيندا تہ اسان جو ڪجاڙو وجي؟! اِڃَ ڪو نہ ٽيندو. سياڙي ڪجاڙو ٽيندو؟ سا ڪيڙي ڪَبَرَ؟! ٽي سگهي ٿو تہ اسين پانجي ننگنءِ دنگن جي ويڙهہ ۾ ہارين ہچين گلاب کان پہ اڳيان هجون!“ سهڻيءَ جي وڏي ياءُ ڏاڍي، ٽڏي، برجستي ۽ جذباتي انداز ۾ پنهنجو ڪيس پيش ڪيو ۽ جنهن ۾ هُن گلاب جي ۽ محبتِ سنڌ ريليءَ جي مقصد جي ڪُلئي طرح سان حمايت ڪئي. جنهن کان پوءِ ڪنهن کي ہہ مخالفت ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪا نہ ٿي.

۽ سهڻيءَ اِهي سموريون ڳالهيون ماٹ منيءَ ۾ پئي ہڌيون.

هُوءَ مختلف ڳالهيون ہڌي مختلف ڪيفيتن مان گذري رهي هئي، جيڏي مهل ڪنهن جي گلاب جي خلاف ٽي ڳالهايو تہ سندس هِينئون جُهريو ٽي پيو، پر جيڏي مهل ڪنهن گلاب جي حمايت ۾ ٽي ڳالهايو تہ جهڙوڪر منجهس ساهہ پئجيو ٽي ويو.

۽ جڏهن ياٹس وڏي ڳالهائي دنگ ڪيو ۽ ٿوري دير لاءِ سانت واسو ڪري ويئي، تڏهن سندس دل سَٺون ڪائڻ لڳي تہ هوءَ ہہ ڪجهہ ڳالهائي. پر دل جهليو ڪا نہ پئي سگهي. ہن ڪڪائين ڪوٺين جي مهندان خلاصي اڱڻ تي ڪٺون پيل هيون. يارهين تاريخ جي چنڊ جي سُهائي ماحول تي سحر جهڙي ڳهر جي ورڪا ڪري رهي هئي. ڏکڻ جي ٽڏي هوا ہڪريءَ جي ڇيگرن ڇيلن جيان ٽاپي پائي رهي هئي. ڏکڻ جي هوا جي ٽڏاڻ ۽ چنڊ جي چانداڻ، واهہ! پر سهڻيءَ جي دل ۾ سِرِنِ جو ڪُورو جلي رهيو هو. نيٹ ڳِيتون ڏيندي ڏيندي، همت ڪري دل جهليندي چيائين: ”امان لئي...!“ ڳالهائڻ جو ربط ٽٽي ويو. ٿوري دير لاءِ وري سانت ڇانئجي ويئي ۽ پوءِ همت ڪندي چيائين: ”امان لئي، ڇڱا ماڙهو ڇٽي ويا آهن تہ ڏيءَ کي هڪڙو پرڪو گار ڏبي آهي. سو مون کي پہ آن جيڪا پهريون دڦو (دفعو) گار ڏني آهي، سا ڏئي ڇڪا. هاڻ مون جو مرڻ جيئڻ گلاب سين آهي. گلاب کي ڏسي وائسي پہ آن پاڻ قبول ڪيو هو. آئون ڪا



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ساڻس نِڪتي (نڪتي) ڪا نہ پئي ويس. پر هاڻ، هاڻ گلاب ڪيڏو پہ آهي! جيڏو پہ آهي، مون جو ور آهي ۽ اِها پہ ڳال آنڪي ٻڌائي ڇڏيان تہ سپاڙي ٿيندڙ ننگن ۽ دنگن جي جنگ ۾، جي گلاب جي مرضي هوندي تہ آئون پہ ساڻس گڏ هونديس." سھڻي چوڻ ڪي تہ ڇئي ويئي، پر مرڳو ساهہ مان اُڪِجي پئي. سو ڳالهہ پوري ڪري پنھنجن ساهن کي سانتيڪو ڪرڻ لڳي.

"ائي امان، ائي امان هاجون ڪاشيون (خاصيون) ٿيون! ڏسو پيا نينگريءَ جا ڪم! هاڻ هيءَ جوءِ پہ تي ڪراچيءَ وڃي "لَڄ لَڄ" ڪرڻ! ائي ٻڙي، اسين پيا گلاب تي ڪاوڙجون تہ ڪو وڃي هاجي ۾ پيو آهي. سو تہ پري رهيو پر مرڳو ئي هيءَ ڇوري پہ تي هٿن مان پئي وڃي. ابا هيڙو ڪو سانگ ڏٺان!؟ اي، تون ڪو چپ سُبيو مانڪو وينو آهين! پانجي ٻارن کي سنڀال، متان سپاڙي سپ پانجي ناڙي بيھي رهن." سھڻيءَ جي ماءُ پھريائين سھڻيءَ تي ڇُوهہ ڇنديا ۽ پوءِ سندس مڙس تي ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويئي ۽ مڙسھينس ڏنڌ ڪڍيو پئي ڪليو اِتي سھڻيءَ جي وڏي پاڃائي وري ڳالھايو.

"امان، تون اسان جي وڏي آهيئين، تون هاڻ اسان کي رڳو دعائون پئي ڪر، باقي هڪڙي ڳال ڇِتي پئي آهي تہ جڏهن اسان جا مڙسالا پنھنجي ننگن ۽ دنگن جي جنگ تي ويندا تہ پوءِ پويان اسين ڪنھن جي آسري تي ويھنديون سين. پر آئون تہ ڇئان تي تہ تونءِ بابا پہ اسان سان گڏ هلجو پر گڏ پہ ڪو آئين ماڳھي اسان جي مانڏان هلجو اسان جي اڳواٽي ڪندا هلجو. جي اسان جي ڏرتي اسان جي هٿ ۾ هوندي تہ اسان جو مرڪڻ پہ سونھي ٿو. پر پانجي ڌرتيءَ تي ٻين جو غلام ٿي رهجي، ان ڪان وڌيڪ ٻي ذلت ڪيڙي ٿيندي! اِن ذلت جي جيئڻ ڪان عزت وارو موت سئو پيرا پلو!"

"ها امان، ڏيراٽي سچ تہ چوئي پيئي. جي سُپاڙي ڪو ٻي ننگو ۽ ٻي وڙو اسان جي هن اپري، سيري، پُونگيءَ تي حملو تو ڪري تہ ڇا اسين ماٺ ڪري ويھي ڏسنداسين تہ پرديسي آهي، پلي اچي اسان جي اَجھي ۾ ويھي. اسين نڪريو تا ٻاهر نٿھڻ ڪاڙهي ۾ کلي آسمان هيٺان ٻيھو رهون! نہ، هرگز نہ، حال هڪيو تہ اسين حملي ڪندڙ جا ڏاٽا ڪڍي ڇڏينداسين. پوءِ پہ ڏنو وڃبو. ساڳئي طرح هيءَ ڌرتي، هيءُ سنڌ ملڪ پہ پانجو اسان جو آهي. اُن تي جيڪي قبضي ڪرڻ جي ڳالهہ تا ڪن، تن جي زبان تارونءَ ڪان ڇڪي ڪڍي ونڻ لاءِ اسان سيني کي گڏجي وڙهڻو پُوندو." سھڻيءَ جي نندي پاڃائيءَ چيو.

"اباڙي، آءُ ڏسان پيو تہ آئين سپ هڪڙي پاسي ٿيندا وڃو ۽ ايڙو پاڙيو تہ آئون پہ ڪو نہ آهيان جو هرو پرو اُٺ جو پير ناهي "پيئڻي" ڪري ويھي رهان ۽ نڪي ماٺھين پہ ليڪو ڪڍي ويھڻ جيڙي جوءَ آهي. جي آن سيني جي مرضي آهي تہ پوءِ پا بسم الله! سپ ڪان اڳ ۾ آئون هوندس." سھڻيءَ جي پيءُ چيو.

"تہ پوءِ ڇڱو ڏينھن ٻن ۾ ڪجھہ ڏوڪڙ هٿ ڪري، ابا، تون ئي وڃي اسپتال ۾ ڪيس ڏسي پہ اچ، تہ ڏوڪڙ پہ ڏيئي اچ" وڏي پٽ چيو.

"پر ابا..... "سھڻي جي ڳالهہ اڌ ۾ رهجي ويئي. "پر ابا، مون کي پہ گلاب ڏانھن وٺي هلو. اسپتال ۾ مون کي پہ هڪڙو پيرڪو وٺي هلو.." ڪجھہ ساعتون سھي، وري سھڻيءَ ڳالھائڻ جي ڪوشش ڪئي.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”ائي امان، سو ڪوءِ ڪنواري نينگري ڪا پانجي منگيندي جي مُنهن لڳندي ڪـ؟ ماڙهو ڪچاڙو چُوندا؟“ ماڻس پراڻين ريتن جي پوئيواري ڪندي چيو.

”امان لئي، اُهي پراڻا زمانا ويا هليا. هاڻ نئون دور آهي، هاڻ اِجَ ٿئي پيو.“ ننڍي ياجائيءَ ڳالهايو.

”هاڻ ڇڏيو انهن ڳالهين، پهرين ڏوڪڙن جو بِلو ڪريو. پوءِ اِها ڳالهه پـ پري ڪانهي. هاڻ اُتو وچي هنڌ پيڙا ٿيو. سياڙي سوير پرو وهير تي وچڻو آهي، اول ڪئر!“ سهڻيءَ جي وڏي ياءُ ڪچهريءَ کي کُٽائيندي چيو ۽ پوءِ سڀ ڪو وڃي پانجي پاٿاريءَ تي ڍهي پيو.

سهڻيءَ جي سوال جو نبيرو ٿي ڪو نـ سگهيو هو. تنهن ڪري هوءَ سڄي رات رني هئي. هُن جي دل چاهيو پئي تـ پکيءَ وانگر پَرَ ڪري هڪدم اڏامي وڃي گلاب وٽ پهچي. پر هوءَ بيوس هئي. ٻهراڙيءَ جي ريتن رسمن ۾ جڪڙيل سماج ۾ ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي نسبت طئي ٿيڻ کان پوءِ شاديءَ کان اڳ تائين مڱ ۽ مڱيندو پاڻ ۾ ملي ڪو نـ سگهندا آهن. سو سهڻيءَ جي دل لک پيرا چاهيندي بـ گلاب سان ملڻ کان لاچار هئي. ڪيس وڏي ياءُ ۽ ياجائيءَ ۾ وڏي اُميد هئي تـ من ڪو بِلو ڪري وٺن. جو هُنن مڙسي ڪري ڦٽندڙ معاملي کي ٺاري ڇڏيو هو. پر گلاب سان ملڻ وارو مامرو اڌ ۾ رهجي ويو هو. تنهن ڪري هوءَ وياڪل هئي.

سهڻيءَ جو صبحَ سويرَ گهر کان نڪري وڃڻ، چانهـ نـ پيئڻ ۽ ڀين سان گڏجي وڃڻ جو انتظار بـ نـ ڪرڻ بـ، احتجاج جي انهيءَ سلسلي جي ڪڙي هئي تـ جيئن هوءَ وڏي ياءُ ۽ ياجائيءَ تي بار وجهي سگهي. ڇو تـ هوءَ ٻئي ڪيس تمام گهڻو پيائيندا هئا ۽ موٽ ۾ هوءَ بـ مٿانهن قربان قربان پئي ٿيندي هئي.

”سهڻي ڪا نـ ٿي ڏسجي؟ ڪيڏانهن ويئي آهي؟“ وڏي ياڻس پنهنجي گهرواريءَ کان پڇيو جيڪا چانهه جو پيالو کڻي اچي سندس اڳيان بيٺي هئي.

”هوءَ سويل ئي ٻنيءَ تي وئي هلي آهي،“

”سو وري ڪوءِ؟“

”راتوڪي ڳال تان ڪاوڙيل آهي، چئي ٿي تـ مون کي پـ گلاب ڏانهن وٺي هلو“

”چري آهي ڪـ؟ ماڙهو ڇا چُوندا؟“

”اي ماڙهن کي جيڪي چوڻو هو سوچئي چُڪا! اجا پيو ڪچاڙو چُوندا. پر اسين ماڙهن جي ڳالين تي ڪو تـ لڳون؟ ماڙهو ڪيڙا لاهي اگهاڙا هلندا تـ پان پـ اج ڪينداسين ڪيئن؟ پان کي پانجي زندگي پانجي نموني سان جيئڻي آهي. تون پـ ٿورو ٿڌيءَ دل سان سوچ، رڳو پانجيءَ دل تان اچ. آءٌ جي اسپتال ۾ پيل هجان ۽ مرڻ ۾ هجان، تـ ڳَر توکي هتي سک اچي؟ اهي وري ڪيڙيون ريتون رسمون، جيڪي، ڪومري تـ پلي مري وڃي، پر جيئري رڳو منهن پـ ڏسڻ کان روڪينديون هجن. وڏي ڳال تـ هوءَ پان سان گڏجي هلندي. اسپتال ۾ اُن مان ڪير ٽڪر ڪوري ڪو نـ وٺندو. آئين پـ هرويرو ليڪو نـ ڪيو. موڪل ڏيوس تـ ڪنهن سان گڏجي وڃي ملاقات ڪري اچيس. ايڙي پـ سنڌ گدڙن ڪا نـ ڪاڏي



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

آهي. جو انهيءَ پيل مان ڇُٽي نہ سگهون. تون رڳو پير جهل!“
”تون جي ڳالهہ تہ سهي آهي پر امان، ابا کي ڪير گس تي آڻي؟“
”اي امان ابا تہ اِن ڳالهہ تي پہ ڪو نہ ٿي بيٺا تہ ڪو گلاب سان ناتو جوڙيو رکيو وڃي. پر پوءِ جڏهن رات پان مڙسي ڪئي ۽ ڳالهيون نِڪتيون تڏهن ماملو هڪڙي پاسي ٿيو نہ! تون رڳو هاڪر. باقي امان ۽ ابا کي آئون پاڻيهي نمريون هٽيو تي راضي ڪيان.“
”هئو ٻيلي، اَهيئين تہ تون پہ وڏي شئي! مون کي ئي ماٺ ڪرايو. چڏئين. سو امان ابا تو مانڊان ڪٿي تا ٻيهو سگهن. ٻيلي، وارو ڪر. ڳالائي ڏس ٻنهي سان. سهڻيءَ کي پہ تہ رنج ڪونهي ڪرڻو نہ!“
”چڱو اِهو ڪم مون جو.“

***

”اچ ڙي جانيئڙا، جدائي ٿي ماري،
وري ڙي ساٿيئڙا، وڇوڙو ٿو ماري...“

سهڻي اڪيلي هئي. ٻاري جو چڱو خاصو مُهاڙو ٻني تي پهچائي، وري اچي ٻئي مهاڙي ۾ ويٺي هئي. اڪيلائيءَ ۾ پنهنجي دل کي پريائڻ لاءِ پنهنجي ٻنهہ سُريلي ۽ جيءَ ۾ جهيرَ وجهندڙ وڏي آواز ۾ هوءَ مٺيان ٻول آلاپي رهي هئي. بادلن سان آسمان ڇانيل هو. ڏکڻ جي ٿڌڙي هوا هلي رهي هئي. سج ايري چڪو هو. سهڻيءَ جو مُنهن، گهرن کان ٻنيءَ ڏانهن ايندڙ گس کي پنيرو هو ٻيو تہ وهير کندي سندس کنڌ هيٺ جُهڪيل هو تنهن ڪري سندس گهرياتي، جيڪي ٻني تان قطار ڪريو اچي رهيا هئا، سي ڪيس ڏسڻ ۾ ڪو نہ آيا. هوءَ پنهنجي ئي ڌُن ۾، گلاب جي خيالن جي گهيري ۾ بلند آواز ۾ بي ربط جملا، ڪا سِٽَ ڪنهن ڪلام جي تہ، ڪا سِٽ ٻئي ڪلام جي، جيڪو ڪيس ياد تي آيو يا ائين ڪٽي ڇڏجي تہ جنهن سندس دل جي ترجماني ٿي ڪئي، سا جهونگاري ۽ آلاپي رهي هئي... ”او ننڍپڻ جا ساٿيئڙا، اسين ياد آهيون يا وسري وياسين...! اسين ياد آهيون يا.....“

”ياد آهيئين، ياد آهيئين، ڪا نہ تي وسرين، مانڌي نہ ٿي، هليا، ڇانهہ جو ڏُڪ پيءُ ....!“ سندس وڏي ياجائيءَ ويجهو پهچي ڪيس وڏي آواز ۾ ٽوڪيو تہ سيني ۾ ٺهڪڙو مچي ويو.

سهڻيءَ کان ڇرڪ نڪري ويو. هُوءَ هڪدم سڌي ٿي بيهي هنن ڏانهن نهارڻ لڳي. هوءَ ڏاڍي ڦِڪي ڦِڪي ٿي رهي هئي. جهڙوڪر سندس چوري پڪڙجي پيئي هئي.

”هليا، پيڻ مني ڪا نہ آهيئين، هليا ڇانهہ پيءُ. پوءِ توکي هڪڙي ڳال پہ تي ٻڌايان.“ وڏي ياجائينهس چيو.

پوءِ هوءَ آڏياڙيءَ مان ٻچيل مرانهون هٽي ٻاهر نڪتي. وهندڙ آڏَ مان هَٿَ مُنهن ڌوئي، گنڌيءَ جي پلانڊ سان اُگهي ياجائينس ڏانهن اچڻ لڳي. اِن دوران ٻيا سيئي آيل ور ڪٽي، پوتيءَ سان پيندي ٻڌي،



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

باقي پوتيءَ کي چيلهہ وٽ ٻڌي وهير ڪرڻ ۾ جُنبي ويا. پاڄائيهنس سهٽيءَ وٽ ويهي رهي. ٿرماس مان چانهہ جو پيالو اوتي ڏنائينس ۽ پڻ بہ پاپا بہ گنڏيءَ جي پلانڊ مان چوڙي ڏنائينس.

سهٽي ڪنڌ هيٺ ڪريو پاپو چانهہ مان ٻوڙيو آهستي آهستي کائڻ لڳي. پر لڳو پئي تہ جهڙوڪر پاپو سندس نڙيءَ کان هيٺ لٿوئي ڪو نہ پئي، پاڄائي رڙهي ڪيس ويجهي ٿي ويٺي.

”سهٽي، تو جڏهن کان وٺي گلاب جي زخمي ٿيڻ جي ڳالهہ ٻڌي آهي، تنهن کان وٺي تون ملول آهيئين. ڀلا تون جي اِڄَ پريشان ٿيڻ سان مسئلو حل تہ ڪو نہ ٿي ويندو.“

پاڄائينهس جي رڳو ڳالهہ ڪرڻ جي دير هئي، سهٽيءَ جون اکيون پرجي آيون ۽ لڙڪ سَرَيُون ڪري ڳڙڻ لڳا. چانهہ ۾ ٻڏل پاپو ڳري هيٺ ڪري پيو ۽..... ۽...... سهٽي پاڻ تان ضبط وڃائي ويٺي. زوريءَ ۽ زبردستيءَ وٺائنس هڪ زوراٿي اوڇنگاري نڪري ويئي ۽ پوءِ هُوءَ ڊِڪون ڏيئي روئڻ لڳي.

”نہ رُوءُ مون جي مِٺي، آئون آهيان نہ ويٺي تون جي جيڏل. نہ رُوءُ مون جي پيڻ، نہ رُوءُ“.

”پاڄائي، پاڄائي مون کي گلاب وٽ وٺي هل، نہ تہ مون جو هينئون ڦاٽي پُوندو. آئون مري پُونديس.“ ۽ هُوءَ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي.

”مرن تون جا دشمن. تون الاجي ڪوٺي مرين مون جي هوندي! توکي چئيم نہ تہ آئون جا ويٺي آهيان تون جي جيڏل. تون ڪو الڪو نہ ڪر. مون پاٺهين سان ڳالايو آهي. باقي ابا ۽ امان سان پہ اڄ ڳالايان ٿي. تون رڳو دم جهل، مانڊي نہ ٿي. جيسين توٺي پيسين جو ڪو بلو ٿئي، تيسين توکي موڪل آئون وٺي ڏينديس. پوءِ تہ بس، شابس، مون جي ڏاهي پيڻ هاڻ روئڻ ڇڏي، خوشي ٿي ۽ چانهہ پيءُ، مرڳو جوءِ هٿن مان پئي وڃي. ڏس، هيڏانهن نهار.“

سهٽيءَ ڏانهس نهاريو تہ مُرڪ سندس ماسيرن چپن تي پکڙڻ لڳي.

”اوا اِڄَ..... شاباش..... هاڻ لڙڪ اگهہ، ٿورڙو کِلِ.....!“

سهٽيءَ پنهنجي هٿ جي تِريءَ سان لڙڪ اگهيا ۽ خوشيءَ وچان وهلور جي کلڻ لاءِ پنهنجا سانورا چپ کوليا تہ جهڙوڪر صبح جي ايرندڙ سج تان هلڪا گهاٽيرڙا ڪڪر هٽي ويا ۽ سندس سهٽا اڇا ڏند سج جيان جرڪي پيا.

20 جون 2012ع



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# نازِلَ ۽ دادِلَ.... !

”نازِلَ لئي نازِلَ، هليا تہ مريڙو پٽڻ هلون.“ دادِلَ اچي نازِلَ کي سڏ ڪيو. ساڻس پاڙي جون ريمي ۽ حلُو بہ گڏ هيون. ۽ پوءِ چارئي ڄڻيون وڏي واهہ جي ڪپرن تي موجود وارياسي مٽيءَ جي ڍبن تي، انهن ڍبن جي هيٺائين ۽ مٿاهين تي ۽ لاهين چاڙهين تي برساتن جي ڪري پاڻمرادو موري ايندڙ مريڙي جو ساڳ پٽڻ ۽ کهنبيون ڳولڻ ۾ جُنبي ويون. ائين مريڙو پٽيندي پٽيندي هڪڙي ڍب تان ٻيءَ تي ۽ ٻيءَ تان ٽيءَ تي لهندي چڙهندي هو چارئي ڄڻيون سندن ڳوٺ کان ڪلوميٽر کن هيٺ لهوارو ڪاڇيل (ڏکڻ طرف) ڏانهن هليون ويون. اُن سال مينهن بہ مينهن وٺا هئا. تنهن ڪري وڏي واهہ جي وارياسي ڍبن تي مريڙي، ..... ۽ کُهنبين جا ٺُونَرَ (انبار) لڳا پيا هئا. کُهنبيون ڳوليندي ڳوليندي، پاڻ ۾ ڪِل پوڳ ۽ مشڪري چرچا ڪندي، هڪ ٻئي کي ڇهنڊڙيون چُمرڪا وجهندي وجهندي ۽ حُرُون هٽي ڪلندي ٽهڪڙا ڏيندي ڏيندي پنهنجي جوڀن جي مستيءَ ۾ ايترو تہ وهلورجي ۽ خمارجي ويون جو کين اِها بہ خبر ڪا نہ پئي تہ اڳيان واهہ تي وڏو تڙ آهي، جتان ڪيترن ڳوٺن جو مال وجهوا اچي پاڻي بہ پيئي ٿو ۽ واهہ ۾ لهي ويهڪ بہ ڪري ٿو. اتي اوڏي مهل پيروارن ٻن ڳوٺن جو مال هيڪاندو اچي ٻن پهرن وارو پاڻي پيئڻ لاءِ سهڙيو هو. مينهنِ جو اوپرا وهٽ ڏٺا تہ هر ڪا نرا ڪٽي، اکيون ڦوٽاري، ڪنڌ کي ٽيڙائيءَ تي موڙي، هڪ ٻئي سان وڙهڻ لاءِ سانپاها ڪرڻ لڳيون. ڪِن سِڱ سڱن سان ٽڪرايا تہ ڪي پري کان ئي ڍڳ نہ جهلي وٺي پڳيون. ڪي وري سندن پوبان لڳيون. ائين ڊورن ۾ ٻڙڏڪ مچي ويو. دراڙ رڳو پري کان ئي هڪلون ڪري مال کي پاڻ ۾ وڙهڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. پر مينهون شينهن ڊور، سو ڪٿي ٽيون مُڙن، مال ۾ پيچ ٻُڪ ۽ چڪتاڻ متل هئي.

اوڏي مهل ئي پريان زميندارن جا ٻہ نوجوان ڇوڪرا موٽر سائيڪل تي چڙهيو وڏي واهہ جو ڪپر وٺيو شهر ڏانهن وڃي رهيا هئا. تڙ تي ڊورن جي افراتفري مٽي پئي هئي. دراڙن جون هڪلون پئي پيون. ڊور بنهہ سنوت ئي نہ پيا ڪن. نوجوان موٽر سائيڪل جهلي گس آجو ٿيڻ جي انتظار ۾ بيهي رهيا. هوڏانهن نازِلَ، دادِلَ، ريمي ۽ حلوُ پڻ مٿي ڍب تي بيهي ڊورن جو رونشو ڏسڻ لڳيون. جيڏي مهل هڪڙي بنهہ سَگهي، ٿُلهي متاري گُجر مينهن، جيڪا هڪ سِڱ کان ٿوري ڏَبي پڻ هئي، هڪڙي ڪاري ڪُنڍي مينهن سان اچي نرو ڏنو تڏهن ڪاري مينهن مقابلي جي سگهہ نہ ساري وٺي هڪ طرف پڳي. گُجر مينهن بہ اڇيو ٿي پنيان لڳيس. ٻنهي جو ڀڪو سِراڙو نيٺ گجر مينهن ڊوڙائي ڊوڙائي وڃي ڪاريءَ کي واهہ ۾ ڪيرايو. تڏهن اتي بيٺل دراڙن، گابارن، واٽ ويندڙ ماڻهن، موٽر سائيڪل وارن ڇوڪرن ۽ مريڙو پٽيندڙ ڇوڪرين کان هيڪاندا ٽهڪ نڪري ويا. انهن هيڪاندن ٽهڪڙن ۾ بہ نازِلَ جو ٽهڪ سيني کان گوءِ کٽي ويو. جهڙو سگهارو ٽهڪ هو، تهڙو ئي سُريلو آواز هو. موٽر سائيڪل تي اڳيان ويٺل نور حسن جو توجهہ اُن ٽهڪ ڏيندڙ ڇوڪريءَ ڏانهن ڇڪجي ويو. نور حسن جي جيئن ئي نگاهہ نازِلَ تي



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

پئي تہ جھڙو ڪر مٿس ڪو جادو ٿي ويو ۽ هو پنڊپھڻ ٿي ويو. هو تہ چار ئي ڄڻيون پنهنجي مُنهن ڪلي رهيون هيون، پر نور حسن جو رڳو وات ڦاٽو پيو هو. ڪجهہ ئي ساعتن ۾ مال ڊورَ ڪي پاڻيءَ ۾ لهي ويهي رهيا تہ ڪي پاڻي پِي ويندا رهيا. رستو آجو ٿي ويو. اتي موجود ماڻهو بہ هر ڪو پنهنجي گس روانو ٿيو. پر نور حسن ڪان موٽر سائيڪل هلائڻ واري ڄڻ ڳالهہ ئي وسري ويئي. هن جون اکيون رڳو هڪ ئي هنڌ ڪتيون پيون هيون، نازل تي، نازِل جي ملوڪڙي ڇهري تي، نازِلَ جي بانس جهڙي ڊگهي قد تي ۽ نازِل جي ڇيٽ جي سوڙهي گهاگهريءَ مان اُڀري ظاهر ٿيندڙ ڇاتين جي اُڀارن تي.

”ابا، هاڻ هل بہ ڪٽي، يڪو ويهي رهين.“ موٽر سائيڪل تي پٺيان ويٺل جان عليءَ نور حسن ڪي هڪل ڪئي. جنهن ڪي اِها تہ خبر ئي ڪا نہ هئي تہ ڪو نور حسن ڪنهن ڪاري ڪڪر وچان چمڪات ڪندڙوِڄ جي مَنڍَ ۾ منڍ جي هوش حواس وڃائي ويٺو آهي.

”ها، هلون ٿا،“ ايئن چئي نور حسن موٽر سائيڪل اسٽارٽ ڪيو. پر سندس نظر اڃا تائين نازِلَ جي سراپا تي ڄميل هئي. جڏهن موٽر سائيڪل اُن ڊِپ جي بلڪل ويجهو پهتو جنهن تي نازِلَ جن بيٺل هيون، تڏهن موٽر سائيڪل وري بيهي رهيو. هاڻي نور حسن  نازِلَ ڪي چٽي طرح ڏسي پئي سگهيو. جو ٻنهي جي وچ ۾ مڙيئي ڪو ويهن پنجويهن فوٽن جو فاصلو باقي هو. نور حسن ڪي ايئن هڪو ٻڪو ٿي، اکيون ڦاڙي لاڳيتو نازِلَ ۾ نهارڻ ڪي سيني ڇوڪرين هيڪاندو محسوس ڪيو ۽ اها ڳالهہ سيني ڪي ڪا نہ وڻي. سو ڦهرين تہ سيني لڄ ۽ حيا جي ڪري پنهنجي پوتين سان پنهنجي ڇاتين ڪي پردو ڪرايو ۽ پوءِ هڪ ٻئي ۾ نهاري پاڻ ۾ چڻ پڻ ڪرڻ لڳيون. پر جڏهن ڏٺائون تہ موٽر سائيڪل وارو ڇوڪرو بدتميزيءَ جي حد تائين ڪين يڪو تڪي رهيو آهي، تڏهن دادِلَ ڪان رهيو نہ ٿيو سو هڪل ڪري چيائين:

”ڇوابا، ڦهريون پر ڪوڪي ماڙهو ڏٺا ائيني ڪيئن، جو مرڳو وات ڦاٽي ويو ائيني.“

”رڳو نهاريان ئي تہ پيو ٻيو ڇا پيو ڪريان جو آڪڙجين پئي.“ نور حسن بہ ساڳئي انداز ۾ چيو.

”پر پہ ڪو تہ پيو نهاريئين، تو نجي گهر تونجون ماءُ ڀينرون ڪونهي ڪہ؟“

”اي ڇوري، وات بند ڪر نہ تہ وجهان ني نہ ڪا مصيبت. جوءِ پہ آهي ناهوڪڙي، جو وات پئي هٽي. توکي پڇي ڪير تو جو بڪ بڪ پئي ڪريئين. آئون تہ جنهن ۾ نهاريان پيو. تنهن ۾ نهاريان پيو. تون ڪو اچي مانڊي ٿي آهئين؟“ نور حسن دادِلَ ڪي داٻو ڏنو.

”اي، مٿو ڦِريو ائيني ڪہ، نياڻين جي ڪا حيا حقيقت ڪجي، سو تہ ڇُٽو مرڳو وڙهڻ پيو اچين. تون سمجهين ڇا تو پاڻ ڪي. سنو اٿئي تہ ماٺ ڪري فضيلت سان هليو وڃ، نہ تہ ڏاڍو ٻچڙو ٿيندين.“ ريميءَ ڪاوڙمان نور حسن ڏانهن نهاريندي چيو.

”يلا جوءِ! زال تہ ڏسو ڳالهائي ڇا پئي. اي توجهڙين ڪي تہ آئون ڪنگهان ئي ڪو نہ. توکان وڏڪ پلوڙ ڇوريون اسان جي اڳيان پويان پيون ڦِرن. توکي پڇي ڪير تو! مون ڪي جنهن ڪُتو آهي، تنهن ۾ پيو



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

نهاريان. آئين اجائي تڪڙ ڪو پيون ڪريو؟" نور حسن نٽهڻ جواب ڏنو ۽ وري به نازل ۾ يڪ ٽڪ نهاريندو رهيو.

"ائي ادي دادل، چڏيو ڪٽي ڪاساري کي، پلي پيو مئو نهاري، اسان جو ڪيڙو ٽنيو وڃيندو. هلو ته پان هلون." نازلَ ڀين کي منٿ ڪئي ۽ هلڻ لاءِ زور ڀريو.

"واهه واهه، سبحان الله! واهه جو ڳالهائڻ ائيني. ها، تون ڪجهه ڳالهائي ته ڪا دل ٺري. باقي هي ته پلي پيون وِلَن ڪن. ها، سو نالو ڪجاڙو ائيني؟" نور حسن دادلَ ۽ ريميءَ جي داٻڻ کي نظرانداز ڪندي نازلَ کي چيو.

"آئون پانيان تي ته اج ڪُتي ڪٽيو بيٺي ائيني، شرافت سان تون سمجهندين ڪو نه. ٻچڙو ٿيندين تڏهن ڳال ڍول ۾ وبهندي ني." دادلَ بنهه ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿيندي چيو.

"پلي پلي! جوءِ ته ڏسو!! انهيءَ مُنهن سان ٻچڙو ڪنديئين. سو پہ مون کي؟ ڪبر ائيني ته ڳالهائين ڪنهن سان پئي؟".

"مون کي ڪبر هجي جان (يا) نه هجي ته تون ڪيڙي باگ (باغ) جي موري اَهيئين. باقي توکي ته اِجها تِي ڪبر پوئي ته تونجو واسطو ڪنهن سان پيو آهي." ايئن چئي دادلَ مريڙي واري ٿيلهي پٽ تي چڏي ۽ سٽ ڏيئي پير ۾ پيل ٻير جو ڪنڊن وارو شاهي ڍنگهر ٻنهي هٿن سان ڪنيو ۽ ڊپ تان لهي موٽر سائيڪل ڏانهن وڌڻ لڳي.

نور حسن دادلَ ڏانهن نهاري وڏا وڏا ٿهڪ ڏيڻ لڳو. نه رڳو ٿهڪ ٿي ڏنائين پر مٿانئن چٿرون ۽ مشڪري ڪرڻ لڳو. ايتري ۾ نازلَ، ريميءَ حَلوءَ پڻ تَلَڙ دُڪو ۽ ٻانٺو جنهن کي جيڪو هٿ لڳو ڪٽي دادلَ جي پٺيان وڃڻ لڳيون. جڏهن دادلَ ڊپ تان هيٺ لهي نور حسن کي ويجهو پهتي، تيڏي مهل پهريون پيرو نور حسن جي چهري تي فڪرمندي ظاهر ٿيڻ لڳي. هُن ته ڪڏهن سوچيو به ڪو نه هو ته ڪي هي هارين جون ڇوريون، جيڪي سندن اوپارن ٽڪرن تي ٿيون پلجن، سي هن نموني ۾ مٿس حملو به ڪري سگهن ٿيون. سندس تصور ۾ به ڪو نه هو ته ڪو وڏن ماڻهن جي رڳو اک جي اشاري سان "حاضر سائين حاضر سائين" ڪندڙ هي غريب هارياڻيون به ايئن لنيون دُڪا ڪٽي مٿس هليون ايندون. هن کي اعتبار ئي ڪو نه پئي آيو ته هن قسم جي واردات به ساڻس ٿي سگهي ٿي. هُو بنا ٻچاءُ ونڻ جي بي پرواهيءَ سان ايئن وينو رهيو. پر جان عليءَ اِها حالت ڏسي موٽر سائيڪل تان هيٺ لٿو ۽ هڪل ڪري چيائين:

"متان ويجهو آيون آهيو. هي وڏي زميندار جو پٽ آهي نور حسن. جي وڏيري کي خبر پئي ته آنجي ڪَلَ لاهي ڇڏيندو. تنهن ڪري چڱيءَ کي مرو ته ننڍي زميندار کان ماڦي (معافي) وٺو ۽ جيئن هو چئي تيئن ڪريو. نه ته پوءِ آنجو ڪئر ڪونهي."

"هاها، ماڦي پہ وٺئون تيون. سندس چوڻ پہ ڪريون تيون. اسان جي ته سر جو سائين آهي. پر ٿورو بيهي ته سهي ته هڪڙو هٿ هٿ ڪري وٺون." ايئن چوندي چوندي دادلَ اچي نور حسن جي مٿان



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

چڙهي ۽ پنهي هٿن سان ڪنڍن وارو ڍنگهر مٿي ڪٺي ٽڪاءُ ڪرايائينس مٿي وارو نور حسن ڪنڍن کان بچڻ لاءِ منهن اڳيان ٻانهن آڏي ڏني، پر پوءِ بہ نور حسن ڌڪ سان ئي موٽر سائيڪل سميت وڃي هيٺ ڊٺو. تيستائين چئن ئي ڄڻين ٻانٺن، تلڙن، ڌُڪن ۽ ڍنگهرن جي سٽ سٽ لاهي ڏني. پنهنجي ڦونڊ ۾ آڪڙيل نوجوان پنهنجو ڪو بہ بچاءُ ڪري نہ سگهيا ۽ اٺين ڪٽبا رهيا. جيستائين تڙ تي بيٺل دراڙن ڊوڙي اچي ماين کي منٿون ڪري، پلانڌ وجهي ڪانئن تلڙ ۽ ٻانٺا وٺي پري اڇلايا. تيستائين ڇورين هٽي ڇورن کي ستي ڪتي سوڙهو ڪري ڇڏيو هو. مس مس وڃي جهيڙو ترڻيو ۽ دادِل واريون مريڙي جون تيلهيون ۽ ڪُهنبين جا ڇُنگا ڪٺي پنهنجو گس ڏيئي واپس هليون ويون. باقي پوياڻ نور حسن جي ڌَڙَ پئي پَئي تہ ”آئون آنکي ڏسي رهندس. آئين ڪاڇو ڇا سان؟ جو مون تي تيون حملو ڪريو. آنجي تہ اڳين پوين کي ٺاهيو تو گڏجان. پر رڳو ٻيهوا!“ ايئن وڦلندي وڦلندي پٽَ تي ڪريل موٽر سائيڪل سڌو ڪيائين ۽ پنهنجا ڪپڙا ڇنڊڻ لڳو. ڪيس ڏنڊن ٻانٺن کان سواءِ ڪافي ڪنڍا بہ بدن جي مختلف هنڌن تي پيجي پيا هئا. سندس سڄو بدن رڦيو پئي. تڏهن اتي بيٺل هڪڙي ڪُراڙي ڏراڙ چين: ”اباڙي، هي ماين جو ٻي ڏاڙهيو ڪتڪ آهي، انهن کان مڙيئي جڏهن ڪڏهن پہ پاسو ڪيندا وجو. هجي ڪو اڳيان مرد ماڙهو جنهن سان اڳين پوئين پہ ماڙهو ڪٺي ڪري، هاڻ ماين تي جي هٿ ڪڻ تہ پہ ڪُواري (خواري) ۽ جي نہ ڪڻ تہ پہ ڪواري، سو بابلا ايڙين هِچائن کان اڳتي مڙيئي پاسو ڪيندا وجو.“

”پر ڪاڪا، تون رڳو اِهو ٻڌائي تہ اِها ڍنگهر واري ڇوري ڪنهن جي ڌيءَ آهي. پوءِ تون ڇٺو آهيئين. اسين پاٽيهي تا انهن جو بلو ڪريون.“ جان عليءَ پوڙهي ڏراڙ کان پڇيو.

”بابلا، ساڪاتو پاڻ ڪو نہ سُڃاڻونِ. اِهي ڇوريون تہ مون ڏٺيون ئي پهريون پرڪو آهنِ. اتان ئي پٺي آيون ۽ ايڏانهن پيون وڃن. باقي ڪير آهينِ، ڪيڙي ڳوٺ جون آهنِ. مون کي ڪبر ڪانهي ڪا.“ ڏراڙ ورندي ڏني.

”ڇڱو اِن ڳالهہ کي پہ ڏسون تا. وينديون ڪيڏانهن؟ انهن جو جيڪو حشر ڪينداسين، سو تہ راج مِڙي ڏسندا، پر رڳو ڪبر وٺون تہ آهينِ ڪيرا!“ ايئن چئي نور حسن ۽ جان علي موٽر سائيڪل تي چڙهي روانا ٿي ويا.

***

”اَئي ڇوري، تون تہ مرڳو ڪا ويڙهاڪ آهئين، بس اِجَ (ايئن) ڪٽندي ڍنگهر سڌو وڃي ٽڪاءَ ڪرائيس. جي اسين توسين گڏ نہ هجون ها تہ ڪرڪيڙو حال ڪنين ها!“ نازِلَ واپس ورندي گس ۾ دادِلَ کي چيو.

”ايتري تہ ڇري آئون بہ ڪانہ آهيان، جو هيڪلي ڄٽي ٻن مڙسالن سان اجَ ٻُوٽَ ماري ڪريان ها.اهو تہ آنجي ڏڍ تي ڍنگهر ڪٺي اڳيان ٿي هُيس. ڇڱو جو آنکي الله مت ڏني، جو پَٽِيِنيَرَ (ٻانٺا) ڪٺي


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

اڇي وارو ڪيان." دادل سيني ڏانهن نهاري ڪلندي چيو ۽ سيئي ٺهڪ ڏيڻ لڳيون.
"آئي ٻڙي، ڪم ته ڏاڍو ڪراب ڪيو ائينون. پر هاڻ ڪُدا (خدا) پيو ڪئر ڪري. جي وڏيري توٽي (تائين) ڳالهه ٿي پُڇي ته پوءِ الاجي ڪيڙا حال ٿيندا سينون. هرا پران (هرو پرو) پنهنجا مڙسالا ڪنهن ڏچي ۾ نه اڇي وجن." ريمي خدشو ظاهر ڪندي چيو.
"تڏهن ته مون آنڪي چيو پئي ته ڇڏيوس ڪٽي. مئو ڪڌس (وڃي ڪڏ ۾ پوي)، پلي پيو مئو نوس نوس ڪري. پر سائينءَ ڪي چُٺان دادل ڪا جهل ڏي ڪيئن! هاڻ الاجي ڪجاڙو ٿيندو؟ پان (پاڻ) هُجَ (هونهن) پہ مشڪين مارهو ماڳهي اڇي نہ وجون ڪنهن ٻوهي (هاڄي) ۾." نازل ڳڻي ظاهر ڪندي چيو.
"اي ڪو نہ تو اُپ ڏري، نڪا ڏرتي تي ڦاتي. آئين ڦِڪر (ڳڻتي) نہ ڪريو. ڪجهه ڪو نہ ٿيندو. ايڙن ٽرڙن ۽ لُوسي تَتُو چورن ڪي جيسين ايڙي سيڪنڌ (سيڪٽ) نہ ملندي، تيسين ڪنهن نياٽي سياٽيءَ جي حيا حقيقت ڪو نہ ڪيندا. پلي جيڪا ڦاهي ڏيٽي هجين، سا مون ڪي ڏين. آئون پاٽيهي سامهون ٿيندي سين. پر هڪڙي ڳال تہ ٻڌايو! آنجو ڪيڙو ڪيال آهي تہ اسان سان ڪواڄ شودَ پئي ڪري ۽ اسين وري ڪيس مٿي تي ڪٽي هلون. اِڄ نہ؟ نہ اِڄَ ڪو نہ ٿيندو. ڪٽي اڳي جي اِڄَ ٿيندو پہ هوندو تہ پلي، باقي هاڻ اسان ڪي اِڄَ ٿيڻ نہ ڏيڻ ڪپي. آئين سپ چوڪريون ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏيو تہ جيڪو پہ اڳتي اِڄَ ٽرڙ پئي ۽ بدمعاشي ڪنهن سان ڪري تہ ڪنهن ڪي پہ بشڪ (بخش) نہ ڪجا. ايڙا تہ واڇڻ وڃائجانِ جو يا چمار پلي پيا زاد ڪن." دادل جوش ۾ اچي وڏي واڪي چيو.
"ٻڙي، آئون تہ مرڳو گهر ڪان ٻهار (ٻاهر) ئي ڪا نہ نڪرنديس. هيءَ سڄي ڪانڄاڻ مون جي ڪري تہ ٿي آهي. مون ڪي ايڙن ڏچن ڪان مرڳو ڊپ تو ٿئي." نازل چيو.
"نہ ادي نہ. ڊڄڻ جي ڳالهه نہ ڪريو. هاڻ ڊپ دل مان ڪڍي ڇڏيو. هاڻ پانجو بچاءُ پاڻ ڪبو. دادِلَ نيڪ تي چئي تہ هاڻ مڙسي ڪري منهن ڏبو. ايئن وڏيرن جي چورن جان (يا) ڪمدارن اڳيان ليزم (بي عزت) ڪو نہ ٿبو. هاڻ پانجي مڙسي ڪري پانجي زندگي جيئڻي پوندي". هيءَ حلو هئي، جنهن دادل جي پنيرائي ڪئي.
"تہ پوءِ نيڪ آهي" اڇو تہ پان چارئي گڏجي هڪڙو جوڙ ناهيون. اڳتي پان مان ڪنهن تي پہ ڪا ڏکي مال (مهل) اڇي تہ پاڻ چارئي گڏجي صلاح ڪري، ان مامري ڪي مُنهن ڏيون. ڪيئن نيڪ آهي نہ!" دادِل سيني اڳيان راءِ رکي.
"نيڪ آهي، نيڪ آهي، اِڄَ ئي ڪنديونسين،" سيني گڏجي چيو.

22 جنوري 2012


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# ڪجهه به ڪو نه ٿيو...

”توهان کي شرم نٿو اچي اهڙي گندي حرڪت ڪندي؟“ اچي مٿي واري هڪ پوڙهي ڊاڪٽرياڻي، جڏهن هڪڙي انتهائي خوبصورت ۽ انتهائي ڪِيُوٽِ (معصوم) اڻ پرڻيل ڇوڪريءَ جو ايبارشن ڪيس (ٻار ڪيرائڻ) اُڪلائڻ ڪان پوءِ پرائيويٽ اسپتال جي هڪ ڪمري ۾ آئي ۽ بيڊ تي پيل اُن حسين ڇوڪريءَ جو بلڊ پريشر چيڪ ڪرڻ لڳي هئي. تڏهن هُوءَ اُن ڇوڪريءَ تي مرڳو ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويئي: ”توهان کي ماءُ پيءُ ڄڻي، پالي، تاتي انهيءَ لاءِ وڏو ڪيو ته توهان انهن جي پوتي ۽ پڳ جي لڄ ڏوڙ ۾ ملائيندي رهو؟ توهان جي صورت ته ڪيڏي نه سهڻي آهي، پوءِ توهان جي سيرت کي ڇا ٿيو؟ توهان جي ڳالهائڻ جو لهجو ڪيڏو نه منو پوءِ توهان جي فضيلت ۽ اخلاق ڪيڏانهن ويو؟ توهان کي پنهنجي ماءُ جي اکين مان وهندڙ نِيرن جي نارن جو ذرو به احساس ڪو نه ٿو ٿئي؟ حيف آهي توهان جي زندگيءَ تي.“ ڊاڪٽرياڻيءَ بلڊپريشر چيڪ ڪري بي پي. ايپريٽس (رت جو دٻاءُ ڇڪاسڻ وارو اوزار) هڪ پاسي رکندي چيو ۽ پاڻ پاسي ۾ پيل ڪرسيءَ تي ويهي رهي.

”ڊاڪٽر صاحبہ، اوهان کي اجا ڪجهه چوڻو آهي؟“ بيڊ تي پيل ڇوڪريءَ تمام ٿڌي لهجي ۾ ۽ انتهائي صبر ۽ تحمل سان پڇيو.

”اجا ٻيو ڇا چوان توهان کي؟ منهنجي خيال ۾ ته حيا واريءَ لاءِ اِهو به گهڻو آهي.“ ڊاڪٽرياڻيءَ ڪروڌ واري انداز ۾ چيو.

”ڊاڪٽر صاحبہ، جي اوهان دل ۾ نه ڪريو ته آءٌ اوهان جي ڪيل ڇُٽ جي وضاحت ڪريان!“

”چور ٿوروئي ڪو پاسيندو ته مون چوري ڪئي آهي. توهان به پنهنجي بدافعالن جو بوجهه ٻين تي اڇلائينديون. ٻيو ڇا چوڻو آهي توهان کي،“ ڊاڪٽرياڻيءَ وري به مٿس حملو ڪيو.

”ڏسو ڊاڪٽر صاحبہ، هيءَ اوهان جي پرائيوٽ اسپتال آهي. هتي اوهان معاوضو وٺي پوءِ علاج ڪنديون آهيو. اسان به اوهان جي هاسپيٽلٽي ۽ ٽريٽمينٽ (اسپتال ۽ علاج جو خرچ) جي ادائيگي ڪري چڪا آهيون. تنهن ڪري اوهان کي اِهو حق ڪو نه ٿو پهچي ته اوهان پنهنجي مريض کي هِن طرح بي عزتو ڪريو. ٻي ڳالهه ته ڪنهن جي ذاتي زندگيءَ ۾ بنا سموري ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي، ايئن مداخلت ڪرڻ جو به حق اوهان کي ناهي. اوهان جو ڪم آهي مريضن جو علاج ڪرڻ، پوءِ يا ڪيس ڇڱو ڀلو ڪري يا لاشو بنائي روانو ڪرڻ. ڪنهن جي عيبن ثوابن يا سٺن ۽ بڇڙن عملن بابت وعظ ڪرڻو ڪونهي. پر جي هرويرو به اوهان کي، اسان کي بي عزتو ئي ڪرڻو آهي ته پوءِ گهٽ ۾ گهٽ اسان



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

کي انهيءَ بري عمل جي پنيان ڪار فرما حقيقت ٻڌائڻ جو تہ موقعو ڏيو.“ بيد تي پيل ڇوڪريءَ انتهائي سنجيدگيءَ ۽ شائستگيءَ سان نرم لهجي ۾ چيو ۽ ڊاڪٽرياڻيءَ جي اکين ۾ اکيون وجهي نهاريندي رهي.

”اڇا....! مان توهان کي بي عزتو پئي ڪريان!! حيرت آهي!!! هڪ اڻ پڙهيل ڇوڪري، جيڪا پنهنجي بدافعالن جي ڪري ٿيل ناجائز ٻار کي ڪيرائڻ آئي آهي، سا پيئي چوي تہ مان ڪيس بي عزتو پئي ڪريان! ڏاڍي مُنهن جي پڪي آهين. ڇا توهان جهڙين ڇوڪرين جي بہ ڪا عزت هوندي آهي؟“ پوڙهيءَ ۽ حد کان وڌيڪ پُراعتماد ڊاڪٽرياڻيءَ نوجوان ڇوڪريءَ جي اکين سان اکيون ملائي، انتهائي ڇيندڙ لهجي ۾ ڪائنس پڇيو.

”ڏسو ڊاڪٽر صاحبہ، جيڪڏهن اوهان رڳو اِهو ئي سوچي آيون آهيو تہ مون کي سَتَ سُريون ئي ٻڌائڻيون آهن، تہ پوءِ ٺيڪ آهي. اوهان وڏيون آهيو. جيڪي مناسب سمجهيو ۽ جيڪي وڻيوَ سو پلي ڇئو. آءُ ٻڌان پئي.“

”ٻڌڻ کان سواءِ ٻيو توهان ڪري بہ ڇا ٿيون سگهو.“ ڊاڪٽرياڻيءَ اڃا بہ ڪروڌ مان چيو.

انتهائي حسين ڇوڪريءَ ڪو بہ جواب نہ ڏنو ۽ خالي خالي نظرن سان پنهنجي چهري تي ڪو بہ تاثر آڻڻ بنا ڊاڪٽرياڻيءَ کي ڏسندي رهي.

”هڪ بدڪردار ڇوڪري، جيڪا شاديءَ کان اڳ ۾ پيٽ سان ٿي آهي، سا سواءِ ڪوڙو فسانو ٻڌائڻ جي، ٻيو ڇا ٿي چئي سگهي.“

نيٺ ڊاڪٽرياڻي بہ، ڇوڪريءَ طرفان ڪو ردعمل نہ ڏسي خاموش ٿي ويئي ۽ ڪجهہ دير لاءِ مڪمل سانت ڇائنجي ويئي. پوءِ ڊاڪٽرياڻي بي پي ايپريٽس ۽ اسٽيٿاس ڪوپ ڪڍي هلي ويئي.

ڊاڪٽرياڻيءَ جو ڪمري مان نڪرڻ کان پوءِ، نوجوان ڇوڪري، جيڪا انتهائي خوبصورت تہ هئي، پر ايبارشن ڪيس ۾ ڪجهہ خون ضايع ٿيڻ جي ڪري بي ستي پئي لڳي ۽ چهري تي هلڪي هلڪي پيلائڻ ڏسڻ ۾ پئي آئي، ڊاڪٽرياڻيءَ کي پنيرو ويندي ڏسي رهي هئي، گڏوگڏ سوچيائين بہ پئي تہ: ”مرد تہ مرد آهن، جن کي سواءِ پنهنجي مقصد پورو ڪرڻ جي، عورت جي مجبورين جي ڪا بہ پرواهہ ڪا نہ هوندي آهي. پر جڏهن عورت بہ ٻي عورت جي مجبوريءَ کي ٻڌڻ ۽ ڄاڻڻ کان سواءِ ئي اُن تي بدڪاريءَ جو ٺپو هڻي ڇڏي تہ پوءِ ڇا ڪجي؟ هاڻ هن ڊاڪٽرياڻيءَ کي ڪهڙي خبر تہ مون کي اِهو ٻار ڪيئن ٿيو آهي؟ مارَ پويس رڳو ڳارين جي ڍڳ لاهيو بيٺي آهي. ڪجهہ سُڻڻ ٻُڌڻ لاءِ تيار ئي ڪانهي، تہ پوءِ ڪيس ڪيئن سمجهائجي.. پر هي پوڙهيون، جن پنهنجي جواني تہ ڀرپور نموني ۾ گذاري هوندي آهي، پر جڏهن باقي وٽن ڪجهہ بہ نہ رهندو آهي، تڏهن نوجوان ڇوڪريون جون رڳو ۽ رڳو اوڻائيون ئي ڏسي سگهنديون آهن ۽ انهن تي ڦِٽَ لعنت ئي ڪري سگهنديون آهن.“

پوءِ هوءَ چار مهينا اڳ آيل 2010ع واري درياهي مها ٻوڏ ۾ سندن حويليءَ جي اجڙڻ جي خيالن ۾ گم ٿي


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ويئي:

ڪوٽ عالمو وٿان، مرڪزي سرڪار، چيف آف آرمي اسٽاف ۽ صوبائي سرڪار جي منصوبابندي، رضامندي ۽ نگرانيءَ هيٺ سرڪاري ڪرينن ذريعي، پٿرن سان پچنگ ٿيل بند ٽوڙي آنڌل هٽرادي ٻوڏ جن علائقن ۾ پاڻيءَ ذريعي تباهي مچائي، تنهن کان تہ سڄي دنيا واقف ٿي چڪي آهي. پر جيڪي علائقا پاڻيءَ جي زد کان پري هئا، تن جي ماڻهن کي بہ سرڪاري اعلانن ذريعي هڪدم گهر خالي ڪري ڀڄي وڃڻ جي حڪمن جيڪا تباهي آنڌي، تنهن جا مثال بہ دنيا ۾ ملڻ مشڪل آهن.

هوءَ ٻوڏ جي پاڻيءَ کان بچي ويل علائقي ۾ پنهنجي اباڻي زميندارن جي شاهي حويليءَ ۾ رهندي هئي. هوءَ پڙهي لکي بااخلاق ڇوڪري هئي. اوچتن اعلانن تر جي سموري عوام وانگر هُن جي مائٽن کي بہ مت مان ڪڍي ڇڏيو. هر طرف کان ڀڄ ڀڄان ۽ وٺ وٺان واري افراتفريءَ ۾ هُوءَ پنهنجي گهرياتين سميت مڪليءَ تي، قومي شاهراهِ جي پاسي ۾، ڊگري ڪاليج ٺٽو جي اڳيان هڪ تنبوءَ ۾ پناهہ وٺي اچي ويٺي هئي. پٽس هٿ جو ٿورو پڪو هو. تنهن ڪري مسواڙ تي ڪا جاءِ وٺي ويهڻ ۾ سستي ڪيائين تہ جايون بہ سڀ هٿ مان نڪري ويون. پوءِ هو هڪ شاندار حويليءَ جا رهاڪو پينڙيات فقيرن جهڙي جُهڳيءَ ۾ رهي حالتن کي مُنهن ڏيڻ لڳا. اپري سپري جهڳي ڏسي هر خيراتي ادارو، امداد ورهائڻ وارو ادارو، ٻاهريون مالياتي ايجنسيون ۽ اين جي اوز وارا هنن کي امدادي سامان، کاڌ خوراڪ ۽ پئسہ ڏوڪڙ تہ جام ڏيو پئي ويا، پر انهيءَ انساني همدرديءَ ۽ انساني خدمت جي عيوض هُنن هِنَ خوبصورت ۽ انتهائي حسين ڇوڪريءَ کان جيڪا قيمت وصول ڪئي، تنهن انسانيت جو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. ٿيو هيئن جو هڪڙي سنجها ويل، انساني خدمتگارن جي روپ ۾ هڪ جلادن جو ٽولو تيار ٿيل کاڌو ۽ شربت جو ڪُولر پيري هنن کي ڏيئي ويا. ڪلاڪ ٻن کان پوءِ کاڌي ۽ شربت ۾ شامل نشہ آور دوا جي اثر هيٺ سمورا ڀاتي ننڊ پئجي ويا ۽ پوءِ هڪ شاندار ڪار آئي ۽ اچي هنن جي جهڳيءَ وٽ بيٺي، ڊرائيور ۽ ٻيو همراهہ هيٺ لٿا، جهڳيءَ اندر گهڙيا. هُن معصوم ڇوڪريءَ کي ڪڍي ڪار جي پٺئين سيٽ تي ليٽايائون ۽ ڪار هلي ويئي.

مڪليءَ تي ئي هڪ حويليءَ نما بنگلي ۾ ٻوڏ جي ستايلن جي خدمت ڪندڙ سڄي رات انسانيت کي اگهاڙو ڪري، وسڪيءَ جي ڍُڪن پيڻ، جاڙا جاڙا ٿهڪ ڏيڻ ۽ نياڻيءَ جي لڄ جي تذليل ڪرڻ سان گڏ هنبوڇيون هڻندا رهيا ۽ پوءِ رات ختم ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي هُن کي واپس تنبوءَ ۾ ڇڏي ويا.

ڪجهہ بہ ڪو نہ ٿيو نہ مائٽن جي احتجاج ڪو رنگ لاتو نہ سماجي فلاحي ادارا ڪجهہ ڪري سگهيا. نہ پوليس ۽ انتظامي سرڪاري مشنري حرڪت ۾ آئي، نہ مذهبي ۽ روحاني پيشوا پنهنجون ڪرامتون ڏيکاري سگهيا. نہ ئي ڳاڙهين اکين وارن ۽ ڪاٽن پائيندڙ قوم پرست ڪامريڊن ڪو ٻوٿو ٻاريو ۽.... ۽ نہ ئي وري خدا جي خدائيءَ پنهنجو جوش ۽ جلال ڏيکاريو.

تنهن ڪري ڪجهہ بہ ڪو نہ ٿيو.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

۽ جيڪو ٿيو تنهن هُنَ انتهائي خوبصورت ۽ انتهائي حسين ڇوڪريءَ ڪي، هِن پوڙهي ڏاڪٽرياڻيءَ جي گارين ٻڌڻ لاءِ آڻي هِن اسپتال تائين پهچايو جيڪا ٻي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار ئي ناهي.

(نوٽ: ڪهاڻي لکڻ شروع ڪئي ويئي 26 سيپٽمبر 2010
۽ ڪهاڻي مڪمل ٿي مئي 2012 جي 17 تاريخ.
اهڙي طرح هِن مختصر ڪهاڻيءَ مڪمل ٿيڻ ۾ هڪ سال
ست مهينا ۽ ويهه ڏينهن ورتا.
(600 ڏينهن)
پرويز)



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# ٻوَنِ ۾ ڪرشمه

”بابا!“ ارڙهن سالن جي سُنِيتا سندس پيءُ کي رات جي ٿالهيءَ مهل ڏاڍي لاڏ مان چيو.

”جي بابا!“ سيٺ ٻِرِيُوءَ پنهنجي لاڏلي ڌيءَ کي جواب ڏنو.

”بابا، ياءُ ستيش جي نندڙي ڪرشمه ڄائي آهي. اُن کي ڪپڙا ۽ خرچي ڏيڻي آهي. هو به ٻارڻ کي اهڙن موقعن تي گهڻو ڪجهه ڏيئي ويندا آهن.“

”ها پٽ، پوءِ اِن لاءِ تون پريشان ڇو پئي ٿئين. شهر وڃڻ ٿئي ته ٻه ٽي جوڙا وٺي اچجانءِ. ٻه ٽي سئو ته خرچ ٿيندا!....“

”هان....!؟ ٻه ٽي سئو...!؟ بابا، هينئر ننڍڙن ٻارڙن جا ڪپڙا ته مرڳو وڏن کان به مهانگا آهن. پنج پنج، ست ست سئو رپين ۾ رڳو هڪڙو جوڙو ٿو ملي!....“

”ها ته پوءِ ڇا ٿي پيو پٽ! جيتري ۾ به ملن، وٺجا ته آهن. نيڪ آهي نه پٽ!“

”بابا، هنن طرفان خرچي به هڪ هزار رپيه ڏنل آهي.“

”اڙي بابا، هرو ڀرو پيئي پريشان ٿئين. تون ڪٽي ٻه هزار رپيه ڏيئي اچجانِ. بس ڳالهه به ايتري....!“.

”چڱو بابا.“ سُنِيتا چانورن جو گرهه وات ۾ وجهي، سنڌڙي انب جي وڏي قاشِ کي چڪ هڻڻ لاءِ پنهنجي وات ڏانهن وڌايو. هُوءَ ڪانو ڪائيندي ڪيڏي نه ملوڪڙي لڳي رهي هئي.

***

سائيڪلون ڪرائي تي هلائيندڙ ۽ سائيڪلن جي مرمت ڪندڙ مستري لَڇُو مل جي گهر پهريون پٽڙو ٻوَنِ ڄائو هو. غربت ۽ اڻ هوندي جي ڪري، بک ۽ بدحاليءَ جي ڪري سندس گهرواري انيتا کي گهربل غذا ۽ دوا درمل بروقت نه ملڻ ڪري بيحد ڪمزوري ۽ رت جي ڪميءَ سبب سندس وِيَم فطري عمل ذِريعي نه پر ميجر آپريشن ذريعي ٿيو هو. اسپتال جي ضرورتن کي پورو ڪندي ڪندي مستري لڇومل پنهنجو الهو تلهو داءَ تي لڳائي ڇڏيو هو ۽ هاڻ وٽس ايترو به ڪجهه ڪو نه بچيو هو جو هُو رڳو پنهنجي پهرئين پُٽڙي کي ڪو نئون وڳو وٺي پهرائي سگهي. تنهن ڪري هُن کي پاڙي جي ئي ڪنهن گهر مان مليل، لاٿلَ پراڻا ڪپڙا پنهنجي پوٽڻيڙيءَ جي پٽ کي پائڻا پيا هئا.

5_ جولاءِ 2012



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# مرگهه ترشنا

ڊاڪٽر جي هدايت موجب آءٌ روز صبح جو سوير اٿي واڪ ڪرڻ ويندو آهيان.

اُن ڏينهن بہ حسبِ معمول صبح جو سويل اٿي واڪ ڪرڻ لاءِ نڪتو هوس. پنهنجي ڳوٺ کي ويجهو ئي گذرندڙ پڪي روڊ کي ڪراس ڪندڙ گنج بحر ناليءَ تي، روڊ جي بلڪل پرسان ئي بہ ٽي ڪچا گهر ٺهيل آهن. اتي مسڪين هاري ۽ پورهيت ماڻهو رهندا آهن. مون کي سلوار ۽ گنجي پاتل هئي. موبائيل فون منهنجي هٿ ۾ هئي ۽ اُن ۾ Save ٿيل عابده پروين جو ڳايل ڪلام "ميڏا عشق وي تُو ميڏا يار وي تُو..." پئي هليو. ڪلام جي ٻولن جي مِناسَ، عابده پروين جي آواز جي سحر انگيز ترنم ۽ سازن جي لئي تي آءٌ مست ٿيو جُهومندو، هڪجهڙي رفتار سان اڳيان وڌندو پئي ويس. آس پاس ۾ سارين جي فصل جو رونبو ٿي چڪو هو. هر طرف هريالي هئي. ڌرتيءَ سائي چادر اوڍي ڇڏي هئي. اڌ جولاءِ جو جُهڙالو ۽ ڏاڍو خوب صورت صبح هو. ساڍا پنج ٿيا هئا. ماحول تي ٿوري گهٽي ڌنڌ ڇانيل هئي. سج اڃا ڪو نہ اڀريو هو. وايو منڊل ۾ ٿڌاڻ جي ورڪا ٿي رهي هئي. ڏکڻ جي هلڪي هلڪي ۽ چنچل هِيرَ گُهلي رهي هئي. پنڌ ڪندي، قميص بنا بدن تي ٿڌڙي هِيرَ جو ڇُهاءُ مون کي انتهائي فرحت ۽ سڪون مهيا ڪري رهيو هو.

"اي...!" اوچتو مون محسوس ڪيو تہ جهڙوڳرَ ڪنهن مون کي سڏ ڪيو هجي.

آءٌ ڪلام جي سُرن سازن، ٻولن ۽ آواز جي سحر انگيزيءَ مان جهڙوڪر ڇرڪ ڀري جاڳي پيس. مون آس پاس توجهہ ڏيڻ لاءِ لوٽا ڦيريا. انهن غريباڻن ڪچن گهرن جي، نہ هئڻ جهڙي ڏينگهرن جي واڙ اندران، چار (ڪٻڙا) جي گهاٽي ٻوٽي جي پير ۾ ڪا نوجوان ڇوڪري ويٺي هئي. اسان جي وچ ۾ ڪو سئو ڪن فوٽن جو فاصلو هو. منهنجا قدم هلندي هلندي رُڪجي ويا، ۽ آءٌ ان ڇوڪريءَ ڏانهن غور سان نهارڻ لڳس. ڏٺم تہ هُن شرمائي ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو. ٻئي لمحي هڪ خوشگوار مسڪراهٽ منهنجي چپن تي پکڙڻ لڳي ۽ آءٌ پنهنجي گس سان وڃڻ لڳس، سوچيم تہ شايد رانگ نمبر لڳو آهي. تنهن ڪري آءٌ وري ڪلام جي سحر انگيزي ۽ ماحول جي خوشگواريءَ ۾ مست ٿي واڪ ڪرڻ لڳس. روزانو واري مقرر هنڌ تي پهچي آءُ واپس وريس. واپسيءَ مهل انهن گهرن وٽ پهتس تہ بي اختيار منهنجي نگاهہ ان گهر ڏانهن کڄي ويئي ۽ ڏٺم تہ اُها ڇوڪري اڃا ساڳي جاءِ تي ويٺي هئي. سج هاڻ اُڀرڻ جا سانپاهہ پئي ڪيا پر اڃا نڪتو ڪو نہ هو. پر تنهن هوندي بہ آس پاس جون شيون پهرئين کان وڌيڪ چٽيون ۽ صاف نظر اچي رهيون هيون. مون ڪو گهڻو خاص توجهہ ڏانهس ڪو نہ ڏنو. پر پوءِ بہ پنهنجي چپن تي ڇڙواڳ ۽ ڇيڳري مرڪ کي پکڙجڻ کان روڪي بہ ڪو نہ سگهيس. مون پاڻ کي پنهنجي ڦهروڪي مستيءَ ۾، سر، ساز آواز ۽ ڏکڻ جي هِيرَ واري مستيءَ ۾ گم ڪرڻ پئي چاهيو. پر هن ڀيري ائين ڪري نہ سگهيس. مون کي خيالن جا واچوڙا ڏِڪي 55 سال پوئتي ڪٽي ويا، جڏهن انهن ساڳين پٻن تي



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ڪا ”لالان“ رهندي هئي ۽ 12 سالن جو آءٌ، جو انهيءَ ساڳئي رستي تان پنڌ ڪري پڙهڻ ويندو هوس. ها، البت تڏهن اِهو رستو ڪچو هو ۽ هاڻي پڪو روڊ آهي.

مون کي ذاتي طرح اِها خبر ڪانهي ته ليليٰ (مجنون واري ليليٰ) ڳوري هئي يا ڪاري هئي. ڇو ته اُن زماني ۾ آءٌ موجود ڪو نه هوس. پر روايتن ۾ ڪتابن مان پتو پوي ٿو ته هُوءَ رنگ جي ڪاري هئي. باقي مُنهن مُهانڊا، نيڻ نقشا ۽ آرڪاٽا ته ظاهر آهي، ڀلا ئي هوندس. تڏهن ته مجنو متس عاشق ٿيو هو. پر چون ٿا ته ليليٰ رنگ جي ڪاري هئي. بهرحال، ڪاري هئي يا ڳوري، منهنجو ڇا؟! هاڻي ته هڏ ئي سڙي ڳري ختم ٿي ويا هوندس! خير.... پر جنهن ليليٰ جي ڳالهه آءٌ ڪرڻ وارو آهيان، سا به اتفاق سان رنگ جي ڪاري هئي. سانوري ڪاري نه، پر بنهه چوپ ڪاري! ۽ اسين سنڌي ماڻهو وري پنهنجي لهجي ۽ مزاج مطابق ليليٰ کي ڪڏهن ”لالان“ چئون ته ”ليلان“ چئون ۽ ڪڏهن ته مرڳو ”لالي“ چئون. پر بهرحال، مجنونءَ واري ليليٰ ته مصر جي پاسي جي هئي ۽ چون ٿا ته ڏاڍي خوبصورت هئي ۽ خوبصورت شيءِ تي هر ڪو عاشق هوندو آهي. پر پاڻ تائين رڳو مجنوءَ جو نالو پهتو. باقي ٻين جي خبر هڪڙي ليليٰ کي ۽ ٻي خدا کي!.

هِن ليليٰ، جنهن کي سموري تر جا ماڻهو رنين توڙي آهيرين، ”لالان“ چوندا هئا. لالان سِلو ٿولَ واري، تي به راج عاشق هئا. رنگ، سو ته برابر چوپ ڪارو هوس، پر باقي نيڻ نقشا.... بس ڇُٽيون ڳالهيون! سندس ڪتاريون اکيون، سندس ننيڙو وات، ماسيرا چَپَ ۽ اڇا کير جهڙا ڏند! سبحان الله! مسڪراهڻ يا کِلڻ مهل جڏهن، سندس ننيڙا، سنهڙا ۽ خوبصورت ڏند ظاهر ٿيندا هئا ته ايئن لڳندو هو، ڄڻ سچن موتين جون لڙيون جَرڪي پونديون هيون ۽ ڇا ته سندس ڊگهي ڳچي هوندي هئي! گهڻا ماڻهو ته رڳو سندس اِن ڪُونج جهڙي ڊگهي ڳچيءَ تي مست هوندا هئا.

تڏهن، جڏهن لالان جي جواني هئي ۽ سندس جوڀن جهل ئي ڪا نه ٿي ڏني ۽ سندس اکيون اڻ پيتي جي نشي ۾ صبح توڙي شام مخمور هونديون هيون. سندس انگ انگ مان مستي ايئن ڦٽيو پئي نڪتي، جيئن جهرڻن مان پاڻي اِيڪي نڪرندو آهي، تڏهن سندس رڳو هڪڙي سنئين نگاهه لاءِ ماڻهو مري پوندا هئا ۽ تڏهن آءٌ ننڍو هوس. شهر جي مڊل اسڪول ۾پڙهڻ لاءِ روز صبح جو سوير اتي ڳوٺ جي ٻين ڇوڪرن سان گڏجي ٻه ميل پنڌ ڪري پهچڻو پوندو هو ۽ لالان جي گهر جي پرسان اسان کي لنگهڻو پوندو هو. رستي تان متيندڙ ماڻهن جي نگاهه سندس غريباڻي گهر جي پناهه لاءِ ڏنل ڊنگهرن جي اپري سيري نالي ماتر واڙ کي اورانگهي سندس ٿلهي تائين بنا رنڊڪ جي پهچي ويندي هئي. آءٌ به ڪيس ڪڏهن ڪڏهن ٿلهي تي بيٺل ڏسندو هوس ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته، جڏهن ناليءَ ۾ پاڻي هوندو هو ۽ هُوءَ سوير ئي گهر جا ٿانوَ ٿپا ڪڍي اچي تڙ تي ويهي ڌوئندي هئي، تڏهن، ڪيس بنهه ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ جو موقعو ملي پوندو هو.

اُن عرصي دوران مون کي ”دنيا جهان“ جي ڪا گهڻي خبر چار ڪا نه هوندي هئي. باقي ڳوٺ ۾



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

هَٽَ تي ايندڙ ماڻهن جي ڪچهريءَ ۾ لالان لاءِ الاهي ڳالهيون ڳالهيون ۽ ڳالهيون بہ قسمن قسمن جون، عجيب عجيب ڳالهيون، کِلائيندڙ ڳالهيون، خوش ڪندڙ ڳالهيون ۽ اُن وقت بہ، بدن ۾ سُر سُر پيدا ڪندڙ ڳالهيون ٻڌي لالان کي ڏسڻ جو اشتياق وڌندو هو. ڇو اشتياق وڌندو هو؟ سا خبر ڪا نہ ٿي پئي. جيڪي بہ ٿي ٻيا ڇوڪرا مون سان گڏ پڙهڻ هلندا هئا، تن ۾ وري بہ سمجهہ پريو آءٌ ئي هوس ۽ خوشحال گهر جو هئڻ ڪري ڪپڙي گنڍي پهرڻ سنوارڻ ۾ بہ ٻين کان مڙئي اڳتي هوس، تہ وري مُنهن مهاندي جو بہ پلوڙ هوس. تڏهن اسڪول جي ڊريس ڪارَسِري، رنگ جي مليشا ڪپڙي جي مقرر ٿيل هئي. منهنجو ڳورو رنگ ڪاري ڊريس ۾ گهڻن ماڻهن کي الاهي وڻندو هو. لالان کي بہ وڻندو هو. لالان ۽ اسان ڳوٺ راڄ جا ماڻهو هئاسين. ڳوٺ گڏيا پيا هئا. مرٽي پرٽي هڪ ٻئي جا ڪانڌي ۽ ڄاڃي ٿيندا هئاسين. هوءَ اسان جي گهرن ۾ ايندي هئي ۽ اسان جي ڳوٺ جون عورتون سندس گهر وينديون هيون. سو اسان جي وچ ۾ عمر کان سواءِ ٻي ڪا گهڻي اوپرائپ ڪا نہ هئي. مون بہ ٿي پيرا محسوس ڪيو هو تہ هوءَ ٿانوَ ڌوئيندي مون ڏانهن ڏاڍي چاهہ ۽ حسرت سان پيئي ڏسندي هئي. پر مون کي، اوڏيءَ مهل، سندس انهن نگاهن جي معنيٰ ۽ مفهوم تہ سمجهہ ۾ ڪو نہ ايندو هو پر ايتري ڳالهہ ضرور سمجهندو هوس تہ ڪنهن عورت جي عام رواجي نهارڻ ۽ لالان جي نهارڻ ۾ الاهي فرق هوندو هو. ايئن لڳندو هو ڄڻ مون کي ڪير ڪِتڪِتائي ڪندو هجي ۽ مون کي بي اختيار کِل اچي ويندي هئي.

هڪ ڀيري جڏهن آءٌ سندن تڙ وٽ پهتس تہ مون کي سڏ ڪيائين:

”اي ڇوڪرا، ٿورو هيڏانهن اچ.“

۽ آءٌ گس ڇڏي ڪيس ويجهو وڃي بيٺس، وري بہ هُن ڳالهايو:

”نالو ڪهاڙو اٿئي؟“ ڏاڍي مناس ڀريئي لهجي ۾ پڇيائين.

”حميد“ مون مختصر جواب ڏنو ۽ سندس مُنهن ۾ نهاريندو رهيس.

”جِلُوڙيءَ“ جو پٽ آهئين نہ!؟“ هُن منهنجي ماءُ جو نالو وٺي پڇيو.

”ها“ مون وري بہ مختصر جواب ڏنو.

”ڪيڏو نہ ملوڪڙو آهئين!“ ڏنم تہ هُن سندس مٿئين چپ تي زبان پئي ڦيري، آءٌ ڦِڪو ڦِڪو ٿي شرمائڻ لڳس ۽ ڪو بہ جواب ڏيئي ڪو نہ سگهيس. وري بہ هُن ڳالهايو:

”اِسڪول مان ورندي مال (مهل) گهر اچج. آءٌ تونجي لاءِ جيٽُونَ (زيتون) ڳولي رکنديس“.

سندن گهر ۾ زيتون جو وڻ بيٺل هو. وري چيائين: ”ايندين نہ! ضروڙ اچج. متان نہ ڳال (ڳالهہ) وسري وڃني“.

آءٌ بنا ڪو جواب ڏيڻ جي آهستي آهستي ٿي کِسڪڻ لڳس ۽ رستي تي چڙهي تِکو تکو وڃڻ لڳس. ٿوري دير کان پوءِ اُها ڳالهہ منهنجي ذهن مان ئي نڪري ويئي. اسڪول مان 2 وڳي موڪل ملندي هئي. اوڏيءَ مهل هڪڙو تہ بک تنگ ڪندي هئي ۽ ٻيو تہ بہ ميل پنڌ بہ ڪرڻو پوندو هو. پوءِ پلي سياري



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

جو سيءُ ڪڙڪا ڪري ڪِرندو هجي يا اونهاري جي چاليهي جا سخت ڪاڙها هجن. برساتن جو اوڙڪون وسنديون هجن يا گپن چِڪِن جي ڪري گس بند هجن. تڏهن سواري جي به سهوليت ڪا نه هئي ته اسڪول مان غير حاضري به برداشت ڪا نه ڪئي ويندي هئي. اڄ وانگر نه ته گهر ويٺي امتحان ڏيا هئا ۽ نه ئي ڪاپي ڪلچر جو ڪو نالو نشان به هو. سو سخت محنت ڪرڻي پوندي هئي. پنڌ ڪرڻاپوندا هئا. بکون اُجون ڪاٽيون پونديون هيون. تڏهن مون کي صرف ٻه آنا خرچي ملندي هئي. هيءُ 58_1957ع وارو زمانو هو. مون کي انهن ٻن آنن مان رسيس ۾ موڪل مهل به گذارو ڪرڻو پوندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته پاڻ ٽڪو پئسو بچائي به ڪٺي ايندو هوس ته جيئن ڳوٺ ۾ موجود هٽ تان شام مهل پڳڙا يا ڪَنَمِنيِون وٺي سگهان. اِها صورتحال اسان جي خوشحال گهر جي هئي اُن وقت. بهرحال، اُن ڏينهن مون کي مفت ۾ زيتون ملڻ جو آسرو مليو هو. سو ڏاڍو خوش خوش ڳوٺ ڏانهن پنڌ پيس. ٽڪڙو ٽڪڙو هلندو جڏهن اچي لالان جي گهر کي ويجهو پهتس، تڏهن مون تي هڪڙي عجيب ڪيفيت طاري ٿيڻ لڳي. سوچڻ لڳس ته سندن گهر وڃان يا نه وڃان. وڃان ٿو پوءِ ڇاهي؟ زيتون ڏنائين ته نيڪ، نه ته نهيو ڀيو! هونئن به زيتونن کان سواءِ ڪو نه پيو هلان ڇا؟! وڃي ته ڏسان، ته ڏي ٿي يا نه. اوڏيءَ مهل منهنجي ذهن ۾ رڳو زيتون پئي ڦريا، باقي ٻي ڪنهن ڳالهه جي سوچ ئي دماغ ۾ ڪا نه هئي. سو بهرحال، منهنجا قدم رستو ڇڏي خودبخود سندس گهر ڏانهن مڙيا ۽ عجيب اتفاق به اهڙو جو مون اڃا ٻه قدم ئي مس کنيا ته هوءَ سندن گهر جي گهٽيءَ مان ٻاهر نڪتي. ٻانهن سندس هٿ ۾ هو ۽ هُوءَ ڪُتيءَ جي هڪڙي ننڍڙي گُلِرَ کي ڏڙڪا ڏيندي، مٿس ٻانهن ٿلهو اُلاريندي کيس گهر کان ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. ننڍڙي گلر جا ڪونڪاٽ پئي پيا.

جيئن ئي هُن مون کي ڏٺو ته تِڙي پئي. گُلر کي اتي ئي ڇڏيائين ۽ مون ڏانهن وڌي آئي. ”هليا هليا حميد هليا، مون تون جي لاءِ وڻ مان پڪل ۽ هاٻوڙل جيتون پٽي رکيا آهن.“ ايئن چئي مرڳو منهنجي هٿ مان جهلي مون کي گهر وٺي ويئي. زيتون جي وڻ هيٺان ٿلهي تي، ڪاٻار جي واڻ سان واٽيل منجو پيل هو. مون کي اتي ويهڻ لاءِ چئي، پاڻ ايري سيري نهيل ڪونيءَ جو ڏاڪائو در کولي اندر گهڙي ويئي. پراڻي ڪپڙي جي هڪڙي ننڍڙي ٽڪر ۾ ٻڌل زيتونن جي ننڍڙي هَڙَ، جنهن ۾ پنج ست زيتون پيل هئا، کڻي اچي منهنجي پاسي ۾ رکيائين. گهر ۾ ٻيو ڪير به اوڏي مهل ڪو نه هو. مون کي سخت اڃ لڳي هئي، سو پئي لونئا ڦيريم ته پاڻيءَ جو گهڙو يا مٽ ڪٿي رکيل آهي. اِها ڳالهه محسوس ڪندي پاڻ ئي پڇيائين.

”پاڻي پيئندين؟“

”ها“ مون هن پيري به مختصر جواب ڏنو.

پاڻ اُٿي ۽ جست جو گلاس ڪٺي وراندي جي ڪُنڊ ۾ رکيل مَٽَ مان ڀري آڻي مون کي ڏنائين. مون پاڻي پيتو ۽ پوءِ هُوءَ اچي منهنجي پاسي ۾ ويٺي. اِن وچ ۾ ڪا به ڳالهه ٻولهه ڪا نه پئي ٿي. منهنجي



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ذهن ۾ رڳو اِهو هو تہ جيترو جلد ٿي سگهي، آءٌ زيتون کٽي هليو وڃان ۽ بس. باقي ٻئي پاسي تہ ڪيڏانهن منهنجو ڌيان ئي ڪو نہ هو. سو مون اجا اٿڻ جو بهانو پئي ڳوليو. تيستائين هُن بي ساختہ مون کي کٽي پنهنجي ياڪرن ۾ پڪوڙيو ۽ منهنجي ڪاڙهي ۾ تپي ڳاڙهو ٿي ويل چهري کي بي اختيار چمڻ لڳي. آءٌ هُن جي هِن اوچتي ڪارروائيءَ جي ڪري حيران بہ ٿيس تہ پريشان بہ. پر جيڪا مزاحمت ڪرڻ کپي يا پنهنجي جند ڇڏائڻ لاءِ جيڪا ڇڪتاڻ ڪرڻ کپي، سا مون کا نہ ڪئي، اُن ڪري جو يا تہ هُن جي هِن اوچتي ڪارروائيءَ تي منهنجا حوصلا خطا ٿي ويا هئا ۽ مون کي سمجهہ ۾ ڪجهہ ڪو نہ پئي آيو تہ ڇا ڪريان! ۽ يا تہ وري هُن جي ماسيرن چپن جي لذت پريئي ڇهاءَ مون کي هڪڙي عجيب قسم جي تسڪين پئي پهچائي. بهرحال، هُن دل پري مون کي چميو ۽ ڇَتِيو ۽ جڏهن ڍو ڪيائين، تڏهن پاڻ ئي ياڪر ڍرا ڪري مون کي ڇڏي ڏنائين. آءٌ لڄ کان پاٽي پاٽي پئي ٿيس ۽ اکيون کٽي منجهس نهاري بہ ڪو نہ پئي سگهيس. هُن کي منهنجو اِهو شرمائڻ اجا بہ وڌيڪ وڻڻ لڳو ۽ هُن اٿي بيهي، پنهنجي ٻنهي هٿن سان منهنجو چهرو مٿي کٽي، هڪڙو پيرو وري بہ جُهڪي منهنجي چپن تي چميو ۽ ڪنهن انتهائي آسودگيءَ واري سرشاريءَ ۾ غرق ٿيندي، خماريل اکيون زوريءَ پٽيندي چيائين:

”حميد، سڀاڻي وري اچج. آئون تونجي لاءِ جيتون پٽي رکنديس.“

۽ آءٌ زيتونن جي ننڍڙي هَڙَ کٽي گهر ڏانهن روانو ٿي ويس.

اُن مڊل اسڪول ۾ منهنجو اُهو آخري سال هو. امتحان تائين واري باقي عرصي دوران آءٌ فقط بہ ٽي ڀيرا ئي ”زيتون کٽڻ“ وڃي سگهيو هوس، جنهن دوران هُوءَ پنهنجي تسڪين ماٺي سگهي هئي. باقي ڪيترائي ڀيرا چاهيندي بہ، ڪنهن نہ ڪنهن جي موجوديءَ سبب مون کي ”زيتون“ نہ ملي سگهيا هئا.

پوءِ آءٌ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي شهر هليو ويس. جتي مون کي ڪجھ سال لڳي ويا. تعليم دوران ڳوٺ تہ ڪڏهن ڪڏهن ايندو هوس، پر منهنجي مصروفيتن، مشغولين ۽ شوقن ۾ ترجيحات ٻين مامرن کي هوندي هئي ۽ لالان جو فقط ڪڏهن ڪڏهن ڪٿي ذڪر ٻڌي سگهندو هوس. تعليم مڪمل ڪرڻ بعد، جيستائين ڪا ڍنگ جي نوڪري ملي، تيستائين ڪجهہ وقت گهر ويهي گذاريم. تڏهن مون کي خبر پئي تہ لالان جي ڏيءَ بانان، جيڪا تڏهن اجا پنجن ڇهن سالن جي مس هئي، جڏهن آءٌ ”زيتون کٽڻ“ سندن گهر ويندو هوس، جي هاڪَ پئي ٻُري ۽ جڏهن هڪڙو ڀيرو هڪ ٻئي کي ٻنهہ ويجهڙائيءَ کان ڏٺوسين، تڏهن مون کي منجهانئس ماڻس لالان لياڪا پائيندي نظر آئي هئي. بانان تڏهن پنڌرهن سورهن سالن جي هئي.

خير پوءِ مون کي نوڪري ملي ويئي ڪڏهن ڪٿي تہ ڪڏهن ڪٿي. شادي ٿي، ٻار ٿيا، ٻار پڙهيا، جوان ٿيا، پرڻيا، مون نوڪريءَ مان خوب پئسو ڪمايو. ڳوٺ ۾ پلوڙ جاءِ ٺهرايم. وڏن شهرن ۾ بنگلا ٺهرايم، گاڏيون ورتم. زمينون ورتم. پلاٽ ۽ ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ. رٽائر ٿيس. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ڪجھ عرصو شهر ۾ رهيس. هاڻي طبيعت ۾ ٿوري گهڻي گڙٻڙ محسوس ڪيم تہ ڊاڪٽرن سان صلاح مشورو



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ڪيم ۽ ڊاڪٽرن جي صلاح مشوري تحت ئي ڳوٺ اچي رهڻ لڳو آهيان ۽ انهن جي هدايتن تي ئي روزانو واڪ ڪرڻ ويندو آهيان.

اُن ڏينهن جڏهن، لالان واري ساڳئي گهر مان ڪنهن نوجوان ڇوڪريءَ مون کي سڏ ڪيو ته مون کي هڪدم لالان ياد اچي ويئي. اُها لالان، جنهن مون کي جڏهن پهريون ڀيرو زيتون ڏنا هئا، تڏهن سندس عمر چوويهه پنجويهه سال هئي ۽ سندس جوانيءَ جو جوبن پرپور ۽ ڇلڪندڙ جام جهڙو هو ۽ آءٌ تڏهن فقط ٻارهن سالن جو ٻار هوس، جنهن جي واڇن مان اجا کير پئي ڳڙيو ۽ هِن ڀيري جڏهن، مون کي ڪنهن 15_16 سالن جي ٻنهه نوجوانڙي ڇوڪري سڏ ڪيو آهي، تڏهن منهنجي عمر 67 سال آهي. آءٌ اُن وقت به لالان جي ڪنهن به "ڪم" جو ڪو نه هوس. ۽ آءٌ اڄ به، هِن ڇوڪريءَ جي ڪنهن به "ڪم" جو ڪو نه آهيان، جيڪا شايد منهنجي ننڍي قدَ، ڦڙتيلي جسمَ، ڪلر ٽيل ڪارن اسٽائلش وارن ۽ ڪلين شيو هجڻ ڪري نظر نه ايندڙ اچي ڏاڙهيءَ جي ڪري پلجي مون کي نوجوان ڇوڪرو سمجهي، پاڻ ڏانهن متوجهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. بهرحال، مرد ڪيترو به پوڙهو ڇو نه هجي، پر هُو پاڻ کي پوڙهو ڪو نه سمجهندو آهي. سو اُن ڏينهن ته خير مون کيس نظرانداز ڪري ڇڏيو هو. پر رکي رکي هوءَ وَرَ ڦِرَ ڏيو وريو ياد اچيو ٿي ويئي ۽ اُن ڏينهن کان پوءِ ايندڙ رات منهنجي ڏاڍي عجيب طرح جي خيالن جي اڄ وچ ۾ گذري.

خيالن جي هڪڙي وِيرَ چڙهي ٿي، ته ٻي لٿي ٿي، خيالن جون ڏارائون واچوڙن وانگر ونگ وجهي رهيون هيون. ڪنهن خيالَ ڪتان ڪَرَ ٿي ڪنئي ته "ياڳ پليرو اٿئي جُهونا، جو هِن عمر ۾ به نوجوان ڇوڪري پئي سڏ ڪري." وري ٻئي پاسان سُرٻات ٿيو: "ٻيلي حميد، ڳالهه ٻڌ! اجايو وهلورنه وڃ. هُوءَ ڇوڪري پُلي آهي. پري کان ڏندڻ ۽ اڻ چٽي روشنيءَ جي ڪري، تنهنجو ننڍو قد ڏسي توکي ڪو ننڍو نيٽو نوجوان ڇورو سمجهي ويٺي آهي..." وري ٻي ڪنڌپاسي کان آواز آيو: "اي نه نه، ايئن ڪونهي. مڙس کي پوڙها ٿيندا آهن ڇا!؟ وري به آءٌ ته اجا پُورَلِ لڳو پيو آهيان. ڪير ٿو چوي ته آءٌ پوڙهو ٿي ويو آهيان...." پر هِن ڀيري انهن لفظن ۾ جهڙوڪر پهروڪي واري برجستگي ڪا نه هئي. ايئن، جيئن چور چوري ڪندي پڪڙجي پوي، پر پوءِ به اجائي مُنهن جي پڪائي ڪندو هجي. تيستائين وري آواز اُڀريو: "پلي مڙس....! اهڙيون ڍاڙون ٻين سان هڻ. جن کي ڪا خبر نه هجي، تنهن جي حالن جي سڀ خبر آهي. اُٺ اُٺي ئي ڪو نه، چي: "سيٺ ياڙو ڏي، ...." اهڙن فضول خيالن جي لهرن ۾ لڙهندو آءٌ هڪ ڀيرو وري پنهنجي ماضيءَ ۾ وڃي نڪتس.

خوشحال گهر جو ته آءٌ هئس ئي. وڏي شهر جي هاءِ اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائيءَ دوران پئسي ڏوڪڙ جي فراواني. شڪل ۽ صورت ڏسڻ پسڻ جهڙي، پڙهائيءَ ۾ نمايان حيثيت ۽ دل کولي خرچ ڪرڻ جي ڪري هاسٽل، ڪلاس، ڪئنٽين توڙي تفريح دوران منهنجي پويان ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين جو چڱو خاصو ميڙاڪو هر وقت موجود هوندو هو. اهڙي ماحول ۾ رهندي ڪنهن جو به



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

پٽڙيءَ تان لهي وڃڻ ڪا اڻ ٿيڻي ڳالهه ڪا نه هوندي آهي. سو آءٌ به پنهنجي خوشحالي ۽ ملنساريءَ ڪي خوب ڪيش ڪرائڻ لڳس ۽ رڳو زبان خرچيءَ سان آس پاس موجود هر ميوي جو ذائقو چکڻ جو بنا رنڊڪ جو موقعو ملڻ ڪري الاجي ڪٿان جو ڪٿي وڃي پهتس. ۽ پوءِ نيٺ، سول انجنيئرنگ ۾ پوسٽ گريجوئيشن ڪري، مائٽن جي پيسي جي زور تي روڊس کاتي ۾ ملازمت حاصل ڪري ورتم ۽ هِن پاسي جو ته وري جهان ئي نرالو هو. شراب، شباب، رَمي ۽ رچ فوڊس. ڪائڻ جي شوق ۽ شهري زندگيءَ جي رنگينين، پئسي ڪمائڻ جي حَوس ۽ تعلقات وڌائڻ جي حِرصَ ۾ ايترو ته غرق ٿي ويس جو بنهه پنهنجن اباڻن، مائٽاڻن ماڻهن ۽ اوڙي پاڙي کي به وساري ويهي رهيس. بس جي ڳوٺ اچڻ ٿيو ٿي ته به ڪنهن ويجهي عزيز جو ڪانڌي ٿيڻ يا ڪنهن سئوٽ ماسات جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ بنهه مختصر عرصي لاءِ. نه ته سال گذريو ٿي ويا پر پيو مڙيو ئي ٿيو خير! سو اوسي پاسي ۽ تر جي راڄن کان بنهه ڪٽجي اڪيلو ٿي ويو هوس. جنريشن گيپ جي پوئين ڇاٽ مان نه مون ڪنهن کي ٿي سڃاتو ۽ نه ئي مون کي ڪنهن ٿي سڃاتو. اهڙي طرح تر جي سواءِ ڪن چند بڇيل پوڙهن جي، باقي بين ماڻهن لاءِ آءٌ اوپرو ۽ ڌاريون ٿي پيو هوس. تنهن ڪري ممڪن آهي ته واقعي ئي ڇوڪريءَ مون کي نه سڃاتو هجي. پر بهرحال، انهن اُبتن ۽ سبتن خيالن ۽ سوچن جي ڪيڏي مهل تيز طوفاني وهڪرن ۾ وهندي، ته ڪيڏي مهل ماٺارين لهرن تي لُڏندي مون رات گذاري، مَس مَس ڪري، جيئن تيئن ڪري... اڌ ننڊ ۽ اڌ جاڳ ۾.... ڪيڏي مهل ملڻ جي آسَ جي لذت جا چسڪا ۽ ڏُک پرينديءَ ته ڪيڏي مهل اوسيئڙي جي عذابن جا ڏنگ سهندي.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير، حسب معمول آءٌ اُٿي، مُنهن کي پاڻيءَ جو ڇنڊو هڻي واڪ لاءِ نڪري پيس. اڳي ۽ اڄ جي وچ ۾ بي ته ڪا خاص ڳالهه ڪا نه هئي، پر اڄ مون کي ائين لڳي رهيو هو، ڄڻڪ ڪير پريان منهنجو انتظار ڪري رهيو هجي. يا مون کي ڪنهن کي ڏسڻ جو انتظار هجي. بس اِن قسم جي انتظار يا اشتياق جهڙي ڪيفيت هئي منهنجي.

يڪسان رفتار سان قدم کڄندا رهيا. گنج بحر نالي ويجهي ٿيندي پئي ويئي. هلڪي ڌنڌ ۾ گهر ۽ انهن ۾ بيٺل ڄارين جا ٻوٽا ڇٽا ۽ ظاهر ٿيندا پئي ويا. ٿورو پري کان ئي مون ڏٺو ته ڪا عورت گهر جي اڱڻ تي هيڏانهن هوڏانهن هلي ڦري رهي هئي ۽ مون کي ايندو ڏٺائين ته ڪونيءَ جي پيت پرسان رکيل پاڻيءَ جو گهڙو ڪٽي ڪڇ تي رکيائين ۽ گهر جي گهٽيءَ ڏانهن وڃڻ لڳي ۽ جڏهن آءٌ ڪيس ويجهو پهتس، تيستائين هُن هڪڙو گهڙو ناليءَ مان ڀري، سينهون رکي مٿي تي رکيو هو ۽ بي ننڍي گهڙي اڃا هيٺ رکي هئي. منهنجي ويجهو پهچندي ئي، پاڻ بي حجاب ٿي سڏ ڪيائين: "اي ...، هيءَ گهڙي ته مون کي کڻائي.....!"

آءٌ، جنهن جو سمورو توجهه پهرئين کان ئي اوڏانهن هو سو دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيس. پر پاڻ کي ضبط ۾ رکندي، چپن تي بنهه هلڪي مسڪراهٽ آڻي ڏانهس وڌيس. ويجهو وڃي گهڙي هٿن ۾ کڻي مٿي



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

جهلي، پر ڪيس ڏيڻ ڪان اڳ ۾ هڪ لاڳيتي ۽ ڀرپور نگاهہ سان سندس گهري ڪاري رنگ واري ڇهري کي گهورڻ لڳس. ايئن لڳوم تہ ڪر لالان کي پيو ڏسان جيڪا 25 سالن جي جوان زال هئي. يا بانان کي پيو ڏسان، جيڪا سندس 15_16 سالن جي نوجوان ڇوڪري هئي. پر هيءَ نہ تہ لالان هئي ۽ نہ ئي سندس ڌيءَ بانان هئي. پر هيءَ تہ سندس پوٽي جامان هئي، جا پڻ 15_16 سورهن سالن جي ٽِڙندڙ ڪلي هئي ۽ لالان ۽ بانان جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي. ڏٺم تہ سندس ملوڪڙو پر گهري ڪاري رنگ وارو ڇهرو وڌيڪ دونهانتجي بي رونق ٿي ويو هو. سندس ڪيفيت اُن ٻارڙي جهڙي پئي لڳي، جنهن جي هٿ مان سندس پيارو رانديڪو ڪِري ڀڄي پيو هجي! ۽ هُو پنهنجو پاڻ تي ڪاوڙيل هجي. جڏهن گهڙي ڏيڻ ۾ ونڻ جي وچ ۾ ڪجهہ پل وڌيڪ لڳي ويا، تڏهن هُن بيزاريءَ مان چيو:

”ڪڇاڙو پيو ڏسين پوڙها....!؟ مت ڇڏي ويو آهئين ڪَ....!؟“

۽ مون بنا ڪجهہ ڪڇڻ پڇڻ جي، گهڙي ڏانهس وڌائي. هُن گهڙي وٺي ڪڇ تي رکي ۽ گهر ڏانهن وڃڻ لڳي، پر ويندي ويندي بہ پنهنجي مُنهن ڳالهائيندي پئي ويئي. جن مان آءٌ فقط هي بہ ٽي لفظ ئي ٻڌي سگهيو هوس: ”هيءُ تہ مئو ڪو پوڙهو ڪَکِ آهي... مون تہ هن کي ڪو جوان ڇورو سمجهيو هو....!“

۽ واپسيءَ مهل ڳِرِ جي ڳِرِ جي ڪڄندڙ منهنجي قدمن مان مون سمجهيو تہ آءٌ واقعي پوڙهو ٿي چڪو هوس.

16 جولاءِ 2012ع



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# حيوان جيتري گيريت.... !

”امان لئي امان, اڄ مُشالن (مشعلن) واري عيد آهي. اسان کي به مُشالا ناهي ڏي. ڏس پاسي واريون مايون سندن ٻارن لاءِ مُشالا پيون ناهين.“ اٺن سالن جي صالحان ننڍي پاٽس کي وٺي ماٽس مِنان وٽ ويئي. جنهن تي سِرُون اُڀيون رکي ناهيل چُلهه ۾ کک ڪچرو وجهي منجهند جي ماني تيار ڪرڻ لاءِ ٽانڊو ٻارڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. ٽانڊو ٻريو ڪو نه پئي ۽ دونهن ڪيس بيزار ڪري وڌو هو. صالحان ۽ پاٽس کي ڪو جواب ڪو نه مليو. هو ٻئي ماٽس جي پيڙاهه ۽ پريشانيءَ کان ته بي خبر هئا, پر دونهن کان سندس اکين ۾ لڙڪ ڏسي هيسجي ماٺ ڪري ويهي رهيا. ٿوري دير کان پوءِ جڏهن ٽانڊو پڙڪو ڏيئي ٻري پيو تڏهن هُن پنهنجي ٻارن ڏانهن توجهه ڏنو. اٺن سالن جي صالحان رڳو هڪڙي سُٿڻ ۾ هئي. پر ڇئن ورهن جو بالُو ته مرڳو اگهاڙو هو. مِنان جا ڇيهه ڇڄي پيا. هُن سوچيو: ”مُشالا ته ڪٺي ناهي ڏيانِ, پر گاستيل (گاسليٽ) ڪٿان ايندو جو مُشالا ٻاربا, ڇُون تا ته سئو رپين کان مٿي گاستيل جو لِيٽرَ آهي. سو گهٽ ۾ گهٽ, ته به ويهن پنجويهن رُوپن جو ته کپي ئي کپي, سي ڪٿان ايندا!؟.... مِنان اٿي ۽ ٻنهي ٻارن کي ٻاڪرن ۾ پڪوڙي, واري واري سان ٻنهي کي چُميائين ۽ پنهنجي وهلور ويندڙ جذبن تي ڏاڍي مشڪل سان قابو پائي کين چيائين: ”جِيئَن بچن منهنجا سڪيلڏا, ڪوڙ مشالا تي ناهيان آنجي لاءِ, رڳو ماني پچائي وٺان. نِساتَ (اِن ساعتَ ئي) پٺهين ڪم تان ايندو. بک لڳي هونديس ڏاڍي . صبح جو به نيرانو ويو آهي ڪم تي. شاٻس ٻابلا, آئين هلي ٻار (ٻاهر) راند ڪڏو, تيسين آءٌ مانيون پچائي وٺان...!“ مِنان ٻارن کي ته ماتِرائي (پرچائي) ٻاهر روانو ڪيو پر پاڻ سوچڻ لڳي:.

”ڪيڙي (ڪهڙي) ڪم تي ويو آهي هُو...؟! ڪم ته هُو ڪري ئي ڪو نه. جي هُو ڪو نه ڪو ڪم ڪندو هجي ها, ته ڪَرَ مون کي هيئن روز مرڻو جيئڻو ڪو نه پوي ها...! پر هُن ڪميني, زال جي ڪسب جي ڪمائي کائي ڏٺي آهي, سو هاڻ وٽانئس ڪو ڪم پڄندو به ڪو نه. ڇُون تا ته لَڄَ پولڙي کي به پياري هوندي آهي. پر هِن کي ته حيوان جيتري به گيريت (غيرت) ڪانهي. هيءُ جو زال جي پاڙ وٺي کائي مِنايو آهي, تنهن کي ڪيڙي لَڄَ ليهه....! هي ته پاڻ ڳوليو گراڪَ (گراهڪ) وٺيو اچي ٿو.. پاڻ پئسا وٺيو ٻارن کي شيءِ وٺي ڏيڻ جو بهانو ڪريو ٻار (ٻاهر) نڪريو وڃي. باقي پويان آءٌ اَيان (آهيان) جيڪا, دوزک (دوزخ) جي ٻاهه ۾ پئي سڙان ۽ پچان.... روز به گهمرا به ته ڪڏهن تي به....! ڪيترا پِرڪا ڇئيم ته مُنهن ڪري ڪيڏانهن پڃي وڃان. پر وڃان به ڪيڏانهن....!؟ اڳيان پٺيان ته ڪير آهي ڪو نه, جو ويهاري ٽڪر کارائي. جيڏانهن ويندس ته وري به بکئي پيٽ لاءِ اتي چپتي ته کپي. سا ڪا مفت ۾ ڪير ڏيندو به ڪا!؟ پني وچي پيٽ پاريان. پر هيڪلي جوان ڦڪيرياڻيءَ کي ڪير ڇڏيندو...؟ نه اجهو نه اوتارو....! شهر ۾ اِڄَ (ايئن) وڃَ پَٽَ تي ستل جوان زال کي ڪير ڇڏيندو...؟ تنهن کان پوءِ هتي ئي چڱي....! پانجي اجهي ۾ ته پئي ايان. باقي غربت جي زندگي, سا ته هونئن به زهر جو ڍڪ آهي, سو جهڙو



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

هُتي پرڻو ٿيو. تهڙو هِتي پيئڻو ٿيو...! اجا پہ جي ٻار نہ هجن ها تہ ڪٿي ڪنهن سان نڪري پہ وڃجي ها. پر ڪيڙي ڪبر (خبر) تہ جنهن تي اتبار (اعتبار) ڪري هي ڳڪَ پہ چڙهيان، سو پہ جي هن ڪان پہ وڏيڪ چڪلائي نڪري پوي تہ پوءِ...!؟" ايئن سوچيندي سوچيندي هُن جي اکين مان لڙڪ لارون ڪري ڳڙڻ لڳا......

مِنان چانورن جي اٽي مان ٿي مانيون پچائي رکيون ۽ هاڻ نَنڍڙي تَئيءَ (تَرٽي) ۾ ڪُترِ ٿيل پٽاٽا، لوڻ، مرچ ۽ پاڻي وجهي ڪٺي چُلهہ تي رکيائين تہ جيئن ايري سيري چَهَرَ سان رُکي ماني کائي سگهجي. مڙسهينس گهر ۾ صرف ٻن ويلن لاءِ اٽو ۽ پٽاٽا ئي وٺي ايندو هو باقي سڀني پئسن جو ٺرو ۽ سگريٽ وٺندو هو. هُو روزانو رات جو ٺرو پي پوءِ آپي مان نڪري سڄا هٿ پيو ڪندو هو.

ترٽي اجا چُلهہ تي چڙهيل ئي هئي، تيستائين هُو اچي ويو. ٻُوٿ ٻيڇڙو ڪري چيائين: "ڪيڏي مال تي آهي، اجا پئي ماني پچائين....! جلدي ڪر، ماڙهو ڪي وانڍا ويٺا آهين ڳ، جو تونجو ويهي انتظار ڪندا.... سِگهي تي، ٻاهر ماڙهو ويٺو آهي....!".

مِنان ماٺ منيءَ ۾ ڪچن ڦِڳن پٽاٽن جي ترٽي چُلهہ تان لاهي هيٺ رکي ۽ تڪڙ تڪڙ ۾ ٽڙيل پکڙيل ٿانوَ ٿپا نِڪِرَ پاسيرا ڪري رکيا. پاڻ وڃي مُنهن کي پاڻيءَ جو ڇنڊو هڻي، پوتيءَ جي پلانڌ سان مُنهن اگهي، ايري سيري ڪونيءَ اندر هلي ويئي. جتي پٽ تي ئي مهمانن کي "ٽِڪائڻ"، جي پاٿاري پٿريل هئي.

20 جولاءِ 2012ع



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# ملڻ جي ملڻ....!

رئيس مشتاق علي خان پنهنجي گاڏيءَ ۾ ٽنڊو محمد خان کان ٽينڊو حيدرآباد پئي ويو.

فتح چوڪ کي ويجهو پهتو تہ اڳيان روڊ بلاڪ هو. ٽائر پئي سڙيا. جن جي دونهن ۽ بدبوءَ سڄو ماحول سوڳوار ڪري ڇڏيو هو. اڳيان ماڻهن جي هٿن ۾ لٺيون، ڪهاڙيون ۽ ڏُڪا هئا. پڙڏڪ متو پيو هو. اُپ ڦاڙ نعرن جي وٺ وٺان لڳي پيئي هئي..." ظالمو! جواب ڏيو. خون جو حساب ڏيو.." "وحشي پوليس وارن تي لعنت..." "بي حس انتظاميہ تي لعنت..." "گونگي ٻوڙي حڪومت تي...!" "ظالمو قاتلو جواب ڏيو بي گناهہ قتل جو حساب ڏيو...!!" خبر پئي تہ ويجهوئي ڪنهن ڳوٺ جي هڪ بيگناهہ ڳڀرو نوجوان کي ڪنهن جي چُرچَ تي، حد جي پوليس ڌاڙيلن جو ساٿاري چاڙهائي، رات جو سُتن ماڻهن گهر تي ڇاپو هڻي، چادر ۽ چوديواريءَ جي تقدس کي پائمال ڪري، گهر اندر گهڙي، عورتن ۽ ٻچڙن جي بي حرمتي ڪري، گرفتار ڪري وٺي ويئي هئي. رات، سڄي رات مٿس تشدد ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ هُو مارجي ويو. فجر مهل پوليس سندس لاش کي سندن گهر اڳيان اڇلائي هلي ويئي هئي.

۽ سنڌي ماڻهن لاءِ اها ڪا نئين ۽ حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهہ ڪا نہ هئي.!!

هونئن تہ پاڪستان ٺهڻ کان وٺي هر دور ۾ سنڌي ماڻهن سان ڪربلائون ٿينديون رهيون آهن. پر "پاڪستان پيپلزپارٽي" ۽ سندس مفاهمتي دهشتگرد ٽولن جي موجوده ساڍا چار سالہ دور حڪومت ۾ جيڪي ڪاريون قيامتون سنڌي ۽ بلوچ ماڻهن مٿان ڪيرايون ويون آهن. تن جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! ايئن سمجهو تہ ظلمن جي انتها ٿي چڪي آهي. دنيا جي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ هاڻي تہ اهڙا لفظ ئي ڪو نہ ٿا سُجهن، جن سان انهن ظلمن جي شدت جو صحيح اندازو ۽ مقدار ظاهر ڪري سگهجي. بنهہ دنگ ٿي چڪو آهي. آخري حد تي پهچي ويا آهن. نہ ڪنهن نياڻي سياڻيءَ جو ننگ و ناموس سلامت آهي. نہ ڪنهن مرد جي عزتِ نفس محفوظ آهي. نہ ڪو ابهم ٻار بچيل آهي ۽ نہ ئي ڪو ٻُڍڙو رهيل آهي. ماڻهو جهڙا ڪر الف اگهاڙا ٿياسن تي سرِعام ٽنگيا پيا آهن.

۽ هِنن ماڻهن کي بہ پليءَ پيت ۽ چڱيءَ ريت خبر آهي تہ "ٿيندو ڪجهہ بہ ڪو نہ"! اول تہ پوليس ڪيس داخل ئي ڪا نہ ڪندي. پر جي ڪيس داخل ٿيو بہ. تہ جوابدار هٿ ڪو نہ ايندا ۽ شاهد شاهديون ڪو نہ ڏيندا. تنهن ڪري ٿيندو ڪجهہ بہ ڪو نہ!! پر پوءِ بہ ماڻهن سان ٿيندڙ اَنيائن جو احتجاج نوٽ ڪرائڻ لاءِ ماڻهو لاش روڊ تي رکي، ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ويهي رهيا هئا. هُنن روڊ تہ بلاڪ ڪيو هو پر ڪين ڪنهن ڪنگهيو بہ ڪو نہ. سرڪار کي بہ خبر آهي تہ، ڪجهہ دير کان پوءِ نتهڻ اُس ۽ ڪَلَ ساڙيندڙ ڪاڙهي جي ڪري، مٿان نہ لاش ڌپ ڪري وڃي، ماڻهو خوبخود ڌرڻو ۽ احتجاج ختم ڪري لاش کڻي وڃي قبر پيڙو ڪندا ۽ پوليس، انتظاميہ ۽ پ پ جي يعني نالي ۾ سنڌي وڏيرن جي حڪومت جي ڪن تي جُوءِ بہ ڪا نہ سُرندي. ڪجهہ سنڌي چينل ۽ ڪجهہ سنڌي اخبارون هڪ



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ٻہ ڏينهن اُن خبر کي خبر طور ڪڍندا ۽ پوءِ "ڪاڪا ڏُورا، ليڪا پُورا...!" ڳالهہ ختم. چڱ تہ همراهہ ڇاٿو ئي ڪو نہ هوا خيرا.

سو ڏرٽي سبب مشتاق جي گاڏي بہ اچي قطار ۾ بيهي رهي. ڊرائيور سائيڊ واري پٺئين سيٽ تي رئيس مشتاق علي خان ويٺل هو. ڪو منٽ اڌ مس گذريو هوندو جو هڪڙي ڪلٽس سوزوڪي ڪار بہ اچي ٽويوٽا ڪار جي پاسي ۾ بيٺي. اتفاق سان رئيس مشتاق ڊرائيور ڪان سواءِ اڪيلو گاڏيءَ ۾ هو تہ ڪلٽس ڪار ۾ بہ هُن سان گڏ فقط ڊرائيور ئي هو. هُوءَ خالي سائيڊ واري پٺئين سيٽ تي ويٺل هئي. گاڏيون ٻئي برابر ۾ بيٺل هيون، تنهن ڪري هُنن ٻنهي جي وچ ۾ مشڪل سان ڪو ٻن فوٽن جو فاصلو هو. مردن کي تہ هونئن بہ نوس نوس ڪرڻ جي عادت هوندي آهي ۽ وري جي ڪو اهڙو موقعو ملي ٿو وڃي، جنهن ۾ هو ٻئي هڪ ٻئي جي ويجهو ٻنهہ ويجهو مرڳو ويجهو ايترو ويجهو جو هڪ ٻئي جي بدن جي خوشبوءِ بہ هڪ ٻئي کي ڇُهندي هُجي، تہ پوءِ ڪيئن ٿا پانيوا؟ سو هُن جي سراپا کي سرهاڻ بخشيندڙ پيرس اسپري جي ڪنول جي گلن جهڙي خوشبوءِ بہ رئيس مشتاق علي خان کي ٻهرئين ڏڪ ۾ مست ڪري ويئي. رئيس پنهنجي نڪ جي ناسن سان هڪ تمام اونهون ۽ گهرو ساهہ ڪنيو ۽ ڏانهس نهارڻ لڳو. "واهہ! سبحان الله! سڀ ساراهون سچي ڏڻيءَ جي نالي، پر ٻيلي، ڳالهہ هتي بہ گهٽي هئي..." دل ۾ سوچائين.

هُن بہ مشتاق علي خان جي نگاهن جي تپش کي محسوس تہ ڪيو پر بظاهر اڻ ڄاڻ بڻي ويٺي رهي. سندس نگاهون سامهون ڪنهن نقطي تي ڄميل هيون. واقعي ائين هو يا نہ هو پر مشتاق علي خان محسوس ڪيو تہ هوءَ سندس بيقراريءَ ۽ ڪن پل ۾ ئي لچڻ ڦٿڪڻ شروع ڪري ڏيڻ مان لطف اندوز ٿي رهي هئي ۽ پنهنجي سانتيڪي رويي ۽ سڪون سان ويهي، رئيس مشتاق سان لاتعلقيءَ جو ڏيکاءُ ڏيئي رهي هئي.

۽ جڏهن رئيس مشتاق جي ضبط پنهنجا پيندَ پٽائي وڏا ۽ انساني اخلاقي پابندي تان پاڻمرادو پهرا هٽي ويا، تڏهن بي اختيار رئيس مشتاق علي خان جي وات مان ٻنهہ ڌيمي آواز ۾ هي لفظ نڪري ويا: "واهہ سائين واهہ...!"

رئيس جو آواز ٻڌي سندس ڊرئيوار ڇڻ ڇرڪ ڀري جاڳي پيو. چيائين،

"جي سائين، اوهان ڪجهہ چيو؟"

"ها، مون ٿي چيو تہ لهي ٿورو اڳيان وڃي ڏس تہ ڪهڙي پوزيشن آهي ۽ رستي کلڻ ۾ اڃا گهٽي دير لڳندي" رئيس بہ ڊرائيور جي بدحواسيءَ مان فاعدو وٺڻ جي ڪوشش ڪئي.

مشتاق علي خان ڏٺو تہ جيئن ئي سندس ڊرائيور گاڏيءَ مان لٿو تيئن ڪلٽس ڪار جو ڊرائيور بہ ازخود گاڏيءَ مان لهي اڳيان وڃڻ لڳو. دل ۾ چيائين: "واهہ مولي، تون ڪيڏو نہ ڪارساز آهين."

۽ جڏهن ڊرائيور ٿورڙو ئي پرڀرو ويا، تڏهن مشتاق علي خان ڏانهس ٻيهر نهاريو. هن ڀيري هُن بہ



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

رئيس ڏانهن نهاريو هڪ اُچاتري نگاهہ سان, هڪ اٽڪاڻ نگاهہ سان ۽ رئيس مشتاق علي خان انهيءَ ئي تاڙ ۾ هو. تنهن همت ڪري چيو: "واهہ رب العالمين, واقعي تنهنجي نعمتن جو ڪو پرو پاند ڪونهي. ڇا تہ حسين آهي تنهنجي ڪائنات.... ڪيڏو نہ خوبصورت جهان آهي تنهنجو.... واقعي رب, تون ۽ تنهنجي ملوڪڙي ڪائنات سجدي لائق آهيو.... پوڄا لائق آهيو..... حق موجود, حسن موجود.... سدا موجود....!" ڏنائين تہ مُرڪ سندس محبوب چپڙن تي ڊيل جيان تِلي رهي هئي ۽ هُن انتهائي دلربائيءَ ۽ ڪُهي وجهندڙ ادا سان رئيس ڏانهن نهاريو ۽ پل اڌ پل نهاري, پنهنجي نيڻن کي وري پلڪن جي جهالرن ۾ لڪائي ڇڏيائين. ۽ انهيءَ ادا رئيس جي بدن ۾ باهہ جا مچ مچائي ڇڏيا. بي اختيار سندس وات مان نڪري ويو "شڪريہ.... وڏي مهرباني.... انهيءَ نظرِ عنايت لاءِ....!" جڏهن ڏنائين تہ هُئي طرف ڪو رد عمل ظاهر ڪو نہ ٿيو تہ هڪڙو ٻيرو وري دل جهلي چيائين:

"معاف ڪجو هر هر بي اختيار نگاهہ توهان ڏي کڄي ٿي وڃي.... پر اڪين جو بہ کهڙو ڏوهہ.... توهان تہ شيءِ ئي اهڙي آهيو جو هي ويچاريون اکيون بيوس ٿيون وڃن....!"

"ساراهہ بہ جي, حد اندر هوندي آهي تہ وڻندي آهي ۽ جڏهن حد ٽپي خوشامد ۾ مسڪا پاليسي ٿيندي آهي, تڏهن پاڻ تان جهان ڪلائيندي آهي." هُن ڏاڍي نرم لهجي, وڻندڙ آواز ۾ اهڙي مضبوط انداز ۾ چيو جو مشتاق علي خان جا تاڪ لڳي ويا ۽ هُو پاڻ کي سڳ سُودو پڪڙيل چور جيان هلڪڙو ۽ خسيس محسوس ڪرڻ لڳو. ڏڪ پچائڻ ۾ ڪيس ڪجهہ ساعتون لڳي ويون. پوءِ وري سموري سگهہ سميٽي چيائين:

"شايد توهان کي پنهنجي خوبصورتي ۽ نزاڪت جو اندازو ڪونهي. يا توهان ڪڏهن اِن پاسي غور ئي ڪو نہ ڪيو آهي. نہ تہ جيڪر منهنجي دل مان نڪتل سچ کي توهان ڪوڙي خوشامد ڪو نہ چئو ها....!"

"هر ويرو ايئن بہ ڪونهي. دنيا ڏاڍي وسيع آهي." لاغرضيءَ جو مظاهرو ڪندي چيائين.

"خير, توهان مڃو يا نہ, پر توهان تہ "توهان" آهيو. ٻيو ڪو بہ "توهان" ڪو نہ ٿو ٿي سگهي..." رئيس مشتاق علي خان واڪاڻ جو هٿيار استعمال ڪندو ئي رهيو.

"هر ڪنهن ماڻهوءَ جي نگاهہ جي حد پنهنجي پنهنجي هوندي آهي. جنهن جي جيتري Vision هوندي, اُن کي دنيا اوتري ڏسڻ ۾ ايندي. پر اُن نگاهہ کان اڳتي بہ هڪڙو وڏو جهان موجود آهي, جيڪو هر ڪنهن کي ڏسڻ ۾ ڪو نہ ايندو آهي. اسان کي سڄي جهان تي نظر رکڻ کپي," هُن سنجيدگيءَ سان وراڻيو.

"بي شڪ توهان درست ٿيون چئو. مڃيوسين تہ اسان جي ويزن محدود آهي. پر اُن جي باوجود بہ قدرت جي ڪنهن انمول شاهڪار کي ڏسي, اُن جا ۽ اُن جي خلقڻهار جاڳڻ تہ ڳائي سگهجن ٿا."

"مون ڪڏهن چيو تہ توهان پنهنجي خلقڻڪار جاڳڻ نہ ڳايو. مون تہ رڳو اِهو چيو پئي تہ ڪنهن



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

شيءِ جي اجائي واڪاڻ، جيڪا واڪاڻ نہ رهي، سا ساراهہ ڪندڙ کي تِڇ ظاهر ڪري مٿانهس جگ ڪلائيندي آهي ۽ اِها ڳالهہ هاڻ بہ چوان پئي.“ ۽ هُن جڏهن اِهي لفظ چئي هڪ ڀرپور نگاهہ رئيس مشتاق علي خان تي وڌي تہ جڻ رئيس جي پيرن هيٺان زمين کِسڪڻ لڳي هئي. پر رئيس بہ آڙي ڪاپ هو. ڏڪ پچائي چيائين: ”خير، اِن بحث کي اِتي ئي ڇڏيون. توهان ٻڌايو توهان جا ڪهڙا حال آهن؟“

”جهڙا بهتر هجڻ گهرجن، تهڙا آهن.“

”ڪٿي رهندا آهيو؟“

”مِٺيءَ ۾.“

”هيڏانهن ڪيڏانهن پيا وڃو؟“

”حيدرآباد.“

”ڪهڙي سلسلي ۾؟“

”ما سمگلنگ ڪندي ٻڌجي ٿاڻي تي ڪا نہ آئي آهيان، جو صوبيدار اڳيان سيني سوالن جا جواب ڏيڻ جي پابند هجان.“ طنزيہ مرڪ سندس لبن تي ڪينچل ڪرڻ لڳي.

”ناراض ٿي ويون.“

”ناراض نہ پر اجاين سوالن مان بيزار.“

”ٺيڪ آهي. وڌيڪ ڪو سوال نہ ڪبو. ڀلا توهان پنهنجو موبائيل نمبر ڏيئي سگهو ٿيون؟“

”ڇو؟“

”تہ جيئن رابطو ڪري سگهجي.“

”ضرورت ڪهڙي؟“

”ڀلي توهان کي ضرورت محسوس نہ بہ ٿئي، پر مان سمجهان ٿو تہ جنهن تصوير جي تصور ۾ مون ڪيترا سال رهي اوسيئڙو پئي ڪيو آهي، سا اڄ منهنجي سامهون آهي ۽ مان اُن تصوير جي حقيقي روپ کي وڃائڻ نٿو چاهيان...!“ رئيس هڪ ڀيرو وري مسڪو هنيو.

”اڄڪلهہ جي نوجوانن کي ڪنهن تصوراتي دنيا ۾ رهي پنهنجو وقت ضايع نہ ڪرڻ گهرجي. نوجوانن کي زندگي گذارڻ لاءِ اڄڪلهہ وڏا چيلينج سامهون آهن، انهن کي فيس ڪرڻ گهرجي. ملڪ، قوم ۽ پنهنجي ڌرتيءَ کي نوجوانن ۾ وڏيون اميدون آهن. تنهن ڪري انهن کي فضوليات کي رد ڪري صحيح ڏِگ ڳولڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.“

”هر ڪنهن جون پنهنجون پنهنجون ترجيحات آهن. ڪنهن کي زبردستي تہ ڪنهن خاص مقصد جو پابند نٿو بڻائي سگهجي نہ!“ رئيس ڏندَ ٿيڙيندي چيو.

”بلڪل درست، ساڳي طرح جيڪڏهن مان بہ توهان جي ڪيل مطالبي جي جواب ۾ توهان جو ئي بيان ڪيل موقف اختيار ڪريان تہ ڇا چوندو؟“



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”ٻيو ته ڪجهه به نه، پر ايترو ضرور چوندس ته اڳي مان رڳو تصوراتي تصوير جي لاءِ ويراڳي بنيل هوس ۽ هاڻي توهان جي حقيقي روپ کي ڳولي لهڻ ئي منهنجي زندگيءَ جو سڀ کان اول ۽ آخر مقصد هوندو.“ رئيس مشتاق علي خان پڻ سنڌ جي روايتي وڏيرن وانگر قومي مفادن واري ڳالهه کي رد ڪري پنهنجي ذاتي عياشيءَ جي حصول جو مقصد بيان ڪيو.

”پر اِهو ضروري ته ڪونهي ته جيڪا شيءِ، جيڪو چاهي، تنهن کي ملي وڃي.“

”مليو ته ملندياس، نه ته گهوري جان جتن تان.... هونئن به آسرن ۽ اميدن تي دنيا قائم آهي. جڏهن ڪنهن خيالي تصوير جي تصور ۾ ڪي ئي سال گذاري سگهجن ٿا، ته پوءِ روبرو ڏٺل هستيءَ جي حسين ياد ۾ باقي زندگي گذاري ڇڏڻ ڪو مهانگو سوڏو ناهي.“

”اڄ ڄاتل ماڻهن ۾ وڏيون وڏيون توقعائون رکڻ جي عمل کي ڪنهن به عقلمندي ڪو نه ڪوٺيو آهي.“

”چاهڻ وارا وري ڪڏهن کان عقلمند ٿيا! چريائي ته هوندا آهن.“

”پر پوءِ به اڳياڙي ۽ پڇاڙيءَ جي ڪجهه ته خبر هئڻ گهرجي نه!“

”تڏهن ته توهان کان پڇيو هوم ته هيڏانهن ڪيڏانهن پيا وڃو. هونئن مان رئيس مشتاق علي خان آهيان. شاهه ڪريم بلڙي جي پاسي ۾ زمينداري اٿم ۽ توهان...؟“

”مني.“

”جي؟!“

”جي ها، مني.“

”توهان ته مني شهر جو نالو ٻڌايو هو.“

”ها. پر ڪي ماڻهو پيار مان پنهنجي ڌيءَ تي به ”مِني“ نالو رکندا آهن.“

”اڇا....!“

اِها ڪا حيران ڪندڙ ڳالهه ته ڪانهي جو حيران پيا ٿيو.“

”توهان جي ماڻهن کي نالي جي چونڊ ڪرڻ تي جس ڏيڻو پوندو. واقعي، توهان جو نالو اهو ئي هجڻ گهرجي. ”مني“.

”مون پهرين به گذارش ڪئي هئي ته اجائي واڪاڻ....“ هُن جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.

”ساري، ويري ساري...! ڀلا توهان پنهنجو نمبر...“ هِن پيري وري هُن رئيس جي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽي چيو:

”توهان پنهنجو نمبر ڏيو. مان توهان کي پنهنجو نمبر ميسيج ڪنديس.“

”ٿينڪس.... مهرباني.... ڀلا اِهو ممڪن آهي ته اڄ ڪٿي ويهي چانهه....!“ رئيس جي ڳالهه وري به اڌ ۾ رهجي ويئي، ڇو جو ٻئي ڊرائيور تڪڙا تڪڙا اچي گاڏين ۾ ويٺا. روڊ کلي چڪو هو. گاڏيون



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

اڳيان پويان ٿيندڙيون رهيون. رئيس ڊرائيور کي چيو تہ ڪلٽس ڪار جي پٺيان پٺيان هلي. پر ڪافي پيڇ هئي. جنهن مان نڪرندي نڪرندي ڪلٽس ڪار وڃائجي گم ٿي ويئي. جنهن جو رئيس کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ هُو پنهنجي مُنهن ۾ پُڻ پُڻ ڪرڻ لڳو: ”هي عورتون بہ نہ، وڏيون بلائون آهن. مردن کي چوتيو بنائڻ جون وڏيون ماهر هونديون آهن. ڀلا جي سڌي طرح ڪٽي پنهنجو نمبر ڏي ها، تہ ڇا ٿي پوي ها. هاڻي... هاڻي ميسيج ڪري بہ يا نہ! مقصد تہ حال هڪيو تہ جهڙا ملياسين، تهڙا ڪو نہ ملياسين.... خير، ڀلا هونئن لڳي ڪيئن ٿي؟! رَنَ تہ پلوڙ آهي. لڳي بہ ڪا ميڙامار ٿي... جي بنهہ ڪا ڳوٺ خدا جي هجي ها تہ ڪَر ايئن ڌارئين مرد سان گس هلندي ڪٿي ڳالهائي سگهي ها... ڄاڻ بہ الاهي اٿس.... لڳي ڪا وڏي آڙيڪاپ ٿي.... پانيان ٿو تہ ڪنهن نوڪريءَ ۾ آهي.... ٽيچر ٻيچر هجي، يا ڪنهن اين جي او ۾ هجي... تڏهن تہ ڌارئين مرد سان ڳالهائڻ ۾ ڪو بہ حجاب ڪو نہ ڪيائين.... نہ تہ گهريلو عورتون، سي بہ مٺيءَ جي پاسي جون، يعني ٿر جون، ايتريون فارورڊ ڪٿي هونديون آهن...! ها يار، جيڪا اڪيلي سر ڊرائيور سان هيڏي ساري پنڌ تي نڪري پئي آهي، سو سمجهان ٿو تہ ضرور ڪنهن جاب سان آهي. تڏهن تہ منجهس ايتري خود اعتمادي هئي..... هئو ٻيلي؟! پر ٻيلي ڙي ٻيلي، هاڻي تلها پيو تڪاءَ ڪدين، تن مان ڇا ورندو...! هوءَ تہ الاجي ڪير هئي ۽ الاجي ڪيڏانهن ويئي هلي....! نوڪريءَ واري هئي يا ڇا بہ هئي، پر تنهنجي ڪهڙي ڪم جي...! حال هڪيو تہ خوب چوتيو بنائي ويئي اٿئي، باقي مڃين توڙي نہ مڃين، سا تنهنجي آهي مرضي....! ها ٻيو... ڪري تہ واهہ جي ملهہ ويئي آهي... هاڻ رڳو پيو ”مٺيءَ جي مٺي..... مٺيءَ جي مٺي....“ چئي پيو تسبيح سور. باقي ٻيو مڙيئي ٿيو خير......!“

۽ مٺيءَ جڏهن ڏنو تہ رئيس جي گاڏي سندس پيڇو ڪندي اچي، تڏهن ڊرائيور کي چيائين تہ هُو اُن ٽويوٽا کي ڊاج ڏيئي منجهانئس جان ڇڏائي، ٿوري دير کان پوءِ جڏهن ڏٺائين تہ سندس پٺيان ڪير ڪونهي، تڏهن هڪ ٿڌو ڊگهو ساهہ کڻي پاڻ کي آسودو محسوس ڪرڻ لڳي ۽ سوچڻ لڳي: ”هي مرد بہ نہ، شل نہ ڪا عورت ڪين رڳو ٻُل ڏي...! اصل چنبڙيو پون. نہ ڄاڻ نہ سڃاڻ، پر هڪدم صدين جو تعلق جوڙڻ ۾ دير ئي ڪو نہ ڪندا....! چوي پيو تہ منهنجي تصور ۾ جيڪا تصوير چٽيل هئي، تنهن جو حقيقي روپ تون آهين.... هونهہ....! چريو ڪٿي جو....! هوڏانهن پيو چوي تہ مان رئيس آهيان ۽ زميندار اٿم ۽ هيڏانهن وري مجنوءَ جي عشق واريون پيو ڳالهيون ڪري...! هُن جي خيال ۾ مان ايتري ڪا ٻالي ڀولي آهيان جو هُو جيڪو چوندو، تنهن کي سچ سمجهي، اعتبار ڪري مٿس ويهي ڪلما پڙهڻ شروع ڪري ڏينديس...! ڇا مون کي رئيسن جي ڪرتوتن جي خبر ڪانهي تہ هو عورتن کي ڪهڙي حيثيت ڏيندا آهن....؟! هُن پئي سمجهيو تہ مان سندس ڪوڙي ۽ سڪٽي واڪاڻ تي ڦونڊجي سندس جهوليءَ ۾ وڃي ڪرنديس. پر هُو ايئن سوچي بہ ڇو نہ، رئيس جو ٿيو...! هُن جي نظر ۾ هر عورت سندس هارياڻي آهي، جيڪا سندس دابي هيٺ هوندي آهي، ۽ جيڪا ڪجهہ دابي جي ڊپ کان ۽ ڪجهہ واڪاڻ جي ڪري پَلٽي پوندي آهي. ڇو تہ ڪي ڪي هارياڻيون وري بہ زميندارن جي زبردستي



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

لڄالٺ کان انهن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ ۾ ئي پنهنجي عافيت سمجهنديون آهن. بهرحال، ڪيئن بہ هجي، پر في الحال تہ منجهانئس جان ڇٽي پئي. پوءِ جون ڳاليهون پوءِ سان... ڇوي پيو تہ نمبر ڏي... هونهہ.... جي نمبر ڏيانس ها تہ مرڳو منجهانئس ڦاسجي وڃان ها... هاڻ، هاڻ پلي پيو ميسيج جو انتظار ڪري... ۽ منيءَ جي مني... منيءَ جي مني...." ورجائي تسبيح پيو سوري... هونهہ.... ويچارو....!"

۽ منيءَ جي منيءَ سندس هروڀرو بنيل مشتاق کي وساري ڇڏيو. ايئن، جيئن لسيءَ مان مک ڪڍي ڦٽي ڪري ڇڏبي آهي. هونئن بہ هوءَ ڪنهن کي ڪنهن کي ياد رکي. سندس جاب ئي اهڙي هئي جو روزانو سندس واسطو الاجي ڪيترن مردن سان پيو پوندو هو ۽ هر ٻيو ٽيون مرد سندس حسن، جواني ۽ بي حد جسماني ڪشش رکندڙ بدني بناوت تي موهت ٿي پيو گِگُوُن ڳاڙيندو هو. پوءِ پلا هُوءَ ڪيترن جون گِگُوُن اگهي. سو هوءَ هر گگون ڳاڙيندڙ شخص کي فقط اوستائين ياد رکندي هئي، جيستائين سندس ڊيوٽيءَ جي تقاضا هوندي هئي ۽ پوءِ هر ڪو پنهنجي گهر. باقي هڪڙي ڳالهہ هئي تہ هُوءَ ڪا فلرٽ يا ٽرڙي ڇوري ڪا نہ هئي. هوءَ بنهہ بااخلاق، سنجيده، باشعور ۽ فضيلت واري ڇوڪري هئي. تنهن ڪري اُن فرق کان قطع نظر تہ ڪنهن جو رويو ڪيس پسند آهي ۽ ڪنهن جو برتائو هلڪڙائپ وارو آهي، هوءَ سڀني سان پنهنجائپ وارو ۽ پيائڻ وارو سلوڪ ڪندي هئي ۽ اِها سندس ڊيوٽيءَ جي تقاضا بہ هئي. اِهوئي سبب هو جو هر عاشق جيوڙو اُن مِنيءَ جي منيءَ کي رڳو پنهنجي ۽ صرف پنهنجي مني سمجهي سندس ياد ۾ پيو اُسڙڪندو هو ۽ مشتاق علي خان رئيس سان سندس ملاقات تہ محض روڊ بلاڪ هئڻ دوران اتفاق سان ٿي هئي. تنهن ڪري کيس ياد رکڻ جو تہ ڪو جواز بہ ڪو نہ هو.

پر رئيس مشتاق علي خان جي حواسن تي منيءَ جي مني مرڳو ديرو ڄمائي ويهي رهي هئي. پهرياڻين تہ هُن سندس گاڏيءَ جو پيڇو ڪيو پر گاڏي ڪانئس پيڙ ۾ گم ٿي ويئي. تنهن کان اڳ هُن فون نمبر گهريو جيڪو بہ کيس ڪو نہ مليو. تنهن کان پوءِ تڪڙ تڪڙ ۾ هُو ڪانئس سندس مڪمل ڏس پتو بہ پڇي ڪو نہ سگهيو هو. هاڻ هُو ڇا ڪري....!؟ ۽ وري مني شهر ۾ يا آس پاس ۾ سندس ڪو واسطو بہ ڪو نہ هو جنهن جي معرفت پڇاڳاڇا ڪري سگهجي. يا اتي مهمان ٿي وڃي رهي ڪري پاڻ واءُ سواءُ ونجي. حال هڪيو تہ ايئن پئي لڳو تہ ڄڻ ڪا سانوڻيءَ جي البيلي موسم جي ڇڙواڳ ڇيڳري ڪڪري اوچتي پرجي آئي هجي ۽ من ۾ مستي پيدا ڪندڙ ٽڏڙي ٽڏڙي سنهڙي بونڊار وسائي، سڄ جي تيز تِڙڪي سبب گم ٿي ويئي هجي ۽ اُهي ئي موج ۽ مستي پيدا ڪندڙ مينهن ڪٽيون، رئيس مشتاق علي خان جي جسم کي باهہ جون ڇپيون ٿي لُوساٽي رهيون هيون. هُن جيئن جيئن ٿي منيءَ کي وسارڻ جي ڪوشش ڪئي، تيئن تيئن تانگهہ جي آگ اُلا ٻڌجي پڙڪيو پئي پنيٽ ڪيا. رئيس جو سک ۽ آرام ڦٽي پيو. شراب ۽ شباب جون محفلون تہ هونئن بہ وٽس سَجَديون هيون. پر پوءِ بہ منيءَ جي ڪوٺ هن کي شدت سان ڏنيپي رهي هئي. هن جيئن ٿي گهٽو پيتو تيئن سندس تن جي تئونس وڌندي ٿي



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ويئي. نيٺ جڏهن رئيس اوسيئڙي جو عذاب وڏيڪ برداشت نہ ڪري سگهيو تڏهن پنهنجي هڪڙي دوست کي ساڻ ڪٽي منيءَ ڏانهن نڪري پيو. سندس دوست جو منيءَ جي پرپاسي ۾ هڪڙو لاڳاپو هو جتي هو ٽر گهمڻ جو بهانو ڪري وڃي ترسيا. ٽي چار ڏينهن رهي اُنهن منيءَ شهر جي سمورن سرڪاري، غير سرڪاري ادارن، نجي توڙي سماجي ثقافتي ادارن، سياسي توڙي ادبي تنظيمن جي ويجهڙائيءَ کان خبر چار ورتي. پر ڪٿي بہ منيءَ جي منيءَ جي ڪا بہ ڄاڻ ملي ڪا نہ سگهي. آخرڪار رئيس مشتاق علي خان پنهنجي طرفان ڪيل تلاش ۾ تحقيقات کان پوءِ هن نتيجي تي پهتو تہ منيءَ ڪيس پنهنجو ۾ پنهنجي شهر جو غلط نالو ٻڌايو هو. اهڙي طرح هُو نلهو رُلي پنې واپس موٽي آيو. ڏينهن گذريا ويا.

۽ پوءِ هڪڙي ڏينهن رئيس مشتاق علي خان کي هڪڙو دعوت نامو اچي مليو. ٽنو بدين ۽ ٽنڊو محمد خان ضلعن ۾ سن فلاور (سورج مکي) جي پيداوار ۾ واڌ ويجهہ لاءِ نئين ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال ۾ ناڪاميءَ جي صورت ۾ سببن جي ڇنڊڇاڻ متعلق هڪ ڏينهن جو ورڪشاپ حيدرآباد جي هڪ شاندار هوٽل ۾ ڪرايو پئي ويو. جنهن ۾ ٽنهي ضلعن جي مکيہ مکيہ زميندارن ۽ ناليوارن آبادگارن کي مدعو ڪيو ويو هو. ان ورڪشاپ جي ميزبان هڪ برجستي اين جي او جي ضلعي ۽ ڊويزنل مينيجمينٽ هئي ۽ ان سان سهڪار سنڌ سرڪار جو هو.

رئيس مشتاق علي خان مقرر وقت تي هوٽل ۾ پهچي پنهنجو دعوت نامو ۽ شناختي ڪارڊ ڏيکاري اندر هال ۾ پهچي ويو. اندر داخل ٿي هُن ويٺلن تي هڪ اڇاتري نظر وڌي. ڪيس هڪ جاءِ تي سندس سڃاڻو بہ زميندار ويٺل نظر آيا ۽ هُو وڃي اوڏانهن ويو. ساڻن دعا و سلام ڪري حال احوال معلوم ڪرڻ ۾ لڳي ويو. ڪجهہ ئي دير ۾ لڳ ڀڳ سمورا مهمان پهچي ويا هئا، پر اڃا اچڻ وارن جو سلسلو جاري هو. ايتري ۾ سرڪاري نمائندا، ميزبان مينيجمينٽ ۽ ايگريڪلچر کاتي جا عملدار هڪ يڪي ولر جي صورت ۾ هال ۾ داخل ٿيا. جن ۾ ڪجهہ عورتون بہ شامل هيون. مکيہ مهمانن جو هال ۾ داخل ٿيڻ کان سنت ئي پوءِ پروگرام شروع ڪيو ويو. ڪجهہ خاص شخصيتن کي اسٽيج تي ويهاريو ويو. هڪ خوبرو نوجوان ڪمپيئرنگ ڪري رهيو هو. جنهن سڀ کان پهريائين هڪ اين جي او طرفان ضلعي بدين لاءِ مقرر ڊسٽرڪٽ مانيٽرنگ آفيسر صاحبہ مس ندا شمساڻيءَ کي اسٽيج تي اچڻ لاءِ چيو تہ جيئن هوءَ اچي اچوڪي ورڪشاپ جي مقصد بابت بريفنگ ڏي.

۽ جيئن ئي ڊسٽرڪٽ مانيٽرنگ آفيسر مِس ندا شمساڻي هال جي پهرين رو (قطار) مان اٿي هڪ فائيل هٿ ۾ کڻي ڊائس تي پهتي تہ ٻين ڏسندڙن سان گڏ رئيس مشتاق علي خان جا تہ مرڳو وائسر ئي ڍرا ٿي ويا. حال هڪيو تہ هُو حيران ۽ پريشان ٿي ويو. سندس تصور ۾ بہ ڪو نہ هو تہ ايئن بہ ڪو ٿي سگهي ٿو... هُو سوچڻ لڳو تہ هيءَ، جيڪا هڪ اين جي او جي ڊسٽرڪٽ مانيٽرنگ آفيسرياڻي مس ندا شمساڻي طور سامهون آئي آهي، سا تہ ”مِنيءَ جي مني“ آهي.....! جيڪا مون کي فتح چوڪ وٽ روڊ بلاڪ هجڻ ڪري ايئن اوچتو گڏجي ويئي هئي.... ۽ جنهن مون جون ننڊرون حرام



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ڪري ڇڏيون هيون ۽ جنهن لاءِ مان منيءَ تائين خوار خراب ٿيو هوس...! معنيٰ تہ منهنجو اندازو سورنهن آنا صحيح نڪتو تہ هُن مون کي پنهنجو نالو ۽ پتو غلط ٻڌايو هو..... هونهہ...! تہ ڇئبو تہ اِها ڳالهہ آهي....!

ورڪشاپ جو پهريون اجلاس ٺيڪ ڏهين وڳي شروع ٿي ٻارهين وڳي ختم ٿيو. پوءِ 15 منٽن چانهہ جو وقفو ڪري سوا ٻارهين وڳي کان سوا ٻہ وڳي تي ٻيو اجلاس پڇاڙيءَ تي پهتو ۽ پوءِ لنچ لاءِ شرڪت ڪندڙن کي ڊائيننگ هال ۾ آنڌو ويو. ماني کائيندي کائيندي رئيس مشتاق علي خان سُري سُري اچي مس ندا شمساڻيءَ جو پاسو ورتو ۽ جنهن مهل هنن ٻنهي جون نظرون ٽڪرايون، تڏهن رئيس مشتاق علي خان مُرڪندڙ اکين سان کيس گهوري ڏٺو ۽ هلڪي آواز ۾ چيو: ”هلو.....“

”هلو....!“ مس ندا پنهنجي چهري تي بنا ڪو تاثر ظاهر ڪندي چيو.

”توهان.... مون کي سڃاتو....!؟“

”معاف ڪجو..... مون کي ذهن ۾ ڪو نہ پيو اچي.... دراصل اسان جي جاب ئي اهڙي آهي جو نہ جاڻ ڪيترا ماڻهو اسان سان روزانو ملن ٿا ۽ هر ڪنهن کي ياد رکڻ....!“ هُن جاڻي واڻي جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو ۽ مانيءَ جو گراهہ وات ۾ وجهندي وري چيائين: ”باءِ دي وي، توهان جو ڪو پرابلم....؟“

”نہ منهنجو ٻيو تہ ڪو مسئلو ناهي... البت مان ”مِنيءَ جي منيءَ“ کي اڃا وساري نہ سگهيو آهيان... جيڪا مون کي ڪجھ مهينا اڳ فتح چوڪ وٽ روڊ بلاڪ هجڻ مهل ملي وهئي....!“

”اوهہ....!“ مس ندا اوهہ لفظ کي اجائي ڊگهار ڏيندي چيو. وات ۾ پيل گراهہ کي نڙيءَ مان هيٺ لاهيندي چيائين: ”منهنجي خيال ۾ توهان کي اهڙي فضوليات بدران پنهنجي زمينداريءَ تي وڌيڪ توجهہ ڏيڻ گهرجي تہ جيئن ٿوري ايراضي ۾ ٿوري سيڙپ مان بمپر ڪراپس حاصل ڪري سگهو. پنهنجي زمين جي زرخيزي بحال رکڻ، ڪراپ روٽيشن تي توجهہ ڏيڻ ۽ هر فصل، پلي فصل طور ڪٽڻ لاءِ سوچيندو رهڻ گهرجي. اِها اسان سنڌي ماڻهن جي ضرورت آهي.... جيستائين اسان هتي موجود آهيون، توهان سان ڀرپور تعاون ڪندا رهنداسين. اسان جون ضلعي ۽ ڊويزنل آفيسون، توڙي فيلڊ اسٽاف توهان سان مڪمل سهڪار ڪندو. ڪيئن، ٺيڪ آهي نہ!؟“

”خير اِهي مسئلا تہ حل ٿين بہ پيا ۽ اڳتي بہ ٿيندا رهندا..... پر.....!“

”پر ڇا؟“ مس ندا رئيس جي ڳالهہ ڪٽيندي چيو ۽ هڪ ڀرپور آفيسراڻي نگاهہ رئيس مشتاق علي خان جي چهري تي ڄمائي رکي.

”پر.... توهان پنهنجو ....... نمبر...... ميسيج ڪرڻ لاءِ چيو هو...!“ هِن ڀيري رئيس جي رئيس پائي دم ٽوڙي رهي هئي ۽ هُن عاجزانہ انداز اختيار ڪيو هو.

”پليز پليز پليز...! مائينڊ يوئر اون بزنيس. اسان وٽ ايترو فضول وقت ڪو نہ هوندو آهي، جو اهڙين بي مقصد ڳالهين ۾ ويهي ضايع ڪريون....! توهان جو زمين، فصل ۽ ان سان لاڳاپيل



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ضرورتن جي باري ۾ ڪو مسئلو هجي تہ اسان جي فيلڊ اسٽاف سان لهہ وچڙ ۾ ايندا. اسان جي ڪوشش هوندي تہ توهان جو مسئلو حل ٿئي... اوڪي...“ ايئن چئي مس ندا شمساڻي، ڊسٽرڪٽ مانيٽرنگ آفيسر صاحبہ پنهنجي پليٽ ۾ وڏيڪ چڪن برياني ڪڍڻ لاءِ ڊائيننگ ٽيبل ڏانهن هلي ويئي.

۽ شاهہ ڪريم بلڙيءَ جي پاسي وارو زميندار رئيس مشتاق علي خان، هوائي توائي ٿي بيوسيءَ ۽ ويچارگيءَ سان ڪيس پنيرو ويندو ڏسي رهيو هو. سندس هٿ ۾ جهليل پليٽ ۾ پيل چڪن پيس ڪيس ٻاہرو ٽانڊو ٿي لڳي رهيو هو....!

5 آگسٽ 2012ع



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# عشق انوکو رنگ

نظير پنهنجي ڳوٺ ڪان ٻه ميل ڪن پري مقاطعي تي زمين حاصل ڪئي هئي. زمين هَڏَ جي ته پلي هئي، پر ڪُنَّلَ زميندار جي بي توجهيءَ سبب ڪا خاطر خواهه آبادي ڪا نه ٿي ڏنائين. ويهن ايڪڙن تي مشتمل هڪڙو لاڳيتو ٿهيل ٺوڪيل ٽڪرو هو. سون اپائيندڙ زمين ائين ٿلهي ٿلهي پُٺا ڪڍيو پئي هوندي هئي. رڳو پراڀو مال پيو چرندو هو. ٻه ٽي ايڪڙ چيٽ ۾ آباد ٿيا، ته ٻن ٽن ايڪڙن ۾ سارِيال پوکي ويئي. باقي ٻيو مِڙيو ئي ٿيو خير! وچولا يا ننڍا آبادگار جڏهن جهاجهه ۾ پئي وڏا زميندار ٿيڻ جي شوق ۾ هارين نارين سان اڏنگو رويو اختيار ڪرڻ شروع ڪندا آهن، تڏهن آهستي آهستي ڪري وتائن هاري ناري، ڪُڙمي ڪاسبي ۽ ڪمدار ڪوتار پڄي ويندا آهن. پوءِ هُنن جون زمينون ائين رڻ ۾ رُلي ويندڙيون آهن. سو هِن زمين جا جوان مڙس زميندار به، جڏهن سندن وڏي اک پوري، تڏهن هارين سان سوڙهين هٿين پوڻ لڳا. ائين پنجن ستن سالن ۾ ئي صورتحال اِها وڃي بيٺي جو نيٺ هاري ويچارا رات وچ ۾ زمينون ڇڏي، ٽپڙ ڪٽي، مُنهن واهه ڪري پڄي ويا ۽ ٻيو ڪو هاري وتن اچڻ لاءِ تيار ئي نه پيو ٿئي. تنهن ڪري لاچار ٿي هُنن کي زمينون مقاطعي تي ڏيڻون پئجي ويون. جنهن مان ويهن ايڪڙن جو هڪڙو پيس (ٽڪرو) نظير به هٿ ڪيو هو.

نظير، 35 ورهن جو هڪڙو پڙهيو ڪڙهيو جوان مڙس هو. هن کي پنهنجي ڳوٺ پرسان پنهنجي ماڻتاڻي ٻه ٽي ايڪڙ زمين اڳ ۾ ئي هئي ۽ کيس زمين آباد ڪرڻ جو چڱو خاصو تجربو به هو. سو جڏهن هُن مقاطعي تي زمين ورتي، تڏهن هُن پنهنجي چڱن خاصن واقفڪار هارين جي ٻن گهرن کي لڏائي آڻي پنهنجي زمين جي ويجهو هڪ سرڪاري پڊي تي ويهاريو. هُنن کي ايراسپرا ڪکن ڪانن جا گهر اڏائي ڏيڻ ۾ به سندن ٽيڪ ڪيائين ۽ زمين اڏواڏ ڪري کين هارپ تي ڏنائين. سارِيالي فصل لاءِ زمينون تيار پئي ٿيون. هِن زمين جي ٽڪري ۾ ڪو گهڻو ڪم ڪار ته ڪو نه هو. پر پوءِ به زمين کي سوئي، صاف ڪري، ٻه ٽي هَرَ ڪيرائي، ٻنا ٽيڪائي، اَڏون ۽ گسِيون ٺهرائي ۽ وڏي واتر ڪورس جي ڪانٺي ڪٽائي وقت ڪان اڳ ۾ ئي زمين تيار ڪرائي ڇڏيائين. وقت سر ٻيجارو پوکائي، پوري وقت تي رونبو ڪرائي ڇڏيائين. محنت سني ٿيل هئي. سارسنيال به سني پئي ٿي. ڪيميائي ڀاڻ ۽ دوا به وقت سر ڏنا ويا. سارِيالي فصل لاءِ هِن سال موسم پڻ سني هئي. سو جڏهن فصل لٿو تڏهن واهه واهه ٿي ويئي. سارين جي هائبرڊ ٻجَ 90 مڻ في ايڪڙ جي سراسري سان آبادي ڏني ۽ اوڏي مهل سارين جو اگهه به سنو هو. اهڙي طرح آمدنيءَ مان پنجن سالن لاءِ ڏنل مقاطعي جي رقم، ٻجَ، ڀاڻ، ٽريڪٽر وغيره جو خرچ ڪاٽي ۽ هارين سان حساب ڪتاب چڪتو ڪري، پوءِ جڏهن آخري انگ اکر ڏٺائين ته دل خوش ٿي ويس. پنجن ڇهن مهينن جي سيڙپ ۽ محنت جو کيس زبردست اجورو مليو هو. نظير کي ته چڱي خاصي اپت ٿي، پر هاري پڻ ڏاڍا خوش هئا. عورتن توڙي مردن هٿ ڪٽيو پئي نظير کي دعائون



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ڪيون تہ سڄي ڄمار ۾ هيءُ ڀھريون پيرو هو جو هُنن ڪائي پيٽ ڀريو هو ۽ سڄي سال جي ٽئونڻ بہ بچت ۾ هئي.

ڪتيءَ مان هارين ڪي پيٽ جي خلاصي ٽئونڻ مليءِ پنج پئسا نظير ڪي بہ بچيا. تہ هُنن ڏاڍي شوق سان ۽ محنت ڪري ڪمند جي پوکيءَ لاءِ زمين جي تياري شروع ڪري ڏني. آڪٽوبر ۾ ئي سموري زمين ۾ ڪمند پوکجي ويو ۽ جيستائين نومبر جي پڇاڙيءَ ۽ ڊسمبر جا سيءَ ڪِرَن. تيستائين فصل سڄي زمين ڍڪي مٿي اٿي ويو هو. سڄي تر ۾ پلي فصل جا هوڪرا پئجي ويا هئا ۽ تر جا ماڻهو هليو چليو اچيو ڪمند ڏسندا هئا.

توڙي جو نظير هڪ بااخلاق، فضيلت ڀريو ۽ سنجيدو جوان هو. پر پوءِ بہ سڻي شيءِ ڪنهن کي ڪا نہ ٿي وڻي! سا بہ تڏهن، جڏهن اڳيان هڪ نوجوان، سهڻي، سدا ملوڪ ۽ ڀرپور جوانيءَ سان ٽمٽار، خوش طبع ڪنواري ڇوڪري هجي. سو جڏهن ٻنيءَ تي ايندي ويندي بہ ٿي گهمرا نظيرَ عِجَتَ کي ڏنو هو. تڏهن پاڻ کي روڪيندي روڪيندي بہ نہ روڪي سگهيو هو. فطرت جي اصول موجب مخالف جنس ۾ هڪ ٻئي لاءِ خصوصي طور رکيل ڪشش واري جبلت تہ ڪيڏين پابندين هوندي بہ پنهنجو اثر ڏيکاريندي آهي. پر هتي تہ ڪا پابندي بہ ڪا نہ هئي. هاري، مرد توڙي عورتون گڏجي يا اڪيلي سر هر وقت ٻنيءَ جي ڪرت ۾ رڌل هوندا هئا ۽ زميندار ڪيڏي مهل بہ نظرداريءَ لاءِ اچي نڪرندو هو. بہ ٿي پيرا تہ آمهون سامهون نگاهن جو ٽڪراءُ بہ ٿيو هو پر پوءِ هڪڙو موقعو تہ اهڙو بہ اچي ويو هو جڏهن عجت جي ڀاڄائي گاهہ جي ڀري ڪٽي گهر ڇڏڻ پئي ويئي ۽ پنيان اڪيلي عجت گاهہ پئي ڪيو تہ مٿان نظير اوچتو اچي سهڙيو هو.

”پٽهين ڪيڏانهن ويو آهي؟“ نظيرَ عجت کي ويجهو پهچي پڇيو.

”ابا تہ شهار (شهر) ويو آهي. تون جو ڪو نياپو هجي تہ سُٽاءِ“ عجت ڏانئو ۽ وڍيل گاهہ واري مُٺ هٿن ۾ جهلي، سڌي ٿي نظير ڏانهن نهارڻ لڳي. ڪن پل جو نگاهن جو ٽڪراءُ ڄڻ جُڳن جيڏو طويل ٿي ويو هو. صدين جا فاصلا هڪ لحظي ۾ سميٽجي سوڙها ٿي اورانگهجي ويا هئا ۽ گهڙين جا بہ ڪي مختصر حصا مس گذريا هوندا. پر لڳو پئي تہ هو ايامن ڪان وٺي ايئن هڪ ٻئي جي سامهون خاموش بيٺا آهن. جيئن هماليہ جا پهاڙ خاموش هوندا آهن. جڏهن نگاهن جا نياپا، نينهن جو نينڊون ڏيئي وٺي وانڌا ٿيا تہ وري زبانون وچڙڻ لڳيون. نظير بنهہ قربائتي لهجي ۾ پڇيو:

”نالو ڇا اٿئي؟“

”عجت.“ عجت مختصر جواب ڏنو. سندس اکين ۾ اوڏيءَ مهل خوشيءَ جي چمڪ پيدا ٿيڻ لڳي، پر پلڪن جي جهالر سندس اکيون ڍڪي ڇڏيون.

”عجت، تون مون کي الاهي وڻين ٿي. تنهنجي اکين ۾ الاجي ڪهڙو جادو آهي، جو تنهنجي نهارَ منهنجون ننڊون ڦٽائي ڇڏيون آهن. ڏينهن توڙي رات اکين آڏو رڳو تون ئي تون آهين.“



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”هروڀرو ڪو مجنون ٿيو پيو هلندو. تنهن ۾ ٻين جو ڪُجا؟ (ڇا)“ عجت ماٺو ڪيو. ”ٻيو ته مون کو توکي پٽڪو لاٿو هو ته مون جي اکين ۾ نهار ڳا!“ عجت شرارت مان مسڪرايو.

”تون پٽڪو لاهيئين يا نه. پر تنهنجي نگاهن مون کي نانجو ڪري وڌو آهي. بنهه مُڏيءَ ڪاتيءَ سان ڪهيو ٿيون وجهن. ٻي ڳالهه ته آءٌ ايترو نئڊڙو ٻار به ڪو نه آهيان جو تنهنجي نگاهن ۾ سمايل نيهن جي نينڊ نه سمجهي سگهان. تنهنجي پيار ڀري نهارَ، تنهنجي روح جو آواز بڻجي منهنجي روح کي جهنجهوڙي وڌو آهي. چئو ته ايئن ڪونهي؟ چئو ته مون تنهنجي نينهن جي نياپن کي صحيح ڪو نه سمجهيو آهي؟“ نظير وهلور ويندي چيو.

”الاجي ڪچاڙو پيو چئين؟ مون کي ته تنهنجي ڳال سمجهه ۾ ئي نه ڪانه تي اچي.“ عجت لنوائيندي چيو.

”آءٌ چُٺان تو ته آءٌ توتي چريو ٿي پيو آهيان. هاڻ سمجهي؟“ نظير به عجت واري لهجي ۾ ڳالهائيندي چيو.

”ته پوءِ آئون ڪچاڙو ڪريان ني.... پوءِ نه نهار نه مون جي اکين ۾.... ڪو ٿو نهاريئين....، جان (يا) وجي ڪنهن ڦڪير (فقير) ٻڪير کان سڳو وٺائي ٻڌ. جان پاٽي پڙهائي پيءُ پاٽيهي سنئوت (سنوت) ۾ اچي ويندين...“ عجت مرڪندي ۽ خوش ٿيندي چيو.

”توکان وڌيڪ ٻئي ڪنهن جو به ڏاڳو ڦيٽو ڪو نه هلندو. منهنجي ڦَٽيءَ دل تي جڏهن تون پَهو رکنديئين، تڏهن ئي ڦٽڪندڙ دل کي سِڪون ملندو. تون ئي منهنجو آخري علاج آهين ۽ بس.“ نظير پنهنجي دل جي ڳالهه ڪري ڏني.

”ڏس وڏيرا، اسين گريب هاري ته برابر آهيون....“

”عجتَ آءٌ وڏيرو ڪو نه آهيان. آءٌ به اوهان جهڙو غريب ماڻهو آهيان. تنهن ڪري مون کي ڪڏهن به وڏيرو يا رئيس نه چئجانءِ.“ نظيرَ عجت جي ڳالهه ڪٽيندي چيو.

”ڪٿر. جي وڏيرو جان رئيس ڪو نه آهيئين ته به زميندار ته آهيئين نه. سو مون تي ڳال ڪٿي ته اسين گريب پورهيت ته آهيون. پر گريب ڏسي اسان ۾ اجايون اميدون نه رکجانءِ.... ۽ .....“.

”عجتَ. هي تون ڇا پئي چوين!؟ منهنجي نيت تي شڪ نه ڪر. آءٌ توکي دل سان چاهيان ٿو. مون کي رڳو ايترو ٻڌائي ته جي تون به دل سان مون ۾ راضي هُجين ته آءٌ پٺهين سان ڳالهايان تنهنجي سڱ لاءِ ٻي منهنجي ڪا به اجائي اميد ڪانهي تو ۾.“ نظيرَ سنجيده ٿيندي چيو.

”هيءُ سڄيءَ چمار جو مسلو (مسئلو) آهي زميندارَ. هيءَ هڪڙي ڏينهن جي ڳالهه ڪانهي. جو بيني پير ها جان نه جي ورندي ڏيئي ڇڏجي. مون کي موهليت (مهلت) ڏي ته جيئن آءٌ دل من پڇان اڳ پٺ سوچيان. اِجَ نه ٿئي جو ڪو به ڦيصلو (فيصلو) ڪرڻ کان پوءِ ٻيا سڄي عمر هٿ هڻجن....“ عجت به سنجيدگيءَ سان وراٺيو.


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”اِها ڳالهه پلي مون کي تنهنجي اِها وٽي، تون پلي دل من پُڇ، پلي آرام سان سيني پاسن تي سوچ ويچار ڪر. ايتري تڪڙ مون کي بہ ڪانهي. باقي هڪڙي ڳالهه توکي ٻڌائي ڇڏيان تہ منهنجي تو ۾ ڪا بہ بُري ٻُڇڙي نيت ڪانهي. آءُ شاهہ شاهوڪاري، پنهنجي ريتن رواجن مطابق تنهنجي مائٽن کان تنهنجي سَڱ جي گُهرَ ڪندس. جي رضا خوشيءَ سان پنهنجو سڱ ڏئي ٿو تہ واهہ. ڀلا جي نہ، تہ بہ وات واري ڪو نہ وڃائيندسين. وري بہ جيئن تنهنجي مرضي هوندي، تيئن ٿيندو. اِهو منهنجو توسان واعدو آهي. ڪيئن، ٺيڪ آهي نہ؟“

نظير سڄي ڳالهه وضاحت ڪري عجت کي ٻڌائي.

”ٺيڪ آهي. الله ڪري ابا گَس تي اچي. باقي مون کي ڳال ٺهندي ڏسڻ ۾ ڪا نہ ٿي اچي...!“ عجت انديشو ظاهر ڪيو.

”سو وري ڇو؟ مون کان وڏيڪ ڀيو ڪهڙو پٺهين جي نظر ۾ آهي؟“

”نظر ۾ آهيس جان نہ. سا تہ مون کي ڪبر ڪانهي. باقي هُو جي پانجي ناڙي ٻيهي رهيو تہ پوءِ ڪُهي ڪٽيس. ڪنهن جي پہ ڪو نہ سُٽندو.“ عجت چيو.

”خير، اِهو پوءِ ڏٺو ويندو. پهريائين تون سوچي سمجهي مون کي ٻڌائي. پوءِ جون ڳالهيون پوءِ ڪنداسين“. ايئن چئي نظير روانو ٿي ويو.

هڪ مهيني کان پوءِ جڏهن نظير ۽ عجت کي اڪيلائيءَ ۾ ڳالهائڻ جو موقعو مليو. تڏهن عجت کيس پنهنجي طرفان رضامندي ڏيکاريندي چيو تہ هُو پلي ڪوشش ڪري ڏسي.

۽ پوءِ جڏهن نظير پنهنجي برادريءَ جا چار چڱا ماڻهو وٺي عجت جي پيءُ وٽ آيو. تڏهن عجت جي پيءُ اِهو چئي ڪانئن معذرت ڪئي تہ: اسين پنهنجي برادر کان ٻاهر سڱاوتي ڪو نہ ڪندا آهيون.

اهڙيءَ ريت نظير ۽ عجت جو معاملو في الحال ايئن رهجي ويو.

هڪڙي ڏينهن عجت ۽ سندس سئوٽِ هِدايَتَ ڪمند مان گاهہ ۽ گنڏ ڪچرو چونڊي ڪيڻ لاءِ ڪانيا ٻڌي صفائي ڪري رهيون هيون. ڏهين ٻارهين جو ٽائيم هو. سيءَ شروع ٿي چڪا هئا، سو سج جو تِڙڪو وٽي رهيو هو. ايتري ۾ سندن زميندار نظير موٽر سائيڪل تي زمين جي وچان ٺهيل پٽڙي وٽي اچي لنگهيو. ڳچ جيترو پَرَڀرو وڃي هُو موٽر سائيڪل جهلي لٿو ۽ زمين ۾ وڙڪڻ لڳو. موٽر سائيڪل جي آواز تي عجت ۽ هدايت ڪنڌ مٿي ڪڍي ڏوڪا ڪئي ۽ پوءِ وري پنهنجي ڪِرتِ ۾ جُنبي ويون. ٿورڙي دير کان پوءِ عجت ڏيپ جهليندي جهليندي هدايت کي چيو:

”هدايتَ!“

”هان.“ هدايت، جيڪا سندس پاسي ۾ ئي هئي، جواب ڏنو.

”هدايت، هڪڙي ڳال پُڇان ني....؟“



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”ها، پلي پچ.“
”پر پهرين تون ساڪَ ڏي تہ هيءُ ذڪر ڪنديئين ڪنهن سان بہ ڪو نہ.“
”پهرين تون ڳال تہ ڪر سهي. آئون بہ سُڻان تہ ڪيڙي (ڪهڙي) ڳال آهي، اڳ ۾ ساڪ ڪيئن ڏبي“.
نہ پهرين سِينڌ تي هٿ رکي واعدو ڪر تہ پوءِ ٻڌايان ني.“
”اڄَ وري ڪيئن؟ ٻڙي، تون ڳال تہ ڪر....“
”نہ تہ پوءِ مرڳو آئون ڳال ئي ڪا نہ تي ڪريان.“ عجت هدايت جي ڳالهہ ڪٽيندي چيو.
”اُونهہ.... اونهہ.... ٺهيو پلا ڳال ڪر. آئون ڪنهن کي بہ ڪا نہ ٻڌائيندي‌س.“
”نہ....اِڄَ نہ....“
”تہ پوءِ وري ڪيئن؟“ هدايت تِکيري لهجي ۾ پڇيو.
”پهرين سينڌ تي هٿ رکي، سامَهين ڏِسِ (ڪعبي طرف) مُنهن ڪري واعدو ڪر تہ پوءِ ٻڌايان ني.“
”چوري، تون وڏي لُچي اَهئين... اچي، هي ڏس سامهين ڏِسِ مُنهن ۾ هيءُ ڏس سينڌ تي هٿ ۾ واعدو تي ڪريان تہ ڳال ڳوٺ ڪان ٻَهار (ٻاهر) ڪا نہ ڪڍنديس. پلا هاڻ تہ ڦاٽِ....!“
”نہ،اِڄَ بہ نہ...... چئو تہ ڪنهن سان ٻڙِڪَ ڪا نہ ٻوليندي‌س، پلي چا بہ تي پوئي.“.
”ائي ٻڙي، تومان تہ لڳي رهيس. اچي پلا هيءُ وٺ. سامهين ڏِسِ منهن ڪري، سينڌ تي هٿ رکي واعدو تي ڪريان تہ ڪنهن سان بہ ٻڙڪ ڪا نہ ٻوليندي‌س. پوءِ پلي زمين ڦاٽي پوئي، جان آشمان ڪري پَوئي.... باهہ لڳئي هاڻ تہ ڦاٽِ....“ هدايت حُجائتو ٿيندي چيو.
”ڏس پٽَڻَان تي ڏيئين تہ ڪا نہ تِي ٻڌايان ني.“ عجت ماٽوڪيو ۾ مرڪ سندس چپن تي لاڏا ڪُچڻ لڳي.
”هِن چوريءَ مان تہ مرڳو ڦاسي وياسين. شل ڪا ڪاتي پُوني، ڪا نہ تي پِٽڻان ڏيان ني. هاڻ تہ اوڳار.... (ڳالهائي).
”اِهي پٽڻان ڪونهي تہ ٻيو ڪڄاڙو آهن؟“
”اِهي تہ هونئن ئي پوڳ پئي ڪريان. تون سُڻائي، ڪڄاڙو تِي چوئين....!“
”توکي کبر تہ آهي تہ پانجو زميندار منهنجو سڱ گهرڻ آيو هو.
”ها ها، مون کي اِها بہ کبر آهي تہ پٺهين ٺڙوپڙو جباب ڏئي چڏيو هو. پوءِ....؟“
”اباجن تہ سُڪو پُڪو جباب (جواب) ڏيئي چڏيو هون. پر مون کي..... پانجو.... زميندار الاهي وٽي تو...!“ عجت ڳيتون ڏيئي ڏيئي آهستي آهستي پنهنجي ڳالهہ پوري ڪئي ۽ نماڻان نيڻ ڪٽي هدايت ڏانهن نهارڻ لڳي.


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”اَئِي گهوڙن هيس...! چوري مُئي، سچي تِي چوئين ڪَ پوڳ پئي ڪريئين!؟“ هدايت تعجب ۽ حيرانيءَ مان سندس مُنهن ۾ تڪڙ لڳي.

”ڏس هدايت، پانجا هيڪ ٻئي کان ڳُجَهه لِڪَلَ ڪونهي. مون کي تو ۾ پڪو پختو پروسو آهي ته تون مون جا عيب ثباب (ثواب) پانجي اندر ۾ رکنديئين. سچي ڳالهه ته هيءَ آهي ته جيئن ابا پانجي زميندار کي جباب ڏنو آهي، تنهن ڏينهن کان پئي دل مَن هئيم ته توکي ڳال ٻڌايان جان نہ! تنهن کي پہ اڄ اچي سچو سارو مهينو ٿيو آهي. نيٺ اڄ دل جهلي، پانجو اندر کولي تونجي مانڏان (مهندان) پئي رکان... سو ڳال هيءَ آهي ته مون جڏهن کان وٺي پانجي زميندار کي ڏنو آهي، تڏهن کان وٺي مون جي ننڊ، مون جو آرام ۽ مون جو سُک ڦٽي پيو آهي ۽....“. عجت ڳال اڌ ۾ ڇڏي ڏني.

”پر هڪڙي ڳالهه ته پڪهين هُن کي تون جو سگ ڏيڻ کان جباب ڏيئي ڇڏيو آهي. ٻي ڳالهه ته هُو ته پان (پاڻ) ڏانهن اک کڻي پہ ڪو نہ نهاريندو آهي. پاڻِ جتي مايون بيٺل ڏسندو آهي، ته اُتان تاهوڪري پري هليو ويندو آهي. نہ ته زميندارَ ته هِن کان اڳ ٻيا پہ پان ڏٺا هئا، لوُسِرَ ڪُتا، مايون ڏسيو پيا لوُس لوُس (نُوس نُوس) ڪندا هئا. پر هِن ۾ مون ته ايڙي (اهڙي) ترڙٻائي ڪڏهن ڪا نہ ڏٺي آهي. پوءِ تون ڪيئن جانني تي چڙهي ويئينس.“

”ها، اِها ڳال برابر آهي ته هُو ايڙو وايات (واهيات) ڪونهي، تڏهن ته هُو مون کي وٽي تو. ٻيو ته جباب هُن کي اباجن ڏنو آهي. پر هُو جو مون جي دل ۾ گهر ڪري ويهي رهيو آهي، تنهن کي ڪجاڙو ڪجي؟“ عجت انتهائي معصوميت مان هدايت کي چيو.

”پوءِ تون ڪجاڙو ڪنديئين؟ ڇا پاڻ ئي وڃي مانڏانئس ڪرنديئين ڪہ؟“

”ڇُون تا ته سچيءَ دل سان پانڻ وارن جا گس پاٽي جاٽي کُلي پُوندا آهين.“

”پر پوءِ پہ تون جو ارادو ڪيڙو آهي؟“ هدايت ورائي پڇيس.

”اِها ڳال سمجهه ۾ نٿي اچيم، تڏهن ته توسان ڳال ڪئيم آهي.“

”ته تون جي مرضي ڪيڙي آهي! ڇا آئون آنجي وچ ۾ ڪُنٽپو ڪريان ڪہ!؟“ هدايت کلندي چيو.

”شل ڪاڳنڍ نڪرني... شل ڪا وائي مُنجهني،.... اَئي مُئي، ڦِڪائي ڪا نہ تي ٿِيني ايڙي ڳال ڪندي. شل زبان ۾ ڪي گڏرون پُوني. آئون توکي ڇُونديس ته مُونجو ڪُنٽپو ڪر...!؟ ڪا حيا، ڪو ڊِيد آهيني ڪہ نہ....!“ عجت احتجاج ڪندي چيو.

”سُرِ تہ اِهو ئي ڪنيو ائيني، ....! ڇگو پلا ڇڏاِن ڳال کي... هاڻ ٻڌائي ته آئون ڪجاڙو ڪريان!؟“ هدايت کلندي چيو.

وڃ، نہ ٿي ڳالايان ٿي...... تواڄَ چيو ڪو؟“ عجت رُسندي چيو.

”نهيو مونجي موُمل نهيو...! مون ته مڙيئي پوڳ تي ڪيو. هاڻ ٻڌائي تونجو ارادو ڪيڙو آهي؟“



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

هدايت عجت کي پرچائيندي چيو.

”مون کي ڪچاڙو ڪرڻ ڪپي، تنهن لاءِ تہ توکي چان (چوان) پئي. مون کي تہ ڊول ۾ ڳال ويهي نٿي.“

”پر تون مونجي ڳال تي هلنديئين سهي؟“ هدايت ڪائنس پڇيو.

”هاها، تڏهن تہ پُڇان ني پئي.“ عجت وراڻيو.

”جي مون جي ڳالہ مڃيئين، تہ اِن ڳال تان هٿ کڻي ڇڏ.“

”سو وري ڪو؟“

”سو اِن ڪري تہ اسان ڪيترن سالن کان ڏِڪا ٿاپا کائي کائي مس مس هِتي اچي ڪو سولو ٽڪر کائي پيٽ سائو ڪيو آهي. سو جي هِتان پہ ٽِڙياسين، تہ وري پہ رولاڪن وانگر ڏولاون ۾ اچي، دربدر ٿي پيا رُلنداسين ۽ اڳوٽي وانگر ڏکا ٿاپا کينداسين (کائينداسين.)“

”پر اسين هِتان ٽِڙَئون پہ ڪو تہ سهي؟، عجت ڳال نہ سمجهندي پڇيو.

”اِن ڪري تہ پٽهين زميندار کي سڱ جو جباب ڏيئي ڇڏيو آهي. جيڪو ماڙهو تونجو سڱ نٿو ڏي، سو توکي ڪيئن ڇيڪ ڇڏيندو تہ تون زميندار سان پئي عشق بازي ڪر! بيو تہ هي ڳاليون لڪڻ ڇپڻ جون تہ آهنِ ئي ڪو نہ. جو تون دنيا کان لڪي ڇپي ڪري سگهين. تنهن ڪري تہ چُنان ني تي تہ اِن ڳال تان لهي وڃ.“

”مون اِجَ ڪٿي چيو تہ آءٌ زميندار سان لڪي ڇپي عشق بازي تي ڪرڻ چاهيان.“

”تہ ڇا تونجو ارادو ساڻس پڃي ويڃڻ جو آهي؟“ هدايت چيندڙ لهجي ۾ پڇيو.

”توبان (توبهہ) ڪرمائي! تون چُئين ڪچاڙو پيئي! مون اِجَ ڪٿي چيو تہ آءٌ ساڻس پڃي ويندِيس.“ عجت پنهنجو بچاءُ ڪيو.

”ڏس عجت، هاڻ جڏهن ڳال ڪئي ائيني، تہ پوءِ ڳال ڪر صڦا سونٽي جي تہ تون جي نيت ڪيڙي آهي؟ پٽهين هن کي جباب ڏئي ڇڏيو آهي. سو هاڻ مڃندو ڪنهن کي پہ ڪو نہ. تون تي چوئين تہ ساڻس پڃي پہ ڪا نہ ويندِيس ۽ نڪو ڪو لڪي ڇپي ساڻس ملنديس. پوءِ پلا آکر (آخر) تونجي مرضي ڪيڙي آهي“ بيو تہ آئون تون جي لاءِ ڪچاڙو ڪريان؟ اجا پہ بي ڳال تہ هاڻ تہ تون مٿان چوڪسي پہ گهٽي ٿيندي، “ هدايت خدشو ڏيکاريو.

”تڏهن تہ توسان حال ڪيو آهيم. تون ئي ڪو گس ڳول، آئون مرڳو مُنجهي پئي آهيان. ماڳهي سوچي سوچي چري نہ ٿي پئان (پوان). هُو مون کان وسرندو ڪو نہ ۽ هُو مون کي ملندو پہ ڪو نہ.“ عجت جو گلو پرجي آيو ۽ هوءَ روئڻهارڪي ٿي پئي.

”عجتَ، آءٌ توکان وَڏَڪ عقل جي وِير تہ ڪا نہ آهيان پر هڪڙي ڳال مون کي پہ سمجهہ ۾ اچي تِي تہ جيترو اوچڻ هجي اوترا پير ڊگهارجن. وَٽيون (پاڻ وٽ) نهي گڏاهہ گاڏي پہ ڪو نہ. سو هوائي



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

جُهاَجَ (جهاز) ۾ چڙهڻ (چڙهڻ) جا سڪٽا ڪاب (خواب) ڏسڻ مان ڪيڙو ڦائدو (فاعدو)! تنهن ڪري دل تي پٿر رکي پاڻ کي هِجَرَ (هينئر) ئي پلي ڇڏ. اِجَ نہ ٿئي جو تِرَ جي گُتي، سو چوٽون ڪائي. وانگر تونجي ڪا مامولي (معمولي) گلتي (غلطي) تونجي سجي زندگي زَهر ڪري ڇڏي...“ هدايت عجت کي سمجهائيندي چيو.

”پر هدايت، ڪنهن جو ڪنهن کي پسند ڪرڻ، جان ڪنهن جو ڪنهن کي وٽڻ ڏوهہ آهي ڇا؟ هُجَ پہ (هونئن بہ) سڀ آڱريون برابر ڪونهي. سڀ ماڙهو هڪ جهڙا ڪونهي. اجان لهي اُپري پيو.“

”برابر لهي ۽ اُپري پيو. پيو تہ ڪنهن کي پسند ڪرڻ، جا وٽڻ ڏوهہ پہ ڪونهي. پر ٻيرن ڪان ٻير گهرڻ بي وڪوبي (بيوقوفي) آهي. يلا ٻيرن پہ ڪڏهن ٻير ڏنا آهن!؟“ هدايت چيو.

”پر پوءِ پہ آئون ڪجاڙو ڪريان؟“ عجت بيوسيءَ مان چيو. ”هُو مون کان وسرندو ڪو نہ. هُو مون جي دل ۾ گهر ڪري ويهي رهيو آهي، سو نڪرندو ڪو نہ. رات ڏينهن پيو اکين اڳيان ڦري. جاڳان پئي تہ جاڳندي پئي ڏسانس، جي سُتل آهيان تہ ڪاب (خواب) ۾ پئي ڏسانس. جيڙو ڪر پُوت وانگي مون جي بُت کي چنبڙي پيو آهي....! هاڻ ٻڌائي تہ آئون ڪجاڙو ڪريان؟“.

”مون جي ٿورا ٻڌي وجي مر. چُئان ني تہ پئي تہ هُن جي ڪيالَ کي تڙي پري ڪر. پر توکي ڳال سمجهہ ۾ ئي نٿي اچي. وريو پہ پئي پڇين تہ ڪجاڙو ڪريان؟ بس هاڻ دير نہ ڪر وج، هُن اَڏَ ۾ پاٽي پيو وهي. وج، وجي ٻڌي مر. آئون پاٽيهي گهر ٻڌائيندس تہ اَڏَ مان پاٽي پئي پيِتَئين، تہ مرگهيءَ جو دورو پيس ۽ ٻڌي مري ويئي. وج، وج، دير نہ ڪر. مون جي جند ڇڏ. جلد ڪر.“ هدايت ڪيس هٿ سان ڌِڪيندي ۽ خفا ٿيندي چيو ۽ عجب رڱو نماڻان نيڻ ڪٽيو هدايت جي اکين ۾ چتائي ڏسندي رهي، ڏسندي رهي، تانجو سندس اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا، اکيون ڇلڪڻ لڳيون. ڳوڙها ڳڙهڻ لڳا. ڄڻ بادل برسي پيا. جهڙوڪر سنڌو پلٽي پيو. ڄڻ ڪينجهر کي ڪنبٽي وني ويئي. پر..... عجت پوءِ پہ هِڪِ ٽِڪَ هدايت کي ڏسندي رهي... ۽ پوءِ آهستي آهستي عجت جا چپ ڪنبڻ لڳا ۽ سندس وات جي ترتيب بگڙڻ لڳي..... ۽ ..... ۽ پوءِ نيٺ ڪائنس هڪڙي وڏي..... تمام وڏي ڊِڪَ نڪري ويئي ۽ هوءَ هدايت کي ياڪر وجهي چنبڙي پيئي. هدايت حيران ۽ پريشان ٿي ويئي. هُن کي اِها تہ خبر ئي ڪا نہ هئي تہ عجت شروع ۾ جيڪي بہ ٿي لفظ چيا هئا تہ ”مون کي پانجو زميندار ڏاڍو وٽي تو...“ تن عجت جي من ۾ ايڏا کي هارڻ ڀاري ڇڏيا آهن، جو هوءَ عشق جي آڙاهہ ۾ ايترو جلي پڇي پسم ٿي چڪي آهي. هيءَ عجت، جيڪا بنهہ مانيٽي، ميسڙي ۽ ڳوپ خدا جي هئي، سا ڪا منجهہ جو منجهہ ايڏو پري وجي پهتي آهي. پوءِ هدايت ڪيس ماترائي (پرچائي) مات ڪرايو. سندس لڙڪ اگهيا ۽ ڪيس ڳرانڙي پائي، سندس پلوڙ مُکَ کي پنهنجي هٿن ۾ جهلي تڪڻ لڳي.... ۽ پوءِ آهستي آهستي، جهلائي جهلائي بنهہ نرم ۽ مانيٽي لهجي ۾ چيائين: ”ڏس عجت، هُجَ (هونهن) پان سئوتيون پہ آهيون، پر جيڙيون پيٽون آهيون. پر اِن کان



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

وَڏَڪِ پان هڪ ٻئي جون دل واريون ساهڙيون پڻ آهيون. آئون تونجي پيڙاهه سمجهان ٿي. تونجي اندر ۾ جا ڪُني پئي ٽوڪي (ٺهڪي)، سا رڳو پانجا ڳنا (ڪنارا) ڪانئيندي (ساڙيندي) آهي. اُن ڪُنيءَ جو ٻڙڪڻ (ٺهڪڻ) پڻ رڳو تونجو اندر ساڙي، لُساتي ڦلهيار ڪري ڇڏيندو. اِن جلڻ پچڻ ۾ سڙي اڱار (اڱر، ڪوئلو) ٿيڻ مان ڪجهه پڻ ورڻو سرڻو ڪونهي. سو آئون وري پڻ ساڳئي ڳال ڇُونديس تہ اِن ڳال تان هٿ ڪڻي ڇڏ. توڙي جو آئون پليءَ پيت ۾ چڱيءَ ريت سمجهان پئي تہ وچ دريا ۾ پهچي، پوءِ ٻڏڻ جو جيترو جوکم اڳتي وڌڻ ۾ هوندو آهي، اوترو ئي جوکو واپس پوئتي ورڻ ۾ پڻ هوندو آهي. پر وري پڻ پوئتي ورندي جي ماڙهو بچي ويو تہ اچي پانجن پيڙو ٿيندو. پر جي اڳتي وڌندي ماڙهو بچي پڻ ويجي ۽ پوءِ جي ڪنڌيءَ تي ڪو ڪانهن جو پرجهلو پڻ نہ ملي تہ پوءِ تہ ماڙهو ڪتن ڪاج ٿي ويندو نہ! پوءِ ڪين جي ٻلي (حوالي) ٿبو؟ ڪن جي تونسلي حياتي گذاربي؟ تنهن ڪري جي اج مون جي ڳالهہ توکي ڏکي تِي لڳي تہ پلي لڳي، پر اِها ئي ڳال تونجي ڦاعدي ۾ آهي....“ ايئن چئي هدايت عجت کي پنهنجن پاڪرن ۾ پڪوڙيندي رهي ۽ عجت اوچنگارون ڏيئي ۽ سڏڪا پري ڪيتري دير تائين روئندي رهي ۽ جڏهن عجت روئي روئي پنهنجي دل جو غبار هلڪو ڪيو، تڏهن هدايت مان پاڪر ڪڍي، پنهنجا وهندڙ نِيرَ اگهيائين ۽ پنهنجن چپن تي هلڪي مُرڪ آڻي ۽ چمڪندڙ اکين سان هدايت جي اکين ۾ اکيون وجهي چيائين:

”اِن ٽوڪندل (ٺهڪندڙ) ڪُنيءَ برابر پانجا ڳنا ڪانئيا آهين، پر ڪُنيءَ جي تہ ريت ئي ڳنا ڪانئڻ آهي. جا ڪُني پانجا ڳنا نہ ڪانئي، سا ڪُني ڪهڙي!؟ نِنگهہَ ۾ مٿو رکي پوءِ مُهريءَ پَر ڏجبو ڪو نہ. مرڻ جو ڏينهن مقرر هوندو آهي هدايت! ماڙهن جي ڳالهين ۽ کُواريءَ (خواري) جي ڊپ کان جيڪڏهن ماڙهو محبت ڪرڻ ڇڏي ڏين ها، تہ ڪر هيستائين دنيا ۾ ڪو ماڙهو ئي ڪو نہ بچي ها. تونجي ميرباني، جو تو مون کي سنئون گس ڏسيو. پر.... پر.... مون جو انگ اڙجي ويو آهي، سو اڙجي ويو آهي. آءُ پاڻ کي پلي ڪا نہ سگهنديس..... پوءِ پلي ڇا پڻ ٿي پوئي.....“

لکيل 2 سيپٽمبر 2012ع
نظرثاني۔ 5 ڊسمبر 2012



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# ڏرتي ماءُ

ڏينهن جا 11 کن وڳا هئا. سيپٽمبر 2012ع جي 12 تاريخ هئي، غلام، نظام، آچار جانو جمن ۽ ستار ڪمند جي فصل وچان ڪمند ڍوهيندڙ ٽرڪن لاءِ نهيل ڪچي پٽڙيءَ تي ويٺا ٽرڪ ۽ ڪٽائيءَ جي ليبر (مزورن) جو انتظار به ڪري رهيا هئا ته پاڻ ۾ گپ شپ به ڪري رهيا هئا. موسم ڏاڍي سُريلي هئي، جُهڙالو آسمان هو ۽ ڏکڻ جون ٿڌيون هوائون هلي رهيون هيون. چار پنج ڏينهن اڳ چڱو خاصو وسڪارو ٿي چڪو هو. اوڏيءَ مهل ته مينهن وسڻ جو ڪو امڪان ڪو نه هو پر پوءِ به منڌائتن مينهن تي ڀروسو به ڪهڙو! ڪيڏي مهل به ميگهه ملهاري ٿي سگهي ٿي.

گذريل سال جو آڳاٽو پوکيل ڪمند، ڳنڊيري ۽ جُوس لاءِ تيار هو. هِن کان اڳ ۾ به ٽي چار ٽرڪون روانيون ٿي چڪيون هيون ۽ اڄ به هي سمورا همراهه ڪمند جي ڪٽائيءَ لاءِ ايندڙ مزدورن جي انتظار ۾ ويٺا هئا. جڏهن ڪجهه دير ٿي ويئي، تڏهن آچار چيو:

”غلام يار، فون ڪري خبر وٺ ته ٽرڪ ۽ همراهه اچن ٿا يا پاڻ هرويرو ويٺا وقت وڃايون، جي اچن ته ها، ڀلا جي نه ته، پڄي وڃي ٻئي ڪنهن ڪم ڪار سان لڳون.“

”ها يار، وارو ڪر، الاهي دير ٿي ويئي آهي. جي نه اچڻ ته وڃي گاهه پٺي جو سَنو ڪريون.“ جانوءَ به آچار جي ڳالهه کي ٽيڪو ڏنو.

”آءٌ سمجهان ٿو ته اڄ ڪو نه ايندا.“ نظام چيو.

”سو وري ڪو؟ ايندا وري ڇو ڪو نه! سورنهن آنا پڪ ڏني اٿن.“، غلام چيو. ”وري به فون ڪري ٿو ڏسانِ“. ايئن چئي غلام پنهنجي موبائيل تي ڪال ڪرڻ لڳو.

”هلو... ابا ڪٿي آهيو...؟ اچا ڪو نه پهتا آهيو...؟ اسين هتي انتظار ۾ ويٺا آهيون“. غلام ڳالهايو ۽ پوءِ ٻئي پاسان ڳالهائيندڙن کي ٻڌڻ لڳو. ٿوري دير بعد وري پاڻ ڳالهايائين:

”چڱو چڱو جيءِ اها ڳالهه هئي ته سوير ئي ٻڌائي ڇڏيو ها. اسين هرويرو صبح کان وٺي ڪم ڪار ڪوٽي ڪريو ويٺا آهيون. خير ٺيڪ آهي... پرينهن جي ته پڪ آهي نه؟ يا وري ڪو بهانو ڪريو...“

”نه نه، پرينهن اول خير، ڪو به بهانو ڪو نه ٿيندو. پڪ ئي پڪ آهي“، ٻئي پاسان جواب مليو.

”ڏنَوَ مون چيو ڪو نه، ته ڪو نه ايندا“. نظام چيو ”ڇا ٿا چون؟“

”چون ٿا ته سڀاڻي 13 سيپٽمبر تي سڄي سنڌ ۾ هڙتال آهي. گاڏيون به بند هونديون ۽ منڊي به بند هوندي پوءِ اسين ڪمند ڪٽي ڪيڏانهن ڪنداسين؟ تنهن ڪري پرينهن ايندا“. غلام چيو.

”پر هڙتال ڇاجي آهي؟ هڪڙو ته اِنهن هڙتالن مان لڳي رهيا آهيون.“ جمن پڇيو.

”توکي خبر ڪانهي ڇا؟ تون آهين ڪهڙي جهان ۾؟ ملڪ الاجي ڪٿي وڃي پهتو آهي ۽ تون آهين جو رڳو ڀنگ جو گُونڊو چاڙهيو دنيا جهان کان آجو ٿيو پيو هلين. ڪيڏي مهل ته اکيون کوليندو به ڪر.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

هُن تو واري پيالي پائيءَ يارَ پراڻي، سموري سنڌ ڪراچيءَ جي دهشتگردن کي ڏيئي ڇڏي آهي.“ غلام جمن ڏانهن نهاريندي چيو.

”پر هڙتال وري ڪنهن ڪئي آهي؟“ جمن وري پڇيو.

”اِهي ڪاٽني ڪامريڊ (ڪاٽن جو وڏو پائيندڙ) هوندا ٻيو!“ نظام چيو جيڪو ڪاٽن جو ڪلَفِ لڳل جوڙو پائي، مختلف بهانا بنائي شهر جي واپارين کان پيتو اڳاڙيندڙ مقامي ڪامريڊن کان سخت چِڙيل هو.

”پر هينئر رڳو اُهي اڪيلي سر ڪونهي. سپاٽيءَ واري هڙتال جو سڏ ته ”سنڌ بچايو ڪاميٽيءَ“ ڏنو آهي ۽ انهيءَ هڙتال جي حمايت سنڌ جي سمورين قوم پرست جماعتن سان گڏ، وفاقي جماعتن، پٺاڻن، پنجابين ۽ بلوچن به ڪئي آهي. ايتريقدر جو جيڪي جماعتون حڪومت سان مفاهمت ۾ گڏ هيون، تن به حڪومت جي اتحاد مان الڳ ٿي، وزارتن تان استعيفائون ڏيئي، سنڌ جي سودي خلاف ٿيندڙهِن هڙتال جي حمايت ڪئي آهي“ غلام مختصر نموني ۾ وضاحت ڪئي.

”پر اِهو ته ٻڌايو ته منهنجي پيالي پائيءَ ڪهڙو سودو ڪيو اهي؟ ڪهڙو زمين جو نمبر ڏارين کي ڏنو اٿس؟ جو مرڳو مٿس وٺ وٺان لاهي ڏني اٿو. اوهان کي هوئڻ به اسان موالين تي خدا ڪارڻ جي ڪاوڙ هوندي ئي هوندي آهي.“ جمن پنهنجي ڏري تي ويل ڪانيءَ کي ڇڪي ٻڌندي چيو.

”اي رڳو زمين جو هڪڙو نمبر ڇا! هِنن يارن ته پڪي پيپنگ ڪري ڇڏي آهي. ڪراچيءَ سميت سنڌ جا ٻيا به وڏا شهر حيدرآباد، ميرپورخاص، نواب شاهه، لاڙڪاڻو ۽ سکر دهشتگرد تنظيم کي خوش ڪرڻ لاءِ لکي پڙهي ۽ قانون ٺاهي انهن جي حوالي ڪري ڇڏيا اٿن. پ پ پ وارا همراهه ايندڙ ٻيا به پنج سال حڪومت ڪرڻ جي شوق ۾ سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار آهن.“ غلام چيو جنهن جو هڪڙو يار سنڌي هارين جي جماعت سان گڏ ڪم ڪندو آهي.

”ٻيلي غلام، هاڻ نهيو. ڇڏ ڦشريءَ کي. توکي ته هوئڻ ئي پ پ وارا وڻن ئي ڪو نه. هو ڇا به ڪري اچن، پر اوهان جو ڪِين جو ڳُنو چڙهيو ئي پيو هوندو آهي، سو لهندو ئي ڪونه.“ نظام غلام کي ٽوڪيندي چيو. ”سنڌ آهي اڪ جي ماکي، جيڪا سٺ ڏيئي ٺارِي پٽي لاهي وئبي. هُنن، جو قانون ٺاهيو آهي، تنهن ۾ ڪجهه ته هوندو نه! يا رڳو تنهنجي چوڻ تي سنڌ ڏارين جي حوالي ٿي ويئي. بس ڇُٽي ڳالهه...! هونهن...!“.

”اِهائي ڳالهه ته اسين چئون ٿا ته جيڪو ڪجهه اوهان کي سنڌ جي ڀلي لاءِ ڪرڻو آهي سو، اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ پيش ڪريو، ماڻهن اڳيان رکو، اخبارن ۾ ڏيو، پوءِ سڄي سنڌي قوم گڏجي جيڪو فيصلو ڪري، سو ئي قانون ٺاهيو. هيءُ ڪهڙو طريقو آهي ته رات جو چئين وڳي، لڪ ڇپ ۾ ڏارئين گورنر وٽ وڃي ”قبلو سائين“ مرگهيل بدنام ڊيڪڻ، ”ڇاغا مرٽاج بحراني، ”6 بازِ ڏوبرو“، ”رڪيب ڦِنجَر، ”ڇِيرِ نذرل ڏڪ“ ۽ ”نه سار ڪهڙو“ منائي ڪائي، هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي مبارڪون



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ڏيئي سنڌ جي ورهاڱي جو قانوني طرح بنياد رکي آيا آهيو ۽ وري جيڪو پڇي ٿو ته ”بابلا هيءُ ڦهر ڇو ڪيو اٿو؟“ ته ڇئو ٿا ته اوهين اڻ پڙهيل آهيو. پهريائين وچي پي ايچ ڊي ڪريو پوءِ ڳالهايو. ايئن ڪو ٿيندو آهي ڇا!؟“ غلام وضاحت ڪئي.

”پر توکي يا مون کي ڪهڙي قانون ۽ آئين جي خبر؟ ماڻهن کي ڪهڙي خبر ته ڪُتا ڪتان ٿي مُتي(پيشاب ڪري). سنڌ جا سيئي ماڻهو قانون جا ڄاڻو وڪيل آهن ڇا؟ ظاهر آهي ته جيڪي حڪومت وينا ڪن، جيڪي صدر ۽ وزيراعظم آهن، جيڪي وڏا وزير ۽ قانون جا وزير آهن ۽ جيڪي مريو جيئو وينا آهن، تن کي ئي خبر هوندي ته ڪهڙي ڳالهه سنڌ جي فاعدي ۾ آهي ۽ ڪهڙي ڳالهه نقصان ۾ آهي. اوهين ڇو اڇي بتال ٿيا آهيو؟! ٻيلي غلام، ڳالهه ڪبي سچي، پوءِ پلي ڪنهن کي ڏکي ڇو نه لڳي. جيئن ڪانگ کي لُڏَ ۾ مزو ايندو آهي نه، تيئن اوهان کي ٻه مڙيئي ڦشري ڪپي. ميمبر ته چوندجي سگهو ڪو نه ٿا. باقي روز ٻئي ڏينهن ڪا نه ڪا ڳالهه ڪڍيو شهر بند ڪرايو. گاڏيون بند ڪرايو پيا رستن تي ۽ بزارن ۾ هنبوڇيون هڻو. ٻڌايو ته سهي، اِن مان اوهان کي ملي ڇا ٿو!؟“ نظام دل کولي پنهنجي ڳالهه سيني اڳيان رکي.

”ها ٻيو مس مس پنهنجو سنڌي صدر ٿيو آهي ته اوهان کي مرڳو اکين ۾ ڪارَ ٿي پيئي آهي. اوهين خوش ئي فوجين جي حڪومت ۾ آهيو. ميان، هينئر ٻيو جي نه ته، گهٽ ۾ گهٽ بينظير جا پئسا ته جام پيا ملن. اوهين ڀانيو ته اِهي پنَ جا پئسا ٻه سنڌين کي نه ملن، پلي ٻيا کڻي وڃن.“ جمن کي تازو ٻه هزار رپيا مليا هئا، (جن مان ٻه ٻه سئو پوسٽ وارن ۽ ٻه سئو مقامي جيالي ڪاٽي، باقي 16 سئو رپيه کيس ڏنا هئا) تنهن ٻه نظام جو پاسو ورتو.

”ها ادا، سچ ٿو چوين.... ٻين قومن جا اڳواڻ حڪومت ۾ اچي پنهنجي قوم جي ماڻهن کي فرش تان کڻي عرش تي پهچائڻ ۾ رات ڏينهن هڪ ڪريو ڇڏين. پر اسان جي سنڌي وڏيرن اسان تي احسان اِهو ڪيو آهي، جو اسان سيني کي پِنَ جي ٻِکيا تي فقير بنائي ڇڏيو آهي...! ڏس ڪو شرم ٿيس ٿو. ڪيڏي نه فخر سان پيو چئي ته ”پِن“ جا پئسا ته سنڌين کي ملن پيا. اي ٻڌي ڪو نه ٿو مرين جمن جاني...!“ آچار کي جو ٻُل لڳو تنهن جمن کي اچي کنيو.

”ياءُ منهنجا، جي رڳو ايتري ڳالهه هجي ته ٻه کڻي ماٺ ڪجي. هاڻ نظام ٿو چئي ته اسين وڪيل ڪو نه آهيون، اسان کي قانون جي خبر ڪانهي. برابر صحيح ٿو چوي، پر ياءُ اٿي جو ته سڀ ڪو ڪائي ٿو. ٿوري گهڻي ڳالهه ته هر ڪنهن کي سمجهه ۾ اچي ٿي. هاڻ مون کي رڳو هڪڙو جواب ڏيو. ٻه سال اڳ ڀِرهيءَ زمين، جنهن ۾ پاڻ هينئر موجود آهيون، ڪنهن جي هئي؟“ غلام پڇيو.

”خاصخيلين جي هئي.“ ستار ورندي ڏني.

”هاڻ ڪنهن جي آهي؟“ غلام وري پڇيو.

”هاڻ نظام جي آهي.“ ستار چيو.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”گذريل ٻن سالن ۾ وري ڪڏهن خاصخيلي ٻنيءَ تي آيا آهن؟“ غلام پڇيو.
”هاڻ وري ڇاجي لاءِ ايندا! زمين جو ڪاتو ڪري ڏنو اٿن. هاڻ انهن جو ٻنيءَ ۾ ڇا....؟“
”پوءِ جي اسان جي اسيمبليءَ جا ميمبر پنهنجا شهر قانوني طرح لکي ڏارين کي ڏيو ٿا ڇڏين ۽ سمورا اختيار انهن جي حوالي ڪريو ٿا ڇڏين، تہ پوءِ پنهنجي ڪهڙي حجت باقي رهندي! اِها ڳالهہ تہ اسان کي سمجهہ ۾ اچي ٿي. ڪٿي آئين ۽ قانون اسان کي سمجهہ ۾ نٿو اچي. اِن ڳالهہ لاءِ بہ اسان کي ميهڻا ٿا ڏين سنڌي وڏيرا تہ اسين اڻ پڙهيل آهيون. پهرين پي ايڇ ڊي ڪري اچون پوءِ ڳالهايون. ڇا پاڻ پنهنجي تر جي پيپلي اميدوار کي (جيڪو اليڪشن هارائي ويو هو) ڪو نہ سڃاڻون تہ گهٽا پي ايڇ ڊيءَ جا امتحان ڏيئي پاس ڪريو وينو آهي؟“ غلام چيو.
”ٻيلي، مجويا نہ مجو پر غلام چئي سچ ٿو.“ جانوءَ چيو، جيڪو هيستائين ماٺ ۾ هو.
”سو تہ مون چيو نہ، تہ غلام کي پيپلا ٻنهہ وڻن ئي ڪو نہ، تنهن ڪري اهو تہ ايئن چوندو.“ نظام ڪلندي، شرم کي پرچائيندي چيو.
”نهيو پلا، پيپلا پري رهيا. تون، جيڪو انهن تي ڪک نٿو سهين، تون ڪٿي اسان کي سمجهائي تہ ڪراچيءَ جي ميئر وٽ سمورا پاور آهن: روينيو پوليس، فشريز وغيره وغيره. ايتريقدر جو ميئر جي ڪيل آرڊر کي سنڌ جو وزيراعليٰ بہ رد نٿو ڪري سگهي ۽ ٻئي پاسي رڳو فشريز ڪاتو نٿي ضلعي جي ناظم کي مليل آهي؟ جنهن جا پنج تعلقا ساموندي پٽيءَ سان لڳن ٿا. ڇا اِهو ٻتو نظام ڪونهي؟ ڇا اِها سنڌ کي ورهائڻ جي سازش ڪانهي؟ اِن ڪان وڌيڪ ٻيو ڪراچيءَ جي مالڪي ڏارين کي ڪيئن لکي ڏبي؟ جواب ڏي نہ اسان کي. ٺلهي ڳالهہ وينو ڪريئين.“ غلام پنهنجي ڳالهہ برجستي نموني ۾ رکي تہ نظام کي ڪِڪو وِڪو ٿيڻ لڳو.
”ٻيلي ڇڏيو اجائي لُڙ کي اجا اِهو بل اسيمبليءَ ۾ پيش ٿيندو. اُتي پاس ٿيندو. پوءِ وري گورنر صحيح ڪندو، تڏهن وڃي قانون ٿيندو. هينئر ئي هٿ تاڙونءِ روڊ رستا بند پيا ٿين. سو سنڌ جا ماڻهو ماٺ ڪري ٿورو ئي ويهندا. اسين ماڻهو ٻاري جي هڪڙي اوڙ تان ئي هڪ ٻئي جون سسيون لاهيو ڇڏيون، سو ايئن ماٺ مٺيءَ ۾ سنڌ سڄي ڏارين جي حوالي ڪري ويهي رهنداسين! سنڌ ڪنهن جي بابي جي ذاتي ملڪيت ڪانهي، جيڪو خسيس مفادن خاطر اُن جو سودو ڪندو تہ ڪيس ڦٻي ويندو. سنڌ اسان جو وطن آهي، سنڌ اسان جي ڌرتي آهي، ۽ ڌرتي ماءُ مثل هوندي آهي. پنهنجي ماءُ جو سودو ڪنهن کي بہ ڪرڻ ڪو نہ ڏينداسين. پوءِ ڇاهي اڳيان ڪير بہ هجي!! حال هڪيو اٿيو تہ هلي گاهہ پٺي جو سنو ڪريون. گهٽائي ڪوڙ ڪتياسين ۽ الاهي ڪم جون ڳالهيون بہ ٻڌيونسين. هاڻ هلو تہ هلون..“ ائين چئي آچار ڪانپ کولي ست ڏيئي اٿيو تہ ٻيا بہ سڀ همراهہ اٿي بيٺا.

1 آڪٽوبر 2012ع



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# ڇڪيا چاڪ چيهون ڪري.....!

”آءٌ واتون سدا ويٺي نهاريان
من منهنجا اباڻا اچن.
من منهنجا اباڻا اچن....
الا، من منهنجا ڏوٿيئڙا اچن....
آءٌ واتون سدا....!“

صبح جا ڏهه ڪن ٿيا هئا. سياري جو ٽِڙڪو ماڻهوءَ کي وڻي رهيو هو. ٻن پڪي ڪوٺين ۽ ورانڊي تي مشتمل جاءِ جي اڳيان هڪ خلاصو اڱڻ هو جنهن جي هڪ طرف نم جو گهاٽو وڻ بيٺل هو ۽ ٻئي پاسي ڪليل حصي ۾ پيپل هڪ ڪٽ تي نصيبان ويٺل هئي. هڪ سهڻي ڇِٽيل رلي سندس گوڏن تي پکڙيل هئي. هوءَ سُئيءَ سان رنگين ڌاڳن جا سيبا ڪڍي رهي هئي. اڄ ويٺي ئي ويٺي اوچتو ئي اوچتو پراڻين يادگيرين جي وِيڙِن مٿس وراڙو ڪيو هو ۽ هوءَ سيبي کي ڇڏي انتهائي دردِيلي ۽ سُريلي آواز ۾ ڪنهن وقت جو مشهور ۽ مقبول لوڪ گيت ”آءٌ واتون سدا ويٺي نهاريان...“ جُهونگارڻ لڳي. هُوءَ پنهنجي آس پاس کان بي نياز لوڪ گيت جُهونگارڻ ۾ ايتري ته گم ٿي ويئي هئي، جو کيس اِها به سُڌ ڪا نه پئي ته سندس اکين مان لڙڪ سَريون ڪري سندس پوڙهين مِٽِن تان لڙي رهيا هئا. کيس اِها به خبر ڪا نه پئي ته سندس پٽ ڪمال دين ۽ ننهن شاهينه آهستي آهستي اچي سندس پنيان بيهي سندس جُهونگار ٻڌي رهيا هئا. هوءَ جذبات جي وهڪري ۾ ايترو ته لڙهي ويئي هئي جو سندس سُريلو آواز يادن جي درد جي شدت کان وات ۾ وچڙڻ لڳو هو ۽ هوءَ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي هئي، جڏهن ڪمال ۽ شاهينه ڏٺو ته سندن ماءُ لوڪ گيت جهونگارڻ بدران مرڳو روئي رهي آهي، تڏهن ٻئي جٽا ڦري سندس سامهون آيا ۽ کيس چنبڙي پڇڻ لڳا ته ”امان تون ڇو پئي روئين...؟ اسين ته تنهنجو سُريلو آواز ٻڌڻ لاءِ اچي تنهنجي پنيان بيٺا هئاسين. پر تون ته روئڻ لڳي آهين. ٻڌائي امان، تون ڇو پئي روئين؟ توکي ڪهڙو درد آهي؟ ڪهڙي شيءِ جي توکي گهرج آهي؟ امان تون رڳو حڪم ڪر. ڇا گهرجي توکي؟“

”نه منهنجا ٻچڙا مون کي ڪجهه به ڪو نه گهرجي. مون کي ڪا به تڪليف ڪانهي. توهان فڪر نه ڪريو. پريشان نه ٿيو.“

”ته پوءِ تون روئين ڇو پئي امڙ؟“ شاهينه دلگير ٿيندي پڇيو.

”بس امڙ اڄ ايئن ويٺي ويٺي پنهنجو نَنڍپڻ ياد اچي ويو ته يادن جي دريا ۾ مانڌاڻ مچي ويو ۽ پراڻا ڦٽ ڇِڄِي پيا. يادن جي ڇُٽل زخمن تان جو ڪڙيون لٿيون ته درد جون سُوٽون اڀرڻ لڳيون. يادگيرين جي واچوڙن ۾ ٿيلهجي ٿيلهجي جو زمين سَنيَس ته سُڏڪا پاڻمرادو سُڏڪي پيا. وڇوڙي جا وسري ويل وَڍَ تازا ٿي پيا. هينئين جي هورا ڪورا درد ۾ ٻڏل دانهون بنجي آواز جو روپ ڌارڻ لڳيون ۽ رتوڇاڻ روح مان



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

رسڪندڙ رت ريلا ڪري اکين جا آنسو بڻجي لڙي پيو. اِنهن مُئين يادن کي ڪير پڇي؟ اِهي ڪي روڪڻ سان رُڪجي به ڪڏهن سگهيون آهن..! بس ڙي امڙ، پنهنجي مرشد لطيف سائينءَ هڪ جاءِ تي چيو ڪو نه آهي ته:

سُور ورهايان سرتيون، جي ورهايا وڃن

ٻيون ڪو ٻُجهن، جنهن سنڌا تنهن سامهان..!

سو يادگيرين جا درد ۽ سور، وڇوڙن جي ڇهڪن سان ڇهڪيل لِڱن جا ايذاءَ ۽ اذيتون ته انهن کي پوڳڻيون ۽ سهڻيون پون ٿيون، جن کي پيش اچن ٿيون. اوهين پريشان نه ٿيو. شال علي مولا (رضہ) اوهان جي جوڙي سلامت رکي. اوهان جي خوش هجڻ سان ئي ته آءٌ اچا جيان پئي. نه ته هاڻي مون کي وڏيڪ جي به ڇا ڪرڻو آهي. الله ڪري سدائين ائين مُرڪندا ۽ مَرڪندا رهو.“ ايئن چئي نصيبان اکين تي پاتل عينڪ لاهي، پنهنجي پوتيءَ جي پلانڌ سان پنهنجا لڙڪ اگهيا ۽ پوءِ ٻيهر عينڪ پائي رليءَ کي سبڻ لڳي. ڪمال ۽ شاهينه پڻ ڪجهه دير ڪيس آٿت ڏيئي ويا هليا. جيئن ئي هو هڪ پاسي ٿيا ته ٻيهر يادگيرين جو مينهن اوهيرا ڪري نصيبان مٿان وسڻ لڳو ۽ هوءَ رلي سُبندي سبندي اوهيرن جي ڏنڌلاهٽ ۾ هٿوراڙيون هڻندي هڻندي پنجاهه سال پوئتي ڌڪجي وڃي ماجر جي سُڪَ پُور واري علائقي ۾ پهتي، جتي هوءَ ڄائي هئي، نپني هئي، پڙهي هئي ۽ پوءِ مُڪڙيءَ مان ٽِڙي گل ٿي هئي.

سُک پور هڪ ڇڱو خاصو وڏو ڳوٺ هو. سرسبز ۽ خوشحال ڳوٺ هو. اڀروسيرو پرائمري اسڪول ته اڳ ۾ ئي موجود هو پر پوءِ ڳوٺاڻن جي ڪوشش سان کيس وڌائي باقاعده اسڪول بنايو ويو ۽ پوءِ هڪڙي ڏينهن، هڪڙو جوان مڙس هٿ ۾ ٿيلهو کڻيو پڇائون ڪندو، پنڌ ئي پنڌ، شام ڌاري اچي سک پور پهتو هو. اترادي لهجي ۾ مان تان (توهان) ڳالهائڻ جي ڪري ننڍڙا ٻار کِلَ ۾ رڙيو ٿي ويا. خبرون چارون ٿيون ته خبر پئي ته هُو ماستر آهي ۽ سکر ضلعي کان آيو آهي. سُک پور اسڪول تي سندس مقرري ٿي آهي ۽ هُو ڊيوٽي ڪرڻ آيو آهي. هن پنهنجو نالو نهال دين ٻڌايو هو. لاڙ جا ماڻهو جن لاءِ اتر سنڌ جا ماڻهو چوندا آهن ته: اتر جو ڍڳو ۽ لاڙ جو ماڻهو ٻئي برابر. سي پلي ڪنهن جي نظر ۾ ڍڳن برابر چو نه هُجن، پر هو مهمان نوازيءَ جا خان هوندا آهن. تن جو ٻڌو ته ڪو اتر جو ماڻهو ماستر ٿي سندن اسڪول تي ٻار پڙهائڻ آيو آهي، سي مٿانئس قربان قربان ٿيڻ لڳا. اُن رات ته اسڪول ۾ ئي کٽ ۽ بسترو لڳائي ڏنائونس. پر ٻئي ڏينهن، اسڪول جي پاسي ۾ ئي بانٺ ۽ ڪانن جي اوطاق اڏي، ٽوٽيون ڪوڙي، مٿانئن لاٽڻ ۽ لڙا رکي، ڪايا هڻي، توها ۽ پڪا وجهي ڇِتِ ڇانئي، ان ۾ کٽ ۽ بسترو وجهي، ڪنڊ ۾ پاڻيءَ جو ڪورو مٽ ۽ گلاس رکي ڏنائونس. ٻاهر منجهه لاءِ ٺڪر ڪرو (بدنو) ۽ ٻيو به ضرورت جو حال سارو سامان مهيا ڪري ڏنائونس.

سائين نهال دين باقاعده هڪ استاد هو ۽ سندس مقصد ٻارَ پڙهائڻ هو. ان حوالي سان هن ڀرپاسي جي ننڍن ننڍن ڳوٺن جي ماڻهن سان پهريائين ڳوٺ جي ماڻهن سان ۽ پوءِ انهن جي مدد سان ڀرپاسي جي ننڍن ننڍن ڳوٺن جي ماڻهن سان



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ملي سندن ٻارن کي اسڪول ۾ موڪلڻ جي استدعا ڪئي ۽ تعليم جي فاعدن سان ڪين روشناس ڪرايو. ڳوٺن وارن ساڻس تعاون ڪيو ۽ سندس محنتن رنگ لاٿو. مهيني کن ۾ اسڪول ٻارن سان ڀرجي ويو. نهال دين هڪ خوش طبع ۽ فضيلت ڀريو ٺاهوڪڙو جوان هو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ هُو جهڙوڪر هر ڳوناڻي جي دل ۾ پنهنجي لاءِ عزت ڀري جاءِ ٺاهي چڪو هو. هُو اسڪول ۾ ٻارن کي پڙهائيندو هو ۽ شام جو ڪين رانديون ڪُڏائيندو هو. نوجوانن سان راندين توڙي ڪچهرين ۾ سندن ساٿ ڏيندو هو. وڏي عمر جي عام ماڻهن توڙي سريالن سان ڏکيون رهاڻيون ڪندو هو. مقصد تہ هُو ڳوٺ جي هر مرد، ٻار توڙي ٻُڍي سان سندن مزاج مطابق اٿ ويهہ ڪندو هو. موٽ ۾ ڳوٺ وارا بہ سندس هر ضرورت جو تمام گهڻو خيال رکندا هئا.

وقت گذرندي ويرم ئي ڪا نہ ٿي. اجا جهڙوڪر نهال دين ڪلهہ پئي ٽيلهو ڪٽيو پچا ڪندو، پيرين پنڌ آيو هو سک پور ۾. پر اڄ ڪيس سک پور ڳوٺ ۾ رهندي ست اَٺ سال ٿي ويا هئا. سندس طرفان پهرئين درجي ۾ داخل ڪيل ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون بہ سنڌي فائنل پاس ڪري چڪا هئا. جن مان ڪن وچي انگريزي اسڪولن ۾ داخلائون ورتيون تہ ڪي وچي نوڪرينءِ ڪرت سان لڳا. ستن اٺن سالن جي ڊگهي عرصي دوران وچ وچ ۾ نهال دين ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي بدلي ڪرائي سکر وڃڻ جي ڳالهہ ڪندو هو تہ ڳوٺ وارا مٿس ڪاوڙجي پوندا هئا. ناراضگي ۽ محبت جو اهڙو اظهار ڪندا هئا جو نهال دين کي پنهنجي ڳالهہ تان هٿ کڻڻو پوندو هو. نهال دينءِ ڳوناڻن جي وچ ۾ هڪ اهڙو رشتو قائم ٿي چڪو هو جنهن کي بظاهر تہ ڪو نالو ڏيئي ڪو نہ پئي سگهجيو پر اهو بي نام رشتو ايترو تہ مضبوط ۽ ايترو تہ قربائتو هو جنهن جو مثال ڳولڻ سان بہ ڪو نہ پئي مليو. تنهن ڪري ڳوناڻن جي محبت ڀري ۽ قربائتي ناراضگي نهال دين کي پيرن ۾ ونگ وجهي ڇڏيندي هئي ۽ هُو چاهيندي بہ سکر وڃي نہ سگهندو هو.

۽ پوءِ اُهو ٿيو جيڪو نہ ٿيڻ کپندو هو.

اُها هڪڙي سياري جي ڪاري رات هئي. چنڊ جي ستاويهين رات هئي ۽ جنوريءَ جو پهريون هفتو هو. آسمان ڪڪرن سان ڇانيل هو. سيءُ هو اُن رات....! هوا سُڪ بند هئي. رڳو سڪو سِيءُ هو. لاڙ ۾ برف تہ ڪا نہ وسندي آهي، پر اُن رات لڳو پئي تہ جهڙوڪر برف پئي وني. هر ڪو ساهہ وارو پنهنجي اجهي، گيري ۽ پيٽيءَ آهر سُڪڙيو سوڙهو ٿيو پيو هو. ايتري قدر جو وڻن بہ جهڙوڪر ساهہ کڻڻ ڇڏي ڏنو هو. پن بہ ڪو نہ ٿي ڇُريو. اهڙيءَ ئي خطرناڪ اونداهيءَ ۾، وحشتناڪ سيءَ ۾ ۽ هيبتناڪ سناٽي ۾ نصيبان هڪ وڳي ڏاري اٿي پنهنجي گهٽيءَ جي ڪڙاهہ لاهي، سندن گهر کان بہ سئو کن فوٽ پري اسڪول جي پرسان نهيل ماستر نهال دين جي اوطاق ۾ هلي آئي هئي. توڙي جو هُوءَ ٿلهي چنڙي گنڍيءَ ۾ ويڙهيل هئي ۽ ڪيس مونڙي جي تاڪئي جي سٽڻ پاتل هئي، پر پوءِ بہ بي انداز سيءَ جي ڪري هوءَ ڏڪي رهي هئي. انتهائي ٿڌاڻ جي احساس ڪان سندس بدن مان سيسڙاٽ ۽ ڏُرڪيون نڪريو ٿي



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ويون. اوطاق جو ڏاڪائو در ٻيڪڙيل هو. هُوءَ جيئن ئي در کولي اندر داخل ٿي ته در جي هلڪي چيڪاٽ جي آواز تي نهال دين پاسو ورايو. سيءَ کان ٻن سَوَڙين ۾ سُتل نهال دين کي سارَ تي پئي ۽ هُو سُتي ئي ستي ڪنائڻ لڳو. گهٽي اونده هجڻ ڪري واضح طرح ڏسڻ ۾ ته ڪجهه به ڪو نه ٿي آيو. پر پوءِ به ڪجهه ساعتن بعد هن محسوس ڪيو ته ڪو ماڻهو سندس سيرانديءَ کان بيهي وڏا وڏا ساهه کڻي رهيو آهي. اُن زماني ۾ اجا ايتري بدامني به ڪا نه هئي. ٻيو ته هتين خالي ماستر وٽ هوندو به ڇا، جو ڪو چور چڪار اوطاق اندر گهڙي اچي. ٿيون ته ماستر جي بي داغ ڪردار جي ڪري ساڻس ڪنهن جي دشمنيءَ جو ته سوال ئي ڪو نه ٿي اڀريو. تنهن ڪري انهن خدشن تي سوچڻ کان سواءِ ئي ماستر نهال دين بنا ڪنهن خوف خطري جي سوڙون هڪ پاسي ڪري اٿي ويٺو ته ڪيس پير ۾ اوچڻ ۾ ويڙهيل ڪو ماڻهو بيٺل نظر آيو. پهريائين ته ماستر حيران ٿيو پريشان ٿيو ۽ ششدر ٿيو. پر پوءِ انهن سيني ڪيفيتن تي ضبط ڪري، پُرسڪون لهجي ۾ پڇيائين: ”ڪهڙو آهين....؟“ توڙي جو ڪيس اِن وچ ۾ ٿورا گهڻو اندازو ته ٿي چڪو هو ته بيٺل ماڻهو ڪو مرد نه پر عورت ئي ٿي سگهي ٿي.

”نصيبان آهيان!“ نصيبان پنهنجي ساهن جي سهڪي تي ضابطو آڻيندي چيو.

”نصيبان تون....! سو به هن مهل....!! آڌيءَ رات جو....!! اڪيلي اڪيلي....!! ڇو خير ته آهي...!؟“ ماستر حيران ٿيندي پنهنجي ڳالهه کي ٽڪرن ٽڪرن ۾ تقسيم ڪندي پڇيو. سندس ڪڏهن اِن پاسي توجهه ئي ڪو نه ويو هو ته جڏهن عشق جي آتش، جوالا مُکي ٻڻجي لاوا اوڳاڇيندي آهي، تڏهن اندران اُڪي نڪرندڙ ٿهڪندڙ لاوا پنهنجا گس، پنهنجون واٽون ۽ پنهنجون ڏِسون پاڻ ٺاهيندو ويندو آهي ۽ رستي ۾ ايندڙ هر شيءِ، هر رڪاوٽ ۽ هر مزاحمت ڍڪجي ويندي آهي، ميسارجي ويندي آهي ۽ نيست و نابود ٿي ويندي آهي. ۽ اڄ رات نصيبان به سڀ رڪاوٽون، سڀ اخلاقي جواز ۽ سموريون سماجي، ثقافتي ۽ روايتي پابنديون ٽوڙي اچي ماستر نهال دين وٽ پهتي هئي.

”خير هجي ها ته هن مهل آڌيءَ رات جي اونڌاهيءَ ۾ گهر جي گهٽي اورانگهي ڪو نه اچان ها. خير جون خبرون ڏينهن جي سوجهري ۾ به ڪري سگهجن ٿيون...!“

”پر ٻڌائي ته سهي، ڇا ٿيو آهي؟ ڪير بيمار ٿي پيو آهي ڇا...؟ يا ڪو ٻيو مسئلو آهي.“ ماستر پريشان ٿيندي پڇيو.

”ٻيو ڪو به مسئلو ڪونهي. ها، باقي بيماري ئي لڳي آهي...!“ نصيبان ڳالهه اڌ ۾ ڇڏي ڏني. ”پر ڪير بيمار ٿيو آهي، تنهنجو پاءُ؟ تنهنجو پيءُ؟ يا تنهنجي ماءُ؟“ ماستر کي خبر هئي ته نصيبان جي گهر ۾ ڪل چار ئي ته ڀاتي هئا.

”ٻيو ڪير به نه، پر آءٌ پاڻ بيماريءَ ۾ ورنجي ويئي آهيان.“ گهٽي اونڌاهي هجڻ ڪري هو ٻئي هڪ ٻئي جي چهرن جون پاوناٺون ڏسي ڪو نه پئي سگهيا. نه نصيبان ماستر جو فڪرمند چهرو ڏسي پئي سگهي ۽ نه ئي ماستر نهال دين نصيبان جو ڊپ، خوف ۽ خدشن جي ور چڙهيل ۽ سفيد ٿي ويل چهرو ڏسي پئي



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

سگهيو.
”اوهه...! پر تون پاڻ بيماريءَ جي حالت ۾ ۽ هيڏي ساري سيءَ ۾ هيڏانهن ڪيئن آئي آهين...؟ ڇا پٽهين ۽ پاڙين گهر ۾ موجود ڪونهن ڇا...؟“
”سڀ گهر وارا گهر ۾ موجود آهن ۽ مٺي ننڊ ۾ ستا پيا آهن. پر مون کي نه دوا جي بيماري آهي ۽ نه دعا جي بيماري، جو مون کي انهن جي ضرورت پوي. منهنجي بيماريءَ جو علاج رڳو تو وٽ آهي. ٻئي ڪنهن وٽ به ڪونهي...!“
”نصيبان، تون هيءَ ڇا پئي چوين...؟ تون سمجهين ٿي ته تون ڇا پئي چوين...!“ ماستر حيران ۽ پريشان ٿيندي چيو.
”ها نهالَ... آءٌ سڀ ڪجهه سمجهان ٿي...! مون مهينن جا مهينا سوچي سمجهي، غور ۽ ويچار ڪري، پوءِ ئي پنهنجي گهر جي چانئٺ ٽَپي آهي. تون ڪو الڪو نه ڪر. مون نه ڪو اٻهرائيءَ ۾ ٽڪڙو قدم کنيو آهي ۽ نه ئي وري آءٌ پنهنجي اِن کنيل قدم تي نادم آهيان. مون کي تنهنجي ضرورت آهي. مون کي بس رڳو تون کپين. آءٌ گذريل ائين مهينن کان توکي پنهنجي دل ۾ ويهاري ويٺي آهيان. تنهنجي عشق جو ڀُوت مون تي واسو ڪري ويو آهي. لک ڪوششون ڪرڻ کان پوءِ به، جڏهن تنهنجي عشق جي پنجوڙ مان جند نه ڇڏائي سگهيس. تڏهن اڄ گهر وارن کي ڀَتَ ۾ نشي جي دوا وجهي، کين گهري ننڊ ڏيئي پوءِ هيڏانهن آئي آهيان. هاڻ مون کي مارڻ يا جيارڻ تنهنجي هٿ ۾ آهي. پر هڪڙي ڳالهه ياد رک ته آءٌ توکي مجبور ڪا نه ڪنديس ته هرويرو مون کي جئيندان ڏي. تون مون کي ماري به سگهين ٿو. منهنجي التجا آهي ته جي مارڻ چاهين ته هڪڙي ڌڪ سان ماري ڇڏ. ته جيئن روز روز جي مرڻ کي هيڪاندي جند ڇٽي پوي. توکي جيئن به، جتي به سولو مارڻ لڳي، اتي آءٌ پهچي وينديس. توکي منهنجو خون معاف آهي. پر جي جيارڻ چاهين ٿو ته اِهو ڪن کولي ٻڌي ڇڏ ته آءٌ توکان سواءِ جي ڪا نه سگهنديس. ڳالهه اٿئي صفا سِڌي پِڌي سونٽي جي. نڪالِڪَ، نڪا ڇِپَ.“ نصيبان هڪ ئي ساهيءَ ۾ پنهنجو اندر کولي کٽي ماستر جي اڳيان رکيو.
ماستر نهال دين حال هڪيو ته ٻيءَ ۾ پئجي ويو. هُو ايترو ته مُنجهي پيو هو جو نه هُن نصيبان کي کٽ تي يا پاسي ۾ پيل ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيو. هُو ڪجهه ساعتون جواب ڏيڻ بنا ئي منتشر سوچن ۾ گم ٿي ويو. ۽ پوءِ هن نصيبان کي پرسان پيل ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيو ۽ انتهائي پنهنجائپ واري ۽ برجستي لهجي ۾ نصيبان کي مخاطب ٿي چيائين:
”ڏس نصيبان، مون کي هتي ست اٺ سال ٿيا آهن. مون کي هن ڳوٺ وارن ايتري ته پنهنجائپ، قرب ۽ مان ڏنو آهي، جو آءٌ کين پنهنجا مائٽ سمجهندو آهيان ۽ هنن به مون کي پنهنجي ٻچي ۽ ڀاءُ جيتري محبت ڏني آهي. هاڻ ٻڌائي ته آءٌ انهن سان ڪچائي ڪيئن ڪريان...؟ نصيبان مون کان اهو ڪُدو ڪم نه ڪرائي جو مرڳو ماڻهن جو رت جي رشتن تان ويساهه ئي کڄي وڃي.“ ماستر نصيبان کي


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

سمجهائيندي چيو.

”تون ڪو بہ ڪچو ڪم نہ ڪر. ۽ نہ ئي آءٌ بہ ڪا حَوَس جي تسڪين لاءِ تون وٽ آئي آهيان. تون منهنجي مائٽن کان منهنجو سڳ گهر....۽....“

”پر اِها تہ مون کي بہ خبر آهي تہ تنهنجي ڳالهہ اڳ ئي تنهنجي ماسات سان طئي ٿيل آهي.“ ماستر نصيبان جي ڳالهہ پوري ٿيڻ کا نہ ڏني.

”ها، رڳو ڳالهہ ٿيل آهي. نڪاح ڪونهي پيل. پر عشق جي آتش تہ نڪاح جي ٻن ٻولن کي بہ ميڻ وانگر پگهاري ڇڏيندي آهي ۽ وري نَوَن رشتن ۽ ناتن جو جهان جوڙيندي آهي.“

”پر مون کي تہ اِها بہ خبر آهي تہ تنهنجي برادريءَ جا ماڻهو پنهنجي برادريءَ جي رڳو ٻئي پاڙي ۾ بہ سڱاوتي ڪو نہ ڪندا آهن ۽ آءٌ تہ ٽيس ٽئين دنگ جو ماڻهو ۽ ڏارئين برادري جو ماڻهو. سو ڪٿي ڏيندا مون کي تنهنجو سڱ...! هرويرو پاڻ ٻئي ڏچي ۾ پئجي ويندا سين. آءٌ تہ خير هليو ويندس پنهنجي ڳوٺ، پر تون آزار ۾ پئجي ويندئين. تنهنجي مائٽن، ساهرن، ڳوٺ وارن ۽ تنهنجي مڱيندي جي نظرن ۾ اچي ويندئين. پوءِ تنهنجو جيئڻ عذاب ٿي پوندو. تنهن ڪري اهڙو قدم کڻجي ئي ڇو جنهن ۾ رڳو نقصان ئي نقصان هجي....! ماستر ٻيهر نصيبان کي سمجهائيندي چيو.

”اجا ٻيو گس بہ آهي....!“ نصيبان ڏيرج سان چيو.

”سو ڪهڙو؟“

”پاڻ نڪري هلون.“ نصيبان پرسڪون لهجي ۾ چيو.

”نصيبان....! تون ڇا چيو؟ نڪري هلون...!“ ماستر حيران ٿيندي چيو.

”ها. نڪري هلون.“ نصيبان وري بہ بنا ڪنهن تاثر جي چيو.

”ڇا ڳوٺ وارن کي آءٌ سندن خلوص، قربن، پنهنجائپ ۽ عزت جو اِهو صلو ڏيان تہ ست اٺ سال نمڪ پاڻي کائي پيءُ، موٽ ۾ سندن ٻانهن پچائي وڃان....! سندن عزت، غيرت ۽ مان کي مٽيءَ ۾ ملائي پنهنجي مُنهن ۾ ڌوڙ پايان...!! اُنهن تان راڄ ڪلايان، جن مون کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون...!؟ نصيبان... نصيبان، ماڻهو پنهنجي جذبن جي تسڪين لاءِ ايترو بہ هيٺ ڪِري سگهي ٿو مون ڪڏهن ائين سوچيو بہ ڪو نہ هو. مون کان اهڙو ڪوجهو ڪم ڪو نہ ٿي سگهندو.. آءٌ ائين نہ ڪري سگهندس....!“

”تہ پوءِ هڪڙي سرداري مون تي ڪر.“ نصيبان ساڳئي پرسڪون انداز ۾ چيو.

”ڪهڙي؟“

”مون کي ماري ڇڏ.“

”اِهو بڇڙو ڪم بہ ڊيڊ کان ٿي ڪرائڻ چاهين! آءٌ ائين بہ نہ ڪري سگهندس.“

”خير تون نہ مارينديں تہ ماري تہ آءٌ بہ پاڻ ئي پاڻ کي ڇڏينديس. پر منهنجي دل ٿي چاهي تہ تنهنجي هٿن سان تنهنجي هنج ۾ ساهہ ڏيان، تہ من منهنجي تڙپندڙ روح کي سڪون اچي ۽ منهنجو آخري


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

پساهہ سولائيءَ سان پرواز ڪري وڃي.“
”پر آخر تون اهڙي تقاضا ئي ڇو ٿي ڪرين، جنهن سان تنهنجي جان داءَ تي لڳي. ڇا اِهو ضروري آهي تہ جيڪا ڳالهہ چاهجي، سا پوري ٿئي، نہ تہ جيئڻ تان ئي هٿ کڻي ڇڏجي..!؟“
”اِهي عقل وارن جون ڳالهيون آهن ۽ عقل وارن کي ئي سمجهہ ۾ ايندڙيون هونديون. جيڪي ماڻهو ڪنهن جي چاهت ۾ چريا ٿيندا آهن، تن کي انهن هدايتن ۽ نصيحتن جو ڪو بہ اثر ڪو نہ ٿيندو آهي.“
”پلي ڪو چريو مجذوب هجي، پر پوءِ بہ پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ جي عزت جو تہ خيال ڪرڻ گهرجي نہ. صفا ايئن ليڪا لتاڙڻ کي ڇا چئجي؟“
”جيڪي وڻيئي سوچئو. باقي هن مهل منهنجي اڳيان صرف بہ ڳالهيون آهن. توسان ملاپ، يا موت. ۽ بس.“
”اِهو تنهنجو آخري فيصلو آهي...؟“ ماستر ڪانئس پڇيو.
”بي ڳالهہ ڪا نہ ٿيندي.“ نصيبان فيصلہ ڪن ۽ برجستي لهجي ۾ چيو.
”تہ پوءِ منهنجي هڪڙي ڳالهہ مڃ.“
”ڪهڙي؟“
مون کي پنج مهينا مهلت ڏي.“
”پڇڻ ٿو چاهين؟“
”نہ، قطعي نہ.“
”ڪيئن اعتبار ڪريان؟“
”هن مهل ڪيئن مون تي اعتبار ڪري گهران نڪتي آهين؟“
”پنج مهينا الاهي آهن.“ نصيبان ڳڻتي ظاهر ڪئي.
”لطيف سائينءَ چيو آهي تہ ”جي قيام مِڙن، تہ بہ اوڏا سپرين...! هيءَ تہ پنجن مهينن جي ڳالهہ آهي.“
”الاجي ڇو منهنجي دل ٻڏي پئي....! مون کي اعتبار نٿو اچي....!“ نصيبان روئڻهارڪي ٿيندي چيو.
”ڏس نصيبان، مون کي پنهنجي مائٽن سان بہ ڳالهائڻو پوندو. کين راضي ڪرڻو پوندو. ايئن جي اوچتو ئي اوچتو پاڻ هلي بيهي رهون ۽ جي هو توکي قبول نہ ڪن تہ پوءِ؟ تنهن ڪري مون کي وقت تہ لڳندو.“
”مون سان ويساهہ گهاتي تہ نہ ڪندين....؟“ نصيبان وري خدشو ظاهر ڪيو.
”اميدن تي دنيا قائم آهي. الله مان آسرو نہ لاهي. مالڪ مڙيئي چڱي ڪندو.“
”پر الاجي ڇو منهنجي دل گهبرائي رهي آهي. ماستر مون سان اٽڪل تہ نہ ڪندين!“
”نصيبان، آءٌ نٿو چاهيان تہ ڪو بہ ماڻهو منهنجي هٿان، يا منهنجي ڪري ڪنهن ٻئي جي هٿان، يا مرڳو پاڻ پنهنجي هٿان موت جو ڪاج ٻڻجي. ساڳي طرح آءٌ اِهو هرگز ڪو نہ چاهيندس تہ منهنجي


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ڪري تنهنجو خوبصورت جيون بہ موت جي ور چڙهي وڃي. باقي سياڻي ڇا ٿيڻو آهي، سا ڪهڙي خبر! تون ڀروسو ڪر. آءٌ پنهنجي وس آهر هر ممڪن ڪوشش ڪندس تہ تون ڪلنديءَ خوش ٿيندي زندگي گذارين.“

”پوءِ آءٌ وڃان ٿي.“ ايئن چئي نصيبان ڪُرسيءَ تان اٿي ۽ پاڻ کي چنڙيءَ پوتيءَ ۾ ويڙهي سيڙهي وڃڻ لڳي ۽ پنيان ماستر نهال دين کي سوچن جي ڏيڻ ۾ ڦاٿل ڇڏي ويئي.

***

۽ پوءِ ماستر نهال دين هڪ مهيني ڪان پوءِ بظاهر هڪ مهيني جي حقي موڪل وٺي، پنهنجي پيڻ جي شاديءَ جي تياريءَ لاءِ ڳوٺ وارن ڪان روايتي انداز ۾ اڳوٽي وانگر موڪلائي هليو ويو. پر جڏهن ماستر مهيني ڪان پوءِ بہ نہ موٽيو تڏهن سيني ڳوٺ وارن کي فڪر ورائي ويو تہ ماستر اڃا الاجي ڇو ڪو نہ وريو. پر نصيبان جا تہ جهڙوڪر ڇيهہ ڇجي پيا. هُن کي اُڏڪو تہ پهريائين ئي هو تہ الاجي نهال دين ساڻس اٽڪل پيو ڪري...! پر هاڻ تہ ڪيس پڪ ٿي ويئي تہ واقعي ماستر ساڻس ويساهہ گهاتي ڪري ويو آهي. پر هوءَ ڪري بہ ڇا ٿي سگهي!؟ دل جو سور دل ۾ سانڍي ماٺ ڪري رهي. اُن هوندي بہ هوءَ پنهنجي پيار مان نااميد ڪا نہ ٿي هئي. هن پنهنجي مُنهن پئي سوچيو ۽ گهڻو ئي سوچيو ۽ پوءِ عهد ڪيو تہ پلي نهال ڪيترو بہ وٺانئس پري ڀڃي، پر هوءَ ضرور ڪيس لوچي لهندي.

ڏيڍ مهيني ڪان پوءِ ماستر نهال دين جي جاءِ تي ٻيو هيڊ ماستر اچي دخل ڪار ٿيو. جنهن جو چوڻ هو تہ ماستر نهال دين پهريائين تہ برابر حقي موڪل ورتي هئي. پر پوءِ سندس والد جي فوتيءَ جو سبب جاڻائي هتان پنهنجي بدلي ڪرائي ڇڏي آهي. هاڻي هُو سکر ضلعي جي ڪنهن اسڪول ۾ ڊيوٽي ڪري رهيو آهي. پوءِ ڪيترائي ڏينهن ماستر نهال دين ڳوٺ وارن جي زبان جو موضوع رهيو. ڪن سندس سهڻي ۽ بي داغ ڪردار جي واکاڻ ڪئي ۽ ڪن سندس ملنساري ۽ پنهنجائپ جي ساراهہ ڪئي. پر سيئي ڳوناڻا هڪ ڳالهہ تي يڪراءِ هئا تہ ماستر کي ايئن بنا ٻڌائڻ ڀڃي نہ وڃڻ گهرجي ها. اڄ نہ تہ سياڻي وڃڻو تہ ڪيس هوئي، پر گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي ايڊريس يا ڳوٺ جو ڏس پتو تہ ڏيئي وڃي ها، تہ ماڻهو ڪڏهن خط پٽ لکي پيو خبر چار وٺي ها. هاڻ سکر ضلعو ڪو ننڍڙو ڳوٺ ٿورو ئي آهي جو ڳولي وڃي هٿ ڪجيس. ڪهڙي خبر تہ سکر ضلعي جي ڪهڙي تعلقي، ڪهڙي تپي، ڪهڙي ديهہ ۽ ڪهڙي ڳوٺ يا شهر ۾ ٿو رهي، جتي ماڻهو وڃي مليس. پر وري بہ خير هجيس. جتي بہ هجي، الله ڪري خوش هجي. ماڻهو ڏاڍو ڀلو هو...! ايئن ڪجهہ وقت ڪان پوءِ ڳوٺ وارن لاءِ ماستر نهال دين جو ذڪر پراڻي ياد بڻجي رهجي ويو هو.

پر نصيبان جي اندر ۾ جاڳُني ٻَرَڪي رهي هئي، تنهن جي خبر ڪنهن کي بہ ڪا نہ هئي. ڳوٺ وارا تہ پري رهيا، پر سندس گهروارن کي بہ خبر ڪا نہ هئي تہ ڪوينيور کي باهہ لڳي چڪي آهي، جنهن ڪک پن سميت نصيبان جو سارو وجود ساڙي، ڪانئي رک ڪري ڇڏيو آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

پوءِ هڪڙي ڏينهن، معمول مطابق هُوءَ پنهنجي ڳوٺ وارين ساهيڙين سان گڏجي ٻه ڪلوميٽر پري شهر وئي هئي. هو سيئي اڪثر ڏهين پندرهين ڏينهن گڏجي شهر ويندڻيون هيون. جتان هو سڳين، اڳنن ۽ ٻانهوٽن لاءِ گهربل رنگين ڪشميرو، پشم، زري، ستارا ۽ ٻيو ضرورت جو سامان وٺنديون هيون ۽ نهيل اڳٽ، سڳيون ۽ ٻانهوٽا دڪاندارن وٽ کپائينديون هيون. اُن ڏينهن نصيبان کي سامان وٺڻ سان گڏ ٻيو ڪم به هو. هوءَ ساهيڙين کي بازار ۾ ڇڏي، پاڻ اڪ بچائي ويجهو ئي تعليم کاتي جي آفيس ۾ هلي وئي. جتي هوءَ پڇا ڪري وڃي اُن ڪلرڪ تائين پهتي، جتان کيس ماستر نهال دين جي ايڊريس ۽ ڳوٺ جو ڏس پتو ڪاغذ جي ٽڪر تي لکجي مليو.

ان ڳالهه کي به ٻه مهينا گذري ويا. ڪا به زمين ڪا نه ڦاٽي. ڪو به زلزلو ڪو نه آيو ۽ نه ئي وري ڪو آسمان ئي ڪريو. سڀ ڪجهه معمول مطابق هو. آهستي آهستي ماستر نهال دين ڳوٺ وارن کان ته وسرندو پئي ويو. پر نصيبان کان هڪ پل لاءِ به ڪو نه وسريو هو. ننڍ توڙي جاڳ ۾، ڪم ڪار دوران يا وانڊڪائيءَ ۾، سهيلين سان ڪوڏين کيڏندي توڙي اڳنن جا ٽونٽر ٺاهيندي، سڳيون يا ٻانهوٽا ٺاهيندي، ماني پچائيندي توڙي ساڳ رڌيندي هُو هر وقت نصيبان جي دل ۾ پيو هُرندو هو. سچ چيو آهي لطيف سائينءَ ته:

> ديسي سيڻ ڪجن، پر ديسي کهڙا پرين؟
> لڏيو لاڏوٽا ڪيو، پنهنجي ديس وڃن،
> پڇاڙان پرين، ڪجي بس پنيور کان.

سو ماستر نهال دين به نصيبان لاءِ پرديسي هو ۽ هُو پنهنجي ديس هليو ويو هو. ماستر جو خيال هو ته ڳوٺ وارن جي ايڏي قرب ۽ مان ڏيڻ جي موٽ ۾ سندن نياڻي پڇائي وڃڻ ڪنهن به طرح مناسب ناهي. تنهن ڪري هُن فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته هُو سک پور ڳوٺ ڇڏي ويندو ۽ اُن فيصلي تحت هُو ڳوٺ ڇڏي هليو ويو هو. وڃڻ کان پوءِ هُو مطمئن هو ته هُن ڪو به ڪچو ڪم ڪو نه ڪيو آهي. جنهن تي کيس شرمساري ٿئي. باقي رهي نصيبان، سا پاڻيهي روئي رڙي، ڪجهه ڏهاڙن کان پوءِ مون کي وساري ڇڏيندي. پر جي نه وساري سگهي، ته به مون تائين پهچڻ سندس لاءِ ناممڪن آهي.

پر ايئن نه ٿيو.

ان ڏينهن به نصيبان ڳوٺ جي ٻين ڇوڪرين سان گڏ شهر وئي هئي. ان ڏينهن به وٽس اڳوٽي وانگر هڪڙي هڙ و ٽڙي هئي. پر اُن ڏينهن هڙونڙيءَ ۾، شهر ۾ کپائڻ لاءِ سڳيون ۽ اڳنون، ڪين هيون، پر سندس ٻه وڳا ۽ سڳين، اڳنن ۽ ٻانهوٽن مان ميڙيل پئسا هئا. ان ڏينهن کيس شهر مان نه ڪجهه وٺڻو هو ۽ نه ئي ڪجهه کپائڻو هو. بازار ۾ گهڙڻ کان پوءِ هوءَ ٻين ماين کان ڇڄي وڃي بس اسٽاپ تان حيدرآباد جي بس ۾ چڙهي. اڇي برقعي ۾ هجڻ ڪري کيس شهر مان نڪرڻ ۾ ڪا به رڪاوٽ سامهون ڪا نه آئي. حيدرآباد ۾ لهي ٽيشڻ جي پڇا ڪري، ٽڪيٽ وٺي وڃي سکر واري ريل ۾ چڙهي.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

جيڏي مهل چوڪرين جي ورڻ جو ٽائيم ٿيو تيڏي مهل ٻيون ته سڀ اچي گڏ ٿيون. پر نصيبان نهي ئي ڪا نه. پوءِ ڇوڪرين وَرَ ڦِرَ ڏيئي نصيبان کي ڳوليو پر نصيبان هجي ته ملي. پوءِ ڳوٺ جي هڪ ٻن مردن سان به ڳالهه ڪيائون. جيڪي ڪم سانگي شهر ۾ آيا هئا. پر ٻيو مڙيو ئي ٿيو خير! اُهو ڏينهن ۽ پوءِ ڪيترا ڏينهن لاڳيتو ڳولا. پڇا. وڙولون. وٺ وٺان. هڻ هٽان... ڇڱن مٺن تي بار بوجها وڌا ويا... پيرن تي پڙ پاسيا ويا... ڦالن ۾ حاضرات وارا گهرايا ويا... پر نصيبان جو نه ڪُرِ لڳو۽ نه پَير...! نه ڪو ڏس مليو۽ نه ئي ڪوئي پتو پيو. خبر ناهي ڪيس زمين ڳيهي ويئي يا هوءَ اڏامي آسمانن جي وسعتن ۾ ڪٿي گم ٿي ويئي. ڏينهن. هفتا ۽ پوءِ مهينا پئي پڇائون هليون. نيٺ ٿڪي ٿتي وارث آسرو لاهي. صبر ڪري ويهي رهيا.

۽ ماستر نهال دين تڏهن ڏاڍو حيران ٿيو هو. بلڪ ڏاڍو پريشان به ٿيو هو. جيڏي مهل. هڪ ڏهاڙي 11 وڳي ڌاري سندس ڳوٺ جي اسڪول ۾. جتي هُو پڙهائي ڪري رهيو هو. اچي برقعي ۾ ڪا عورت لنگهي آئي هئي.

شايد ماستر نهال دين کي اڃا عشق جي آتش جو سيڪ ڪو نه لڳو هو. شايد اڃا ڪيس اها خبر ڪا نه هئي ته عشق ڪرڻ وارن لاءِ پابنديون ۽ بندشون. ڪوٺ ۽ قيد. پهرا ۽ فاصلا. پهاڙ ۽ سمنڊ ڪا گهٽي اهميت ڪو نه ٿا رکن. اُنهن کي نه اخلاقي حدبنديون. نه مذهبي وڇوٽيون ۽ نه ئي قانوني حجتون روڪي سگهنديون آهن. سو جڏهن هُن نصيبان کي سندس اسڪول ۾ ايندي ڏٺو ته حيرت کان مرڳو وات ڦاٽي ويس. پر پوءِ هُو هڪدم اُٿيو ۽ نصيبان کي پنهنجي گهر وٺي ويو ۽ گهر وارن کي چيائين ته نصيبان جو هر طرح جو خيال رکيو وڃي.

۽ اُن رات ماستر نهال جي گهر ڪٺ مِڙيو هو. جنهن ۾ نهال جي گهر جي ماڻهن کان سواءِ سندس چاچا. ماما. چاچيون. ماميون ۽ سئوٽن ماساتن سان گڏ سندن برادر جو سريال به شريڪ هو. سڀني کان پهريائين ماستر نهال نصيبان جو تعارف ڪرايو ۽ پوءِ سندن پهرين ملاقات ۽ ان ۾ ٿيل گفتگو ۽ پوءِ نصيبان کان جند ڇڏائي ڀڄي اچڻ جو سربستو احوال ڪري ٻڌايو ۽ چيو ته "مون محسنن سان. مون کي ٻچو سمجهندڙ پنهنجي مائٽن سان دولاب ڪرڻ ۽ سندن عزت سان ڪيڏڻ بدران ماٺ مٺيءَ ۾ واپس هليو اچڻ کي وڌيڪ مناسب سمجهيو ۽ ايئن ئي ڪيو. پر هاڻي جڏهن نصيبان اُهي سمورا باهه ۽ رت جا دريا پار مرادو اورانگهي مون تائين پهتي آهي. تڏهن منهنجي اوهان سڀني کي گذارش آهي ته نصيبان کي منهنجي زال طور قبول ڪيو وڃي ۽ اسان جي شاديءَ ڪئي وڃي."

"پر اسان کي اهڙي ٻاهرَ پيري نُنهن ڪا نه گهرجي. جيڪا پنهنجي ماءُ پيءُ جو گهر ڇڏي. اٺ ضلعا لتاڙي هيستائين پهتي آهي. سا. ڪهڙي خبر ته سڀاڻي مڙس کي به ڇڏي اڃا اڳتي ٽپي وڃي. اسان کي اهڙي نُنهن کي گهر ۾ آڻي پنهنجو خاندان رُسوا ڪونهي ڪرڻو. تنهن ڪري منهنجي صلاح آهي ته به ڄڻا گڏجي وڃي ڪيس سندس مائٽن حوالي ڪري اچن. يا خط لکي سندس وارثن کي گهرائي ٻانهن


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

سندن حوالي ڪئي وڃي. جي ايئن به نه ته مرڳو ٻانهن پوليس جي حوالي ڪري پنهنجي جان ڇڏائجي". هيءُ نهال جو وڏو چاچو هو. جيڪو نهال کي پنهنجي ڌيءَ جو سڱ ڏيڻ جو ارادو ڪريو ويٺو هو.

"چاچا وڏا، تون اسان جو ابو آهين. تو لاءِ لک عزتون آهن. پر نصيبان تي ٻاهرَ پيريءَ جو الزام نه لڳاءِ. اِن ڳالهه جي آءٌ ساک ٿو ڏيان. باقي هوءَ منهنجي لاءِ پنهنجو گهر ته برابر ڇڏي آئي آهي. هوئن به ڏيئن کي مائٽاڻان گهر ڇڏڻا ته پوندا ئي آهن." نهال نصيبان جو پاسو ڪنيو.

"ڪيئن به آهي؟! ڪهڙي به آهي!! منهنجي پٽ لاءِ هيڏا ڪشالا ڪڍي جو منهنجي گهر پهتي آهي. سا هاڻي منهنجي گهر مان ٻاهر ڪڍڻ آءٌ ٻنهه ڪا نه ڏينديس. هاڻي نصيبان منهنجي نُنهن آهي. اسان جي گهر جي لڄ آهي ۽ لڄ پولڙي کي به پياري هوندي آهي. اسين ته وري به انسان آهيون. ڳالهه اٿو صاف سڌي." نهال جي ماءُ ڳالهايو.

بحث ڇڙواڳ ٿي ويو. جنهن کي جيئن ٿي آيو. تيئن ٿي ڳالهايو. خاموش هئي ته رڳو هڪڙي نصيبان هئي، جنهن جي نصيب جو فيصلو ٿي رهيو هو. سيني ڳالهائي دنگ ڪيو. گوڙ گهمسان ٿورو گهٽيو. تڏهن سندن سريال ڳالهايو. سندس پهريون سوال نصيبان کان هو:"ڇوڪري، توکي ڪجهه چوڻو آهي؟" سريال ٿڌي لهجي ۾ پڇيو.

"ماما.....، مون نهالَ لاءِ سمورا سڱ ٽوڙي پنهنجو گهر ڇڏيو آهي. هاڻ منهنجو جيئڻ مرڻ اوهان جي وس آهي، جي مون کي پنهنجو ڪريو ٿا ته آءٌ سڄي عمر اوهان جي گهر جي گولي ٿي گذاريندس. باقي واپس وڃي به مون کي اُتي مرڻو آهي، سو هتي ئي منهنجو خون اوهان کي معاف آهي. واپسيءَ جي تڪليف ئي نه ڪريو." ايئن چئي ڪائنس اوچنگار نڪري ويئي ۽ هوءَ ڪجهه دير تائين روئندي رهي.

ماحول سڄو سوڳوار ۽ جذباتي ٿي ويو. خاموشي پوءِ آهستي آهستي چڻ پڻ ۾ تبديل ٿي ويئي. وري به ڳالهائڻ ٿيا ۽ پوءِ هڪوار وري به ماٺار ٿي ته سريال وري ڳالهايو. هن پيري هُن پنهنجو فيصلو ٻڌايو هو: "ابا ڳالهه ٻڌو...." سڀ خاموش ٿي ويا. "نصيبان، هن مهل کان پوءِ منهنجي ڌيءَ آهي. نهالَ تون سُيان رات به مرد ۽ به مايون وٺي اچي منهنجي گهر نصيبان کي پوتي پارائي شاديءَ جا ڏينهن چٽاڪري وڃو. تيستائين نصيبان منهنجي ڌيءَ ٿي، منهنجي گهر ۾ رهندي." ايئن چئي سريال اٿيو ۽ نصيبان کي ڳراٽڙي پائي، مٿي تي چمي ڏيئي ڪيس هٿ کان جهلي پنهنجي گهر وٺي وڃڻ لڳو. نهالَ جي ماءُ ۽ پيٽيون، چاچيون توڙي مامیون به ساڻن گڏجي وڃي ڪيس سريال جي گهر ڇڏي آيون.

"آءٌ واٽون سدا ويٺي نهاريان

الا..... من منهنجا ڏوٿيڙا اچن، آءٌ واٽون سدا ويٺي نهاريان....!"

نصيبان کي سک پور ۾ پنهنجو گهر ڇڏيندي اڄ اندازن 50 سال کن ٿيا هئا. جڏهن گهر ڇڏيو هئائين، تڏهن هوءَ مڪڙيءَ مان ٽِڙي تازو گل مس ٿي هئي ۽ اڄ هوءَ 65_66 سالن جي هئي. شاديءَ کان



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

پوءِ نهال ڪيس پنهنجي سِرَ سان گڏ سانديو هو. نصيبان بہ سندس پرپور ساٿ ڏنو هو. ايئن ڏسندي ڏسندي اڌ صدي گذري ويئي. ان دوران نصيبان کي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجا مِٽَ مائٽ ياد پوندا هئا تہ هوءَ اباڻڪي ٿي ويندي هئيءِ ڪيترا ڏينهن دنيا جهان کان بيگاني ٿي پنهنجي مُنهن پئي هلندي هئي. ماٺ مٺس واسو ڪري ويندي هئي. پر هوءَ پنهنجو اندر ڪنهن سان بہ ڪا نہ اوريندي هئي.

اڄ بہ نصيبان کي پنهنجا اباڻا ياد اچي ويا هئا. خبر ناهي تہ جيئرا بہ هئا يا الله کي پيارا ٿي ويا هئا. پر هوءَ کين ياد ڪري روئي ويٺي هئي. سندس آس هئي تہ هڪڙو ڀيرو.... رڳو هڪڙو ڀيرو.... هوءَ پنهنجا اباڻا پڌ ڏسي اچي، تہ جيئن سندس حياتيءَ جا باقي ڏهاڙا سڪون سان گذاري سگهي. اُن آس جي آسري تي ئي تہ هوءَ جيءُ رهي هئي. نهال دين تہ رهيو ڪو نہ هو. ٻہ وڏا پٽ ۽ ٽي ڌيئر پرڻائي ڇڏيون هئائين، جيڪي سڀ پنهنجو الڳ الڳ جهان اڏيو مڙيو ويٺا هئا. باقي سندس پٽ ڪمال ۽ شاهينہ ساڻس گڏ هئا. هوءَ، هُنن کي ڪيئن ٻڌائي تہ هوءَ هِتي ڇو آئي هئي... کين ڪيئن سمجهائي هوءَ پنهنجي اباڻن پڌن کي ڏسڻ لاءِ مانڌي ٿيو ٿي مري. کين ڪيئن چوي تہ ڪيس وٺي هڪ ڀيرو هلي سک پور ڏيکاري اچو تہ جيئن پڇاڙيءَ جا پساهہ سڪون سان پورا ڪري سگهان...!

منجهان منهنجي روح، جي وڃي ساڄن وسري،
مر لڳي لُوهہَ، ٽر ٻاٻيهو ٿي مران. ـ (شاهہ)

1 جنوري 2013ع



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# مُلهه مهانگو سپرين

اختر، جيڪو پهرين پاڻ به غريب هو ته سندس پيءُ به غريب هو. پر اُن هوندي به جيئن تيئن ڪري انٽر پاس ڪري هُو پرائمري استاد ٿي ويو هو. پوءِ هُن ماستريءَ دوران به پنهنجي تعليم جاري رکي. سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ ته هونئن به تعليم جو ٻيڙو ٻڏي پيو آهي. ڪاپي ڪلچر زنده باد! سو هُو به رڳو امتحانَ ڏيندو پهريائين بي اي، ۽ پوءِ ايم اي پاس ڪري، پنهنجو ڪيڊر چينج ڪرائي انگريزي ماستر ٿي ويو. ادب سان دلچسپي هئڻ ڪري ادبي دنيا ۾ ڪاهي پيو. واسطا وڌيا ته تعلقات تيزيءَ سان وڌڻ ويجهڻ لڳا. پرنٽ ميڊيا ۽ پوءِ اليڪٽرانڪ ميڊيا، موبائيل سيل ۽ انٽرنيٽ ماڻهوءَ کي الاجي ڪٿان جو ڪٿي پهچايو ڇڏي. ناما چاري ٿي، اٿڻ ويهڻ وڌيو ته لوازمات به نوان نوان نڪرڻ لڳا. سنڌ ۽ ملڪ جي اديبن ۾ نالو گردش ڪرڻ لڳو. ڪراچي، ڪوئيٽا، لاهور ۽ اسلام آباد تائين پهچَ ٿي ته مڙس جي پلي پلي ٿي ويئي. اديبن جو پليٽ فارم استعمال ۾ آيو. ميڊيا جي يارن ياري نباهي. ڪجهه سياسي شخصيتن جي دعا سلام، ته ڪن اقتداري معززين سان هٿ جوڙ ۽ ڪجهه پنهنجون صلاحيتون ڪتب آيون ته مرڳو همراهه غريب غُربي جي هٿ ڇهڻ کان ئي چڙهي ويو. پلا پائيرَ! پاڳ سان پلا ڪنهن جي ريس!! جيڪو جڏهن چڙهي، سو تڏهن سوار!!.

ايئن ڏسندي ئي ڏسندي، اختر چاڙهيءَ وارا ڏاڪا چڙهندو، ڏُکهه ۽ رَلو ڀوڙندو مرڳو ئي آسمان کي وڃي ڇهڻ لڳو هو. ڳوٺ مان لڏو ڪٽي اچي حيدرآباد ۾ مسواڙي جاءِ ۾ رهڻ لڳو. وڏو شهر، ته هر شيءِ وڏي. کائڻ ۽ پائڻ جو معيار وڌڻ لڳو. يارن ۽ مهمانن جو اچڻ وڃڻ وڌڻ لڳو. گهر جي ضرورتن ۽ آرائشن ۾ به اضافو ٿيڻ لڳو. اٿ ويهه وڌڻ ڪري ياڙن ڪراين جو اضافي خرچ ٿيڻ لڳو. ايئن اختر ڏٺو ته سندس مهيني جو پگهار ته نهيو پر مرڳو گڏ ڪيل به ٿي ڏوڪڙ به پوري ڪو نه ٿي پيا. همراهه ماڳهي قرضي پئي ٿيو. وڏو شهر ڪيس مهانگو پئي پيو.

پوءِ ڇا ڪجي....!؟

هڪڙو رستو اختر کي ڪارائتو ڏسڻ ۾ آيو....!

ڇو نه ڪا غير سرڪاري تنظيم Non Government organization (اين جي او) رجسٽر ڪرائجي! هونئن به اين جي اوز جي وبا سڄي ملڪ وانگر سنڌ کي به وڪوڙي ته ويئي آهي. ڪيترا ڏسٽا وائسٽا ماڻهو قوم ۽ ڌرتيءَ جو پلو چاهيندڙ ماڻهو به هاڻ بنهه لاهي پائي NGOs ۾ ڪاهي پيا آهن ۽ ڄاڻندي ٻُجهندي به چند ڏوڪڙن عيوض پنهنجي ڌرتيءَ ۽ قوم جي ذري پُرزي جا انگ اکر ڌارين قوتن کي گڏ ڪري پيا فراهم ڪن.

سو اختر به فيصلو ڪيو ته ڇو نه موقعي جو فاعدو ونجي ۽ ڪو ڏڪ پرجي. هونئن به جڏهن سڄو ملڪ منصور لڳو پيو آهي. ڊالرن جو مِينهن اوهيرا ڪريو پيو وسي. هرڪو گروگنجو ٻانهن پيو



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

لوڏي. الاجي کھڙا کھڙا ماڻھو جن کي سرڪاري بيلداري بہ ڪا نہ ٿي ملي، سي هينئر ”ڦُونسَ مان سليمان“ ٿيو اسي هزار رپيہ ماهوار پگھار پيا کڻن. جيڪي ڪڏهن گڏهہ تي بہ ڪو نہ چڙهيا، سي اج پي آءِ اي جي اڏامن ذريعي ڪراچي ۽ اسلام آباد جا ٽوئر پيا ڪن. پوءِ اسين ڇو نہ پنهنجو مستقبل روشن ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيون.

پوءِ هُن بہ. لاڙ ۾ نياڻين جي تعليم جو سڪٽو نعرو هڻندڙ هڪڙي غير سرڪاري سماجي تنظيم جي پيروي ڪندي، هڪڙي سماجي بهبود لاءِ ڪم ڪندڙ NGO رجسٽر ڪرائي. جنهن جو صدر پاڻ ٿيو پر باقي بيا عهديدار بنهہ معمولي پڙهيل ۽ بي سمجهہ واڇائون کٽي پرتي ڪيائين. جيڪي رڳو پاڙي ۽ پتي تي سندس ونگار پيا وهندا هئا. ڊونر ايجنسيز ڏانهن موڪلجندڙ ڳرن ووچرن تي رڳو ڪانئن صحيحون وٺندو هو. باقي انهن کي انگريزيءَ ۾ ٺهيل ووچرن جي ماليت جي بہ خبر ڪا نہ پوندي هئي. اردوءَ وارا چوندا آهن تہ ”جڏهن الله ميان حُسن ڏي ٿو تہ نزاڪت خودبخود اچي ويندي آهي.“ ساڳي طرح جيڏي مهل اختر جي بہ ڪرنسي چينج ٿي، يعني ڳالهہ جڏهن پاڪستاني روپين مان ڦري آمريڪي ڊالرن ۾ ٿيڻ لڳي، تڏهن ماستر اختر ڦري اختر صاحب ٿي ويو. کھڙي ڳالهہ ڪجي، جڏهن پروجيڪٽن مٿان پروجيڪٽ ملڻ لڳا، تڏهن هڪ پاسي اسڪيمون ٺهڻ لڳيون، اسٽيميشنون جُڙڻ لڳيون، وفد فيلڊ وزٽ ڪرڻ اچڻ لڳا، اَويئرنيس لاءِ ڪانفرنسون منعقد ٿيڻ لڳيون، ورڪشاپ، اوپن ميٽينگون ۽ ڪارنر گڏجاڻيون ٿيڻ لڳيون، عوام ۾ سجاڳي آڻڻ لاءِ ريليون، جلسا ۽ جلوس ٿيڻ لڳا. ۽ اهي سڀ شيون، مڙيئي ڳالهيون ۽ هڙيئي وارداتون تصويرن ۽ وڊيو مووِيز ڪيسيٽن ۾ محفوظ ٿي ڊونر ايجنسيز جي اعليٰ اختيارين کي ڊيڪارڻ لاءِ گڏ ٿينديون رهيون. شاباش هجي ڪمپيوٽر کي، جو پرائين ريلين جي اڳيان هلندڙ ماڻهن جا چهرا بدلايو پنهنجا ڪريو ڇڏي. ساڳي طرح ڪاغذن مان بہ فائيل پرجڻ لڳا ۽ فائيلن مان الماريون پرجڻ لڳيون. باقي سر زمين تہ ٿر جي واريءَ وانگر اهڙي جي اهڙي. نہ اُتي ڪو مينهن وٺو ۽ نہ ئي ڪا اوپڙ اُپڙي. نہ ڪو وڻ وجود ۾ آيو ۽ نہ ئي ڇانوَ ڇانورو ٿيو. اهڙي طرح ”پلي پلي“ ٿي ويئي. هزارن جي جاءِ تي لکين رپين جا ۽ لکن جي جاءِ تي ڪروڙين رپين جا ووچر ٺهڻ لڳا. اختر صاحب جي هٿن ۾ پئسو سانوڻي سنڌوءَ وانگر ڪَپ پري وهڻ لڳو. ”ناني رڌڻ واري ڏوهٽا ڪائڻ وارا“ ”نہ ڪير ڪُڇڻ وارو نہ ئي ڪير پُڇڻ وارو“ ۽ وري ڊونر ايجنسيز جي چڪاس ٽيمن ۾ وري ڪي فرشتا ويٺل آهن ڇا!؟ ”اوهين بہ کائو ۽ اسان کي بہ کارايو“ واري پاليسي زنده باد تحت ٻئي ڌريون خوش. ڪنهن جي گهران ڇا ٿي ويو! هِتي تہ مرڳو وڃڻ بدران آيو پئي...! ڇا چئجي...!.

اصل پروجيڪٽ تي ڪم ڪرڻ بدران، رڳو پروجيڪٽ جي تعارف ۽ پبلسٽيءَ لاءِ ڪتابڙا پيا ڇپجن. غير ضروري تعارفي پمفليٽ، ڪارڊ، اسٽيڪر، ٽوپڙيون وغيره تي، جي هزار خرچ ٿين تہ لکن جا ووچر پيا ٺهن. رڪارڊ پيو ٺهي. انن ڏهن نوجوانن تي مشتمل اسٽاف، جيڪو ڪاپي ڪلچر جي پيداوار هئڻ ڪري، رڳو ياماها موٽر سائيڪلين تي چڙهيو ڦرڙاٽ ڪيڻ ۾ پورو. سڀ رڳو ڏيکاءُ. چڙو خانہ پُري.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

نوجوان ڇوڪريون بہ ڏيکاءَ خاطر اسٽاف ۾ شامل ڪيون ويون تہ جيئن ٻڌائي سگهجي تہ عورتن کي موٽيويٽ ڪرڻ لاءِ هنن خاص فيميل اسٽاف بہ رکيو آهي. چڪاس ڪندڙ ٽيم جي هڪڙي پوڙهي ڪوٽ پنجابي ڊائريڪٽر، جيڪو اين جي اوز هلائڻ جو ڪافي تجربو رکندڙ هو اختر صاحب کي سمجهايو هو تہ ”آڊٽ کِلِتي نہ ٽچاڻ، يعني ڪاغذي رڪارڊ مڪمل هجي. فائيل ڪاغذن سان ڀريل هجن. باقي فيلڊ ۾ پلي ”ڪاريءَ وارا ڳڳَ“، بہ نہ هجن. ڪنهن کي لاچار پيو آهي جو ايترا پيا پئسہ خرچ ڪري چڪاس ڪرائي تہ ڀهراڙين ۾ واقعي ڪم ٿيو آهي يا نہ!؟“ سو اختر صاحب بہ هڪڙو چاڻو سنجيده ۽ ڪم وارو ماڻهو پنج پئسہ وڌيڪ ڏيئي پاڻ وٽ ملازم رکيو هو جيڪو ڪاغذن سان فائيلن جا پيٽ ڀري رهيو هو ۽ هر شيءِ مينيج ڪري اپ ٽو ڊيٽ رکيو پئي آيو ۽ هوڏانهن وري اختر صاحب جا مختلف بينڪن ۾ اڪائونٽ بہ ڪُلندا ۽ ڀربا رهيا. توڙي جو هاڻي اختر صاحب کي اسڪول ۾ ڊيوٽي ڏيڻ جيترو وقت ڪو نہ هو پر پوءِ بہ هُو صاحب آن ڊيوٽي ٽيچر هو ۽ باقاعده ماهوار پگهار وصول ڪري رهيو هو.

اِهي ڳالهيون تہ سڀ پليون، پر هڪڙي ڳالهہ اهڙي هئي، جنهن جي ڪري اختر صاحب اڪثر ڪري پريشان رهندو هو. توڙي جو هُن کي شادي ڪئي ڪِچ سال ٿي چڪا هئا ۽ سندس ڏيءَ ۽ پُٽ بہ اچي جوان ٿيا هئا، پر پوءِ بہ هُن کي گهر جو سک ڪو نہ هو. شاديءَ جي پهرين رات ئي سندس ڪنوار جي ساڻس هم آهنگي ٿي نہ سگهي. اُن جو سبب ڪهڙو هو؟ سا خبر تہ پئجي ڪا نہ سگهي هئي، پر هِن وقت بہ، جڏهن سندن عمر موٽڻ شروع ڪيو هو تڏهن بہ سندن وچ ۾ سواءِ گهر گرهستيءَ جي ضروري مامرن جي، ٻي ڪا بہ ڳالهہ ٻولهہ ڪا نہ ٿيندي هئي، جنهن سان گهر جو ماحول خوشگوار بنجي. يا قرب، محبت ۽ پيار جي فضا پروان چڙهي سگهي. شروع جي ڪجهہ مهينن تائين تہ اختر صاحب انتهائي ڪوشش ڪئي تہ سندس ڪنوار جي سخت رويي جا ڪارڻ معلوم ڪري ۽ ازالو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، پر جڏهن هُن ڏٺو تہ لک ڪوشش ڪرڻ جي باوجود بہ سندس ڪنوار جو ميڻ نہ ڳريو تہ نہ ڳريو. تڏهن هُن بہ ڪيس سندس حال تي ڇڏي ڏٺو ۽ پوءِ گذريل ويهہ سال هنن ٻنهي مشيني انداز ۾ روبوٽن واري زندگي گذاريندي گذاري ڇڏيا. انهن ويهن سالن دوران ڪنهن مسڪراهٽ جو ڪِلَ جو يا ٽهڪڙن جو پلجي بہ سندن گهر وٽان ڪڏهن گذر ڪو نہ ٿيو هو. جڏهن هو اڪيلا هئا، تڏهن بہ سندن وچ ۾ وڇوٽيون هُيون ۽ جڏهن هاڻ سندن گهر ۾ ڏيءَ ۽ پٽ بہ وڏا ٿي چڪا آهن. تڏهن بہ ساڳيون وڇوٽيون برقرار هيون. ٻئي ڄڻا فقط پنهنجي ڪم سان ڪم رکڻ جا عادي ٿي چڪا هئا. گهوٽ ڪنوار جون ڪينچلون، انگل آرا، فرمائشون ۽ رُساما پرچاءُ تہ هُنن ڪڏهن ڏٺا بہ ڪو نہ، پر زال مڙس واريون ڪچهريون ۽ دل لڳيون بہ سڪنديون رهيون. ايتريقدر جو هاڻي تہ گهريلو عورت ۽ مرد جي وچ ۾ جيڪا باهمي صلاح مصلحت يا مشاورت ڪرڻ گهرجي، سا بہ ڪا نہ ٿيندي هئي. باقي هڪڙي ڳالهہ هئي تہ اهڙي بيزار ڪندڙ ماحول ۾ رهندي بہ، سندس زال نہ ڪڏهن ڪاوڙجي سندس مائٽن وٽ وڃي


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ويهي رهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ نہ ئي وري اختر صاحب جي مائٽن بہ ڪڏهن پنهنجي ننهن کان خفا رهڻ جو رونٽو رُنو. ٻنهي طرفن کان ڪين سندن حال تي ڇڏي ڏنو ويو هو ۽ ايئن زندگي جي ڍڳي گاڏي گهلبي رهي.

چوندا آهن تہ هِن مردن جي معاشري ۾ مردن جي گهوڙي کي سوين گس ميسر هوندا آهن. پر اختر صاحب هن کان اڳ ۾ ڪڏهن بہ زال جي رُوڊ مُوڊَ جو بهانو بنائي پنهنجي گهوڙي کي ڇڙواڳ ڪو نہ ڇڏيو هو. پر آخر ڪيستائين؟! جيستائين هُو اباڻي ڳوٺ هو يا وري حيدرآباد جي ننڍڙي مسواڙي گهر ۾ رهيل هو ۽ رڳو ماستر هو تيستائين سندس ڪيسو ايترو خلاصو ڪو نہ هو جو هُو ٻيو ڪجهہ سوچي سگهي. پر جڏهن هُن هڪ اين جي او جو سربراهہ بنجڻ بعد هڪڙو بنگلو پنهنجي گهرواريءَ جي نالي خريد ڪري اُن ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ ٻيو بنگلو پنهنجي نالي خريد ڪري، اُن ۾ اين جي او جي آفيس قائم ڪئي، تڏهن هُن ڏاڍي آسودگي محسوس ڪئي هئي. هاڻي ڪيس هر وقت پُوٺ سُڃائي هلندڙ سندس زال کان ٿورو پريرو رهڻ جو موقعو ميسر ٿي سگهندو هو. هاڻي هُو آفيس جي ڪم جي گهڻائيءَ جي يا ٻاهرين وزيٽرن جي اچڻ ۽ ترسڻ جي بهاني سان ڪڏهن ڪڏهن آفيس واري بنگلي ۾ بہ رهي پوندو هو.

***

آفيس ٻاهران لڳل هڪ وڏي سائن بورڊ تي غير سرڪاري اداري جي وڻندڙ نالي کان متاثر ٿي اڪثر بيروزگار نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون نوڪريءَ جي تلاش ۾ اندر لنگهي ايندا هئا. سو اُن ڏينهن هڪڙي بنهہ خوبصورت ڇوڪري ترنم ناز بہ پنهنجي بايو ڊيٽا جو فائيل کڻي آفيس اندر گهڙي آئي هئي. اختر صاحب اوڏي مهل فيلڊ ۾ ويل هو.

"مون کي اختر صاحب سان ملڻو آهي." ترنم ناز آفيس ۾ ويٺل اڪائونٽنٽ کي چيو.

"صاحب جن تہ فيلڊ ۾ ويل آهن." جواب مليو.

"ڪنهن وقت موٽندا؟" ترنم ناز وري پڇيو.

"هڪ وڳي جو ڇئي ويا آهن." جواب مليو.

ترنم ناز پنهنجي ساڄي ٻانهن جي ڪرائيءَ کي ڏاڍي نزاڪت ۽ نفاست سان ورائي پنهنجي گهڙيءَ ۾ ٽائيم ڏٺو ۽ پنهنجي مُنهن ڳالهايو: "ساڍا ٻارنهن...! اڃا اڌ ڪلاڪ لڳندو." وري اڪائونٽنٽ کي مخاطب ٿي پڇيائين. "سر، توهان مهرباني ڪري ڪانئن معلوم ڪري وٺو تہ پاڻ گهڻي دير ۾ پهچندا. جي جلد نہ موٽي سگهن تہ مان وري سڀاڻي اچان. يا اڃا بہ جيڪو حڪم ڪن."

"هونئن تہ توهان جي مرضي آهي تہ وڃو يا Wait ڪريو. پر توهان کي اهو ٻڌائي ڇڏيان تہ صاحب جن جي سڀاڻي سوير اسلام آباد لاءِ فلائيٽ آهي. جتان هڪ هفتي کان پوءِ ئي موٽندا."



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”اوهه....!“ ترنم ناز فڪرمند ٿيندي چيو. ”پر توهان فون تہ ڪري ڏسوس، سر پليز“.

”ٺيڪ آهي.“ ايئن چئي اڪائونٽنٽ فون ڪٽي صاحب جو نمبر ڊائل ڪيو.

”سر، هڪ فيميل ڪينڊيڊيٽ جاب جي سلسلي ۾ آئي آهي، اُن لاءِ ڪهڙو حڪم آهي.“ ۽ صاحب جو حڪم ٻڌڻ لاءِ ٿوري دير فون ڪن سان لڳائي ٻڌندو رهيو ۽ پوءِ (Yes sir) چئي فون رکي ڇڏيائين. ترنم ناز ڏانهن نهاري چيائين: ”صاحب جن پهچڻ وارا آهن.“.

ڪجهہ ئي دير ۾ اختر صاحب پهچي ويو. جيئن ئي هُو آفيس ۾ گهڙيو تيئن اڪائونٽنٽ بہ پنيان اندر ويو ۽ پنجن ڇهن منٽن بعد ٻاهر نڪري ترنم ناز کي اندر وڃڻ لاءِ چيائين.

صاحب کيس ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيو هُوءَ شڪريو ادا ڪندي ڪرسيءَ تي ويٺي.

”جي فرمايو“. اختر صاحب ڏانهس متوجهہ ٿيندي پڇيو.

”سر، مين جاب ڪي سلسلي ۾ حاضر هوئي هون. جيڪڏهن اوهان جي اداري ۾ ڪا جاءِ خالي پيل هجي تہ مان اوهان جي اداري جي خدمت ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“

”پر توهان کي شايد اِها خبر ڪانهي تہ اسان جي آفيس ۾ ڪو بہ آفيس ورڪ ڪو نہ هوندو آهي، جنهن جي لاءِ آفيس اسٽاف جي ضرورت پوي. اسان جو پروجيڪٽ ۽ سمورو ڪم فيلڊ ورڪ تي مشتمل هوندو آهي. ڇا توهان فيلڊ ورڪ لاءِ افورڊ ڪري سگهنديون؟“.

”جي ها. مون کي اڄڻ سان ئي اندازو ٿي ويو هو تہ هتي دفتري ڪم جي ڪا گنجائش ڪانهي. مان فيلڊ ورڪ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“

”ڏسو محترمہ هيءَ ڪا سرڪاري آفيس ڪانهي ۽ نہ ئي ڪو سرڪاري ادارو آهي جتي ڊيوٽيءَ جو وقت مقرر هوندو آهي. هِتي تہ صبح جو گهران نڪربو آهي تہ واپسيءَ جي ڪا خبر ڪا نہ هوندي آهي تہ ڪيڏي مهل وربو. ڪڏهن ماني کائڻ جو موقعو ملندو آهي تہ ڪڏهن رڳو چانهہ ۽ پڪوڙن تي گذارو ڪرڻو پوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ رات بہ فيلڊ ۾ يا آفيس ۾ ئي گذارڻي پوندي آهي. پوءِ متان توهان چئو تہ مون کي سج بيٺي گهر پهچڻو آهي. اهڙي صورتحال ۾ ڪم هلي ڪو نہ سگهندو. اُن لاءِ توهان کي هاڻي ئي سوچي فيصلو ڪرڻو پوندو.“

”سر اِها مون کي بہ خبر آهي تہ اين جي اوز ۾ فل ٽائيم جاب هوندي آهي. مان اُن لاءِ تيار آهيان.“ ترنم نازڪ هڪ اندازِ دلربائيءَ سان مرڪندي صاحب ڏانهن نهاريندي چيو.

”چڱو تہ پوءِ اڪائونٽنٽ کان ايپليڪيشن فارم وٺي، فل اپ ڪري جمع ڪرايو ۽ هفتي کان پوءِ جيئن ئي مان اسلام اباد کان موٽان، تيئن اچي جوائن ڪجو. او ڪي!“.

”اوڪي سر، ٿينڪ يُوسر، آئي ايم ويري ٿينڪ فل ٽُويُوسر.“

”خير آ، خير آ، منهنجي مهرباني مڃڻ جي ضرورت ڪانهي. توهان رڳو پنهنجي ڊيوٽي تي توجهہ ڏجو.“



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”سر توهان کي شڪايت جو موقعو ڪو نہ ملندو. انشاءَالله.“ ائين چئي ترنم ناز تمام گهڻي خوشيءَ وچان مسڪرائيندي ٻاهر نڪري ويئي.

”واهہ واهہ....! ايئر هوسٽيس ڇوري تہ واهہ جي ڀلي آهي....!“ اختر صاحب جهاز ۾ ويٺي هڪ هوائي ميزبان کي چانهہ سَرِوِ ڪندي ڏسي اندر ئي اندر دانهن ڪئي. ”پر ڀيلي، هيءَ تہ ايئر هوسٽيس آهي، جيڪي ڳولي ڳولي ناهوڪڙيون ۽ ملوڪڙيون ڇوڪريون ئي ڪڍندا آهن. پر ڪلهوڪي ترنم ناز لاءِ ڇا خيال آهي..! هُن سان بہ ڀلا ڀلي آهي! ڇوري تہ ڪانهي، الاجي ڇا آهي....!! مون بہ گهڻي دنيا ڏٺي آهي، پر هُن جو تہ گهر ئي الڳ آهي ۽ لڳي بہ وڏي ڪا ميڙا مارتي! خير، ڪيئن بہ هجي پر آهي صفا مٺو مٺي تي. منهنجو تہ ڪيس ڏسندي ئي ايمان هيٺ مٿي ٿيڻ لڳو هو. هونئن تہ پروين، نسرين ۽ شيرين ۾ اڳ ئي اداري ۾ ڪم ڪن پيون ۽ تنهن ڪان پوءِ سڄو ملڪ مڙيو ئي منصور لڳو پيو آهي. پر هيءَ ڇوري تہ الاجي ڪهڙي بلا آهي، جنهن پنهنجي پهرين نظر ۾ ئي منهنجا تہ وڻ ئي وڄائي ڇڏيا آهن. نہ تہ هيستائين منهنجو ڪڏهن ڪيڏانهن توجهہ ئي ڪو نہ ويو آهي. تنهن ڪري ئي تہ اڪثر دوست مون کي عورت بيزار چوندا آهن. خير....، اِن ڳالهہ کي بہ ڏسبو....! حال هڪيو تہ هن ايئر هوسٽيس کي ڏسي ڍو ڪري وٺان. زندگيءَ ۾ وري الاجي ڪيس ڏسڻ جو موقعو ملي، الاجي نہ....!“ اختر صاحب دل ئي دل ۾ پور پچائڻ لڳو.

ترنم ناز کي اختر صاحب جي اداري ۾ ڪم ڪندي ٽي مهينا گذري چڪا هئا. اِن عرصي دوران مٿس اختر صاحب جي مراعتن، رعايتن ۽ نوازشن جو بارشون وسڻ لڳيون هيون. هوءَ اڪثر اختر صاحب جي گاڏيءَ ۾ ئي ساٿس گڏ فيلڊ ۾ ويندي هئي ۽ انتهائي فراخدليءَ سان ملندڙ رعايتن کي انتهائي ڪشاده دليءَ سان قبول ڪندي هئي. اُن سان هڪ طرف سندس ضرورتون پوريون ٿي رهيون هيون تہ ٻئي طرف اختر صاحب جي خوشنودي بہ حاصل ڪري رهي هئي. ٻي ڳالهہ تہ مجبوري ماڻهوءَ کي نہ چاهيندي بہ الاجي ڇا ڇا ڪرڻ تي مجبور ڪريو وجهي. ٽيئن دنيا جي ماڻهن جو الميو آهي تہ انهن جي تمام وڏي گهڻائي مسڪيني حالت ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور آهي ۽ باقي جيڪا تمام ننڍي ٿورائي پئسي واري آهي، سا وري استحصالي قوت بڻجي مسڪينن جو باقي رت بہ چُوسڻ ۾ پنهنجون سموريون صلاحيتون استعمال ڪري ٿي. تنهن ڪري غريب جي حالت اجا بہ وڌيڪ خراب ٿيندي وڃي ٿي. توهان ڏسندو تہ هِنن ملڪن ۾ قانوني ۽ شرعي طرح بدڪرداري ۽ بدپيشي ڪرڻ ۽ ڪرائڻ تي پابنديون عائد ٿيل آهن ۽ ڀريون ڀريون سزائون تجويز ڪيل آهن. پر بک، بدحالي، بي گهري، بيماري، بي علمي ۽ بيروزگاريءَ جي ڪري گهر گهر ۽ گهٽي گهٽيءَ ۾ فحاشيءَ جا اڏا هلندڙ ڏسڻ ۾ ايندا، پر ڪا بہ روڪ ٽوڪ ڪانهي، ڪنهن کي بہ ڪو اعتراض ڪونهي. هر ڪو پنهنجي وٿ وٺان ۽ هڻ هٽان ۾ ئي پورو نٿو پوي تہ ٻين جو ڪهڙو خيال ڪري! ٻين تي ڪهڙو اعتراض ڪري! ٻين جي ڪهڙي اصلاح ڪري!.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

سو جڏهن ترنم ناز بہ پنهنجي گهر جي بدحالي، بک ۽ بيروزگاريءَ کان تنگ اچي اختر صاحب جي اداري ۾ جاب ڪرڻ لڳي هئي ۽ جڏهن سندس ۽ سندن گهر جون ضرورتون بہ بنا ڪنهن تڪلف ۽ حجاب جي پوريون ٿي رهيون هيون، تڏهن هُن اختر صاحب جي خوشنوديءَ کي ٻين سمورين ڳالهين کان وڌيڪ ترجيح ڏيڻ ئي پنهنجو مقصد بنائي ڇڏيو هو ۽ هيڏانهن اختر صاحب بہ بنهہ احتياط سان، بنهہ آهستي آهستي ۽ بنهہ سنڀالي سنڀالي پيش قدمي ڪري رهيو هو. جتي هُن ويهہ سال کن گهرو اذيتون سٺيون هيون، اتي ڪجهہ مهينا وڌيڪ انتظار ڪرڻ هُن لاءِ ڪو مسئلو ڪو نہ هو ۽ پوءِ جڏهن هو ڳالهين جي حد تائين بي حجاب ٿي چڪا هئا، تڏهن هڪ ڀيري اختر صاحب ترنم ناز کي اسلام آباد ۾ منعقد ٿيندڙ ڏهن ڏينهن جي ايندڙ ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪرڻ جي آفر ڪئي. ڪائنس پڇيائين تہ جيڪڏهن هُوءَ پاڻ ۽ سندس گهروارا راضي هجن تہ هُو اداري طرفان سندس نالو تجويز ڪري.

اهڙي طرح پهريون ڀيرو اختر صاحب ترنم ناز سان ڏهہ ڏينهن اسلام آباد جي هڪڙي فائيو اسٽار هوٽل ۾ صحيح معنيٰ ۾ زندگي اينجواءِ ڪئي هئيۦ پوءِ جو. جهنگ جي ٻڪري اَن کائي مِٺائي، تنهن لاءِ اُهي گس پنڌ جيڪي ويهن پنجويهن سالن کان سندس زال جي اذيتناڪ رويي سبب يا پنهنجو پاڻ تي پاڻ مسلط ڪيل پابندين جي ڪري بند ٿيل هئا، سي جهڙوڪر خودبخود کلندا ويا. رڪاوٽون صاف ٿينديون ويون. ڦاٽڪ کلندا ويا ۽ سگنل گِرين ٿيندا ويا. پهرين ترنم ناز رڳو اسلام آباد ۽ ڪراچيءَ جي ورڪشاپن، ڪانفرنسن ۽ ليڪچرن ۾ اختر صاحب سان گڏجي ويندي هئي. پر هاڻ ڪڏهن ڪڏهن فيلڊ مان دير سان موٽڻ جي ڪري آفيس واري بنگلي ۾ ئي رات ترسي پوندا هئا ۽ اِهي خبرون جڏهن ٻليءَ پير ٻليءَ پير سُري سُري اختر صاحب جي گهر پهتيون، تڏهن سندس زال نئين صورتحال کي تسليم ڪري، پنهنجي رويي ۾ نرمي آڻي موٽ تہ ڪا نہ ڪاڏي، پر مرڳو گهر ۾ وڏو هنگامو کڙو ڪري وڌو.

جوان ٻارن جي اڳيان روز ٻئي ڏينهن زال ۽ مڙس جو شروع ۽ ڪروڌ رهندو ئي گهر جو ماحول بد کان بدتر ڪري ڇڏيو هو. جنهن ڪري هاڻي تہ مرڳو اختر صاحب گهر اچڻ ئي ڇڏي ڏنو هو. باقي گهر، گهر جون ۽ ٻارن جون ضرورتون پوريون ٿي رهيون هيون. اهڙي صورتحال ۾ ٻارن ۾ چڙواڳي ۽ غير ذميواري پنهنجون پاڙون پختيون ڪندي پئي ويئي. گهر ۾ سڪون نالي ڪا بہ شيءِ پهرين بہ موجود ڪا نہ هئي ۽ هاڻ تہ مرڳو رت جي ٻُوءِ پيئي ايندي هئي ۽ ماءُ ۽ ڌيءَ ۾، پاءُ ۽ ڀيڻ ۾ بہ تلخي ۽ دوريءَ جا ويڇا وڌيڪ ويڪرا ٿيندا ويا. مٽن مائٽن بہ اچڻ وڃڻ ڇڏي ڏنو هو. نہ ڪنهن جي مرتئي تي ۽ نہ ئي ڪنهن جي شادي خوشيءَ ۾ سندن شرڪت ٿيندي هئي. ايئن سڄي فيملي ڊسٽرب ٿي چڪي هئي.

۽ جڏهن اختر صاحب گهر وڃڻ تقريبن تقريبن بند ڪري ڇڏيو هو تڏهن هُو مرڳو پيٽ ڪوڙي ترنم ناز تي ئي گذارو ڪرڻ لڳو هو ۽ ترنم ناز جيڪا ڏسڻ پسڻ ۾ تہ ڪنهن بادشاهزاديءَ کان گهٽ ڪا نہ هئي، پر بدقسمتيءَ سان هوءَ ڪنهن بادشاهہ جي محل ۾ نہ، پر هڪڙي فروٽ جي گاڏي واري



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

جي گهر ۾ پيدا ٿي هئي. جيڪو صبح جو ٻانگ مهل اُٿي گاڏو ڪاهي فروٽ منڊيءَ ويندو هو ۽ سڄو ڏينهن شهر جي گهٽين ۾ ”ڦيري“ ڪندو، سج لٿي مهل گهر موٽندو هو ۽ اُن مان ئي جهان هلائيندو هو. سو گهر وارن ڏنو ته ستن اٺن مهينن جي ترنم ناز جي نوڪريءَ سندن گهر جو نقشو ئي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. تڏهن سيني گڏجي ويهي صلاح ڪئي ته ڇو نه اختر صاحب طرفان ڪيل ترنم ناز جي سڱ جي گُهر قبول ڪئي وڃي ۽ اختر صاحب جي عنايتن مان ئي پنهنجي پيرن تي بيهڻ جو سامان ناهي وٺجي. جڏهن اصولي طور هو سيئي متفق ۽ راضي ٿي ويا. تڏهن ڪنهن آڙيڪاپ جي مائٽاڻي ۽ ماهراڻي صلاح تي به غور ويچار ڪرڻ لڳا ته ڇو نه اختر صاحب جي ڀرين گهرواريءَ وانگر، آفيس وارو بنگلو وري حق مهر ۾ ترنم ناز جي نالي ڪرائجي ۽ پڻ جيترو بينڪ بيلينس ترنم جي نالي ڪرائي سگهجي، ڪرائي وٺجي. ڇو ته سندن خيال موجب هي ڀهراڙين جا ماڻهو ڪيڏي مهل به ڦرندي دير ڪو نه ڪندا. اُن صورتحال ۾ گهٽ ۾ گهٽ بنگلو ته ترنم جي نالي هوندو، جتي هوءَ باقي زندگي گذاري سگهي.

۽ هيڏانهن اختر صاحب جي سوچ، سمجهه ۽ حواسن تي وري ترنم ناز جي جوڀن، جوانيءَ ۽ جوش ايترو ته واسو ڪري ورتو هو جو کيس ترنم ناز کان سواءِ دنيا جهان ۾ ٻي ڪا شيءِ ڏسڻ ۾ ڪا نه ٿي آئي. جيئن ترنم ناز انگل ۽ آرا ٿي ڪيا، سي اکيون پوري پورا ڪيا ٿي ويا. اهڙي طرح ترنم ناز هاڻي اختر صاحب واري غير سرڪاري اداري جي ملازمه مان ڦري مالڪڻ بنجي ويئي ۽ ٻن مهينن اندر ئي سندس مائٽن کي به گهرائي پنهنجي بنگلي ۾ رهايائين.

اهڙي طرح آهستي آهستي ڪري ترنم ناز اختر صاحب تي پنهنجي حسن جي جَلوَن جا پوشيده راز عيان ڪندي، پنهنجي گرفت مٿس مضبوط ڪندي رهي. جڏهن کيس ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي لاڏ مان چوندي هئي: ”اختر جان، توهان سڄي عمر صدما سٺا آهن، اذيتون ۽ عذاب ڀوڳيا آهن. هاڻ توهان انهن جهنجهٽن مان آجا ٿي آرام ويهي ڪريو. مان آهيان نه پنهنجي اداري کي سنڀالڻ لاءِ. مون کي هاڻ توهان جو ٽينشن ۾ رهڻ برداشت نٿو ٿئي. سموري ڊيلنگ ڪرڻ ته مان کي اچي ويئي آهي. پوءِ توهان ڇو ٿا پريشان ٿيو.“ تڏهن اختر صاحب پنهنجي ڀلي بخت تي فخر محسوس ڪندو هو. ايئن ٿورڙي ئي وقت ۾ ترنم ناز اداري جي نئين چيئرپرسن طور متعارف ٿي ۽ سنت ئي پوءِ تنظيم جي جنرل سيڪريٽري طور پنهنجو ويجهو مائٽ ڀرتي ڪيائين ۽ پوءِ تنظيم جا ٻيا عهديدار به پنهنجي مرضي ۽ لاڳاپي وارا رکيائين ۽ ڪجهه ئي مهينن ۾ اداري جي اڳوڻي اسٽاف جي جاءِ تي به نيون ڀرتيون ڪري سمورا ماڻهو پنهنجي برادري وارا مقرر ڪيائين۽ جڏهن ڏٺائين ته هاڻ اختر صاحب جي اداري جو سڀ ڪجهه مڪمل طرح سندس قبضي ۾ اچي ويو آهي، تڏهن هُن پنهنجو اصل رُوپ نکارڻ شروع ڪري ڏنو.

ڪجهه ڏينهن کان هڪڙو خوبصورت ۽ خوش پوش شخص ڀرين سندس آفيس ۾ ترنم



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ناز سان ملڻ اچڻ لڳو هو ۽ پوءِ آفيس سان گڏ سندس گهر ۾ به اچڻ لڳو هو. جنهن لاءِ اختر صاحب کي ٻڌايو ويو ته هُو سندن ويجهو مائٽ آهي. پوءِ خبر پئي ته هُو ترنم ناز جو منگيندو هو. جنهن کي ڇڏي ترنم ناز اختر صاحب سان شادي ڪئي هئي ۽ جڏهن اختر صاحب اُن شخص جي اچڻ وڃڻ تي اعتراض ڪيو تڏهن سڄو ڊرامو کُلي سندس سامهون اچي ويو.

اختر صاحب اجا ڪو سخت ردِ عمل ظاهر ڪري ئي ڪري، تنهن کان اڳ ئي شهر ۾ هڪ لساني تنظيم جي ڪن ڇڙواڳ غنڊن هنگاما شروع ڪري ڏنا. جنهن جي ڪري سڄو شهر افراتفريءَ جي ور چڙهي ويو. انهيءَ ئي افراتفري ۽ هنگامہ آرائيءَ جي آڙ وٺي، پروگرام تحت، ترنم ناز جي برادريءَ جي ماڻهن اختر صاحب جي آفيس واري بنگلي تي حملو ڪري ڏنو. ٻاهران ڪجهہ ٻيچ ڊاهہ ڪري اندر ڪاهي پيا. جتي اختر صاحب کي جهلي ڏاڍي ڦيهہ ڪيڊي، ڪيس زوريءَ گهر مان لوڏي ٻاهر ڪيڍي ڇڏيائون ۽ چتاءُ ڏنائونس ته جي وري هن طرف اک کڻي نهاريو اٿئي ته تنهنجو لاش به مائٽن کي هٿ ڪو نه ايندو.

اِهو ته شڪر ٿيو جو اختر صاحب ماستري ڪا نہ ڇڏي هئي، جيڪا وري به ڪيس ڏکئي وقت ۾ ڪم اچي ويئي. نہ ته ترنم ناز ته ڪيس ڪٿي جو به ڪو نہ ڇڏيو هو. پنهنجي پهرين زال ۽ ٻارن کي پاڻ ڇڏي چڪو هو، ته ترنم ناز وري ڪيس لوڏي ڪيڍي ڇڏيو هو.

۽ اڄ اختر صاحب، صاحب نہ، خالي اختر پنهنجي اباڻي شهر جي اباڻي گهر ۾ اڪيلو ئي اڪيلو ويٺو آهي. اسڪول مان ڊيوٽي ڪري، هوٽل تان ماني کائي آيو آهي. ڪتاب آهن، جيڪي سندس اڳيان پنيان ۽ آس پاس ۾ ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. سگريٽ سندس آڱرين ۾ جلي رهيو آهي. هُون ڪنهن گهري سوچ ۾ ٻڏل آهي.

25 جنوري 2013ع



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano